# نياريون وٿون

(هڪ سؤ هڪ ننڍڙا مضمون)

ٻارن لاءِ ڪتاب



محمد اسماعيل عرساڻي

سنڌي ادبي بورڊ

# نياريون وٿون

[هڪ سؤ هڪ ننڍڙا مضمون]

محمد اسماعيل عرساڻي

سنڌي ادبي بورڊ
جامشورو سنڌ
2005ع

[هن ڪتاب جا جملي حق ۽ واسطا سنڌي ادبي بورڊ وٽ محفوظ آهن]

چاپو پهريون سال 1980ع تعداد 3000
چاپو ٻيو سال 2005ع تعداد 1000

قيمت: سٺ رپيا
[Price; Rs: 60-00]

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

ملڻ جو هنڌ:
سنڌي ادبي بورڊ جو ڪتاب گهر
تلڪ چاڙهي، حيدرآباد
(فون نمبر 633679)
Email Address: Sindhiab@yahoo.com

هيءُ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو ۾ سيد سڪندر علي شاهه مئنيجر پرنٽنگ پريس ڇپيو ۽ انعام الله شيخ سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ ان کي ڇپائي پڌرو ڪيو.

# ڇپائيندڙ پاران

سُتريل ٻولين جي شاهوڪار ادب ۾ ٻاراڻي ادب جي تحريرن/لکڻين کي هڪ ڌار ۽ خاص اهميت حاصل آهي. جهڙي طرح ڪنهن به عاليشان عمارت جي تعمير جو خواب تيستائين پورو ٿيڻ ممڪن ناهي، جيستائين پڪي پيڙهه، مضبوط اوسر ۽ ڏيان سان ڀرپور ڪاريگريءَ جو ان ۾ دخل نه هجي. ساڳيءَ ريت ڪنهن به خطي جو ادب شاهوڪار علمي ورثو رکندڙ ٻولين سان ڪلهوڪلهي ۾ ملائي بيهي نٿو سگهي. جيستائين مَنجهس ٻاراڻين تحريرن/لکڻين جا مٺيادار موتي اسري نٿا اچن.

جيتوڻيڪ سنڌي ادب جي ٻاراڻي پاڳي جو ڪم جنهن معيار سان ٿيڻو ڪپندو هو، اهو ته نه ٿي سگهيو آهي، پر تنهن هوندي به هن سلسلي ۾ جن ليکڪن، قلمڪارن پنهنجون تخليقي صلاحيتون بروءِ ڪار آڻيندي عالمي گهرجن وٽان ٻاراڻو سرجڻ جي ڪوشش ڪئي منهنجي نظر ۾ ان کي يڪسر رد ڪري ڇڏڻ به بيقدريءَ جو مظاهرو ٿيندو.

زير مطالع ڪتاب "نياريون وٽون" بابت هاڪاري راءِ ڏيڻ رڳو "لفظي ميار" لاهڻ جي برابر ٿي ناهي، بلڪ ڪتاب ۾ ليکڪ جنهن شاندار نموني روزمره جي زندگيءَ ۾ وساريل/غير اهم ڄاڻائي نظر انداز ڪيل شين جي اهميت نصيحت آموز انداز ۾ بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، اُن سان ٻارڙن جي ذهني پرورش ۽ معلوماتي سگهه ۾ اضافو ٿيڻ کان سواءِ وڏڙن جي ذهن ۾ ڪيترن ئي وساريل شين جا عڪس ۽ اهميت ابري اچڻ جي اميد پڻ آهي. ڪتاب ۾ جيڪا نج، ڌاري ٻوليءَ جي اثرن جي گدلاڻ کان آزاد سنڌي ٻولي ڪتب آندل آهي. سچ ته ان کي ڏسي دل ٺري پوي ٿي.

ڪتاب جي اهميت جو اندازو ان حقيقت مان به لڳائي سگهجي ٿو ته 1980ع ۾ هن ڪتاب جي پهرين ڇاپي طور ڇپرايل ٽي هزار ڪاپيون ڪجهه وقت اندر ئي هٿو هٿ وڪامي ويون، ڪافي وقت کان ان کي ٻيهر ڇپرائڻ جي رٿا بورڊ انتظاميه جي ويچار هيٺ هئي. آئون پاڻ کي ڀاڳوند ڀانيان ٿو جو ڌڻي تعاليٰ هڪ نيڪ ڪم کي مڪمل ڪرڻ جي سعادت جو شرف بخشيو اٿم.

ڄام شورو سنڌ
10 جنوري 2005ع
بمطابق 28 ذوالقعد 1425 هجري

**انعام الله شيخ**
سيڪريٽري
سنڌي ادبي بورڊ

# مهاڳ

هيءُ "نياريون وتون" ناليَ سان ڪتاب جنهن ۾ ڪُل هڪ سؤ هڪ ننڍڙا ليک لکيا اٿم، سو پڙهندڙن جي اڳيان آهي.

سنڌي ساهتيه جي گهڻگهرن کان گهڻو ڪري اهوئي ٻول ٻڌڻ ۾ ايندو آهي، ته اسان کي پنهنجي لکيتن ۾ نج سنڌي لکڻ گهرجي، پر وري به جڏهن لکندا آهن ته اهائي ڌارين ٻولين جي اکرن جي ڀرمار هوندي آهي. ڇي، ان کان سواءِ اسان جا ليک ٻُسا ٿيو پون. ائين به چوندا آهن ته: نج سنڌي لکڻ ۾ اسان کي ڏاڍي اهنجائي ٿئي ٿي ۽ لکت جي ٻولي به سهٽي نٿي ٿئي، ان ڪري لاچار آهيون.

پر مون جيڪي ڪجهه لکيو آهي ان ۾ نج سنڌي ٻوليءَ جو ڌيان رکيو اٿم. رڳو اسم خاص، پهاڪا، چوٽيون يا بيت جيئن آهن تيئن لکيا اٿم، بيو سڀڪجهه نج سنڌي ٻولي آهي. مون کي ته سلوٽي ڏسڻ ۾ اچي ٿي ۽ نه ٻُسي يا الوٽي. پڙهندڙ هن ڏس ۾ پاڻ پڙهي نياءُ ڪن. ڪي ڪي اکر جهڙوڪ زور (ٻل) خبر (ڪَل)، خير (سک)، شيءِ (وٿ) ۽ اهڙا ٻيا اکر جي سنڌي ٻوليءَ ۾ اهڙا ته گڏ سڏ ٿي ويا آهن، جي نج کان به نج ڏسڻ ۾ اچن ٿا، انهن جي لکڻ کان به نه مڙيو آهيان. "شيءِ" اکرن نج عربي آهي، پر اسان جا ننڍا ٻار به شيءِ شيءِ چوندا آهن. پر "وٿ" اکر سمجهندائي ڪونه. ان طرح "وقت" اکر سولائيءَ سان اُچاريندا، پر "ٽاڻو" نه سمجهندا ۽ نه چوندا. اهڙا اکر "نياريون وتون" ۾ ڳاڻ ڳڻيا مس ليندا. جن جا نج سنڌي بدل به آيم ٿي، پر انهن جي لکڻ ۾ ڪوبه ٻولو نه ڄاتم. ان هوندي به منت ٿو ڪريان ته جيڪڏهن ڪا ڀُل

ڇُوڪ ڏسڻ ۾ اچين ته پنهنجا ٻال ٻَلاٽي اُها ليکي ۾ نه آڻين. چوندا آهن ته ”ٻُلٽي ڇُڪٽي مار ڪانهي!“

هن ڪتاب ۾ جيڪي ليک ڏنا ويا آهن، سي سڀ هڪ يا ٻن نمونن جا مس ٿيندا. انهن ۾ رڳو ٻارن سان ٻه-چار ٻول ڪيا ويا آهن. هي سڄو ڪتاب ٻارن جي ڄاڻ وڌائڻ لاءِ سٽيو ويو آهي، پر آس اٿم ته وڏن کي به ان مان گهٽ ۾ گهٽ لاڀ پراپت ٿيندو. مون کي هن ڪتاب لکڻ ۾ ڪا گهٽي ويرم ڪانه لڳي آهي. ڏهاڙي پنج- ڇهه ليک لکندو هوس ۽ منهنجو پُٽڙو اعجاز، اهي سنئن اکرن ۾ اتاريندو هو. اهڙيءَ ريت هڪ مهيني ۾ هيءَ سوکڙي لکي وڃي پار پيس.

هن ڪم ۾ منهنجي ڀاٽيجي شمس الدين عرساڻيءَ مون سان ساٿ ڏنو آهي، ان جو ٿورائتو آهيان.

جيڪڏهن منهنجو پورهيو پڙهندڙن کي وڻيو ته ڏاڍي سرهائي ٿيندم ۽ ڏٺيءَ سڳوري جا ٿورا مڃيندس، جنهن هيءَ همٿ ڏني. اڳتي به اُن ننگيءَ تي ننگ آهي!

ننگ ننگيءَ تي ننگيءَ نار،
ڪيئن وساريان سو سردار!

جيڪڏهن سنڌي ٻوليءَ جي پارکن کي هي منهنجون ٻچارون وڻيون ته مون لک ڪٿيا. هن اگهائيءَ جي سَمي ويهي وندر ڪئي اٿم ۽ رنڊا روڙيا اٿم. هاڻي به:

جي اگهي ته ڪائو ڪچ.
نه تہ ماڻکن موتي ٿئي!

محمد اسماعيل عرساڻي
حيدرآباد سنڌ
آڪٽوبر 1979ع

# فهرست


| | |
|---|---|
| 1- ڪک | 1 |
| 2- متي | 3 |
| 3- چيٽو | 6 |
| 4- ڏهيون، ڪونڌا ۽ ناوا | 8 |
| 5- آڳڙيون ٽڳڙيون | 10 |
| 6- ڪُنپيون | 13 |
| 7- ڪيوليون يا ماڪوڙيون | 14 |
| 8- ڪوريئڙو | 17 |
| 9- ٻڙي | 20 |
| 10- ڪانءُ | 21 |
| 11- جُتي | 23 |
| 12- پنپوري | 25 |
| 13- ڪڙڪُپيتو | 26 |
| 14- ٽُوه | 28 |
| 15- ٻي پاڙي | 29 |
| 16- چيڙُ | 30 |
| 17- پَؤنرُ | 31 |
| 18- جؤرون | 33 |
| 19- ڏنگُ | 34 |
| 20- ڳاهُ | 35 |
| 21- آرونُ | 37 |

| | |
|---|---|
| 22- ميِنهن وساڙو | 38 |
| 23- گهريتڙي | 40 |
| 24- ڦوتو | 42 |
| 25- واڇوڙو | 44 |
| 26- ڏُبَڻ | 45 |
| 27- شرم ٻوٽي | 46 |
| 28- رُڃَ | 48 |
| 29- انڊلٺ | 50 |
| 30- سَن | 51 |
| 31- ڄارو | 53 |
| 32- ڏڀند | 54 |
| 33- پورُو ڪينئون | 56 |
| 34- ڄاهو | 57 |
| 35- ڪُمُ | 59 |
| 36- ڪيڪڙو | 60 |
| 37- چمڙو | 61 |
| 38- هَرڙُ | 63 |
| 39- گينگو | 64 |
| 40- ڪاترِو | 65 |
| 41- سِپون ۽ ڪوڏيون | 66 |
| 42- سؤپيري | 68 |
| 43- سونا گيڙو | 69 |
| 44- ڪُت | 71 |

45- ڪنيڙيون ........................ 72
46- ڪُونجَ ........................ 73
47- روهيڙو ........................ 74
48- مورُ ........................ 75
49- پونئرا ........................ 78
50- چِڃَڙ، جوا، ٻَگهيون ........................ 79
51- ٻِقو، لِيڪون، جِيون، جون ۽ گهتا ........................ 81
52- مَڪَڙ ........................ 83
53- پِپُون ........................ 86
54- نهائين ........................ 86
55- ڪؤنر، گگر ۽ لاڪ ........................ 89
56- ڏنار ڪتوري ........................ 90
57- ڪانَ ڪُتو ........................ 91
58- پَتَ ڪُنوار ........................ 92
59- ٻابيهو ........................ 93
60- ٽنب ۽ ڏٽو ........................ 94
61- تَتو ........................ 95
62- مريڙو ........................ 96
63- ٻوراني ........................ 97
64- ٻيڻ، ٻهَ ۽ لوڙهه ........................ 99
65- تلور ۽ گوڙامٽو ........................ 100
66- شڪاري پکيَ ........................ 101
67- چانهِ ........................ 103

| | |
|---|---|
| 68- پُسي، ڏؤنرا ۽ پَڪا | 104 |
| 69- ڳجهه | 106 |
| 70- سانباهو | 107 |
| 71- سُرو يا گهٽو | 108 |
| 72- نورُ | 109 |
| 73- ساندو، ڳلوئي ۽ ڳوهه | 111 |
| 74- چپرو | 111 |
| 75- لُنڊڙو | 113 |
| 76- پاٽيءَ جا پکي | 114 |
| 77- ٻَرجون بلائون | 115 |
| 78- ليار ۽ ڳاگيون | 118 |
| 79- گيدوڙا ۽ ليسوڙا | 118 |
| 80- مڇيون | 119 |
| 81- سائون | 121 |
| 82- ڦُلا ۽ پُگڙا | 122 |
| 83- ڳنا | 123 |
| 84- رُمي | 125 |
| 85- سارين جون بيماريون | 126 |
| 86- پينهون | 128 |
| 87- ڪٽ | 129 |
| 88- ڇاپُرو پير | 130 |
| 89- ڪَميري | 132 |
| 90- گهوٻاٽو | 133 |

| | | |
|---|---|---|
| 91- آپوُن | ........................ | 135 |
| 92- لپئي | ........................ | 136 |
| 93- پنجيري | ........................ | 137 |
| 94- ٽونٽا | ........................ | 137 |
| 95- جهُل ۽ نَٽَ (نطع) | ........................ | 139 |
| 96- پوکر | ........................ | 141 |
| 97- ميٿ | ........................ | 142 |
| 98- ڪسوٽي | ........................ | 144 |
| 99- پڙلاءُ يا هوبہو | ........................ | 145 |
| 100- پنڙ | ........................ | 146 |
| 101- وهائي | ........................ | 147 |

آءٌ هيءُ ننڍڙو ڪتاب "نياريون وتون" وڏيءَ سِڪ سان سنڌي ٻوليءَ جي سيني سڄڻ اڳيان جهوليءَ ۾ جهلي آڇيان ٿو، پوءِ ڪٿي اُهي هن ذرتيءَ جي کهڙي ٻہ پاڱي ۾ وسندا هجن:

پلئہ پايو ڪچ، آڇيندي لڄ مران!

# نياريون وثون

ڪري- آهن ته ڪٺڪ جون تيليون ۽ سَرن جا تيلا به ڪک. هاڻي انهن ڪکن جو مُله ڪَٿي ڏسو.

سنڌيءَ ۾ چوندا آهن ته "ٻڌندو ماڻهو ڪکن جو سهارو ڳولهي." هن پهاڪي جي پيچ گهڻ ڪبي ته سمجهه ۾ اهائي ڳالهه ايندي ته ماڻهوءَ کي ڪڏهن ڪڏهن ڪک به سهارو ڏئي ٿو- اهو به ٻڌو هوندوَ ته سياڻن چيو آهي ته، "جو ڪک جو چور سو لک جو چور."

هن جي مراد به اهائي ٿيندي ته جيڪو ڪک جهڙي بروبر ملهه واري شيءِ چوري ڪندو، سو لک جي چوري ڪندي به نه ڳسندو. جيترو لک جو چور ڪپتيو سڏبو، ڪک جو چور به اوترو ئي ويساهه کان ڪِريل هوندو. ڪک جي اکر کي ڏاهن ڪيترو نه پهاڪن ۾ ڪم آندو آهي ۽ ان مان ڪيترا نه ڳڻ ڳولي ڪڍيا اٿن.

ماڻهو ته پنهنجي جاءِ تي، پر پکي پکڻ به ڪکن سان ئي پنهنجا آکيرا ٺا جوڙينَ- جهرڪين جا آکيرا ڏسو ۽ رنگارنگي ننڍڙن ڇيهن جي گهرن تي نرت وجهو- اهي ڪهڙا نه سهڻا ۽ سوبياوان هوندا آهن. وڻن ۾ لڙڪندا پيا آهن ته اهي ڪيئن نه پيا من کي موهيندا ۽ سيبائيندا آهن- اهي ويچارا نه ته سرون گڏ ڪن ٿا نه لوهه جون سيخون- اهي ڪک ئي ته آهن جي انهن جي مانجهاندي جو ماڳ آهن- پکي پکڻ جڏهن آنا لاهين ته انهن کي ڦوڙڻ تائين انهن ڪکن جي وچاٽي تي ئي رکندا آهن- سکين سنتابن جا هند وهاٿا برابر ملهائتا آهن پر هي ڪک ڇا ۾ گهٽ آهن.

هيءَ پرٿوي رڳو سوچڻ جي جاءِ آهي- اهي شيون جن کي اسين ڪي ڪين ٿا سمجهون، انهن تي ويچار ڪرڻ سان اسان کي ڏسڻ ۾ ايندو ته خدا هر هڪ شيءِ کي ماڻهو ۽ ٻين ساهه وارن لاءِ هڪ جهڙو املهه ڪري جوڙيو آهي- پوءِ اسان کي مورهين نٿو جڳائي ته ڪک کي لک کان ۽ هيٺي کي ڏاڍي کان گهٽ سمجهون. خدا جي جوڙيل شين کي هڪ ٻئي کان گهٽ وڌ چو چاڻجي؛ چو نه سڀني شين کي هڪجهڙو مانائتو سمجهون ۽ خدا جي هنن سڀني شين

جا هڪجهڙا تورا ڳايون.

ڏٺيءَ جــا اسين گيت ڳايون سدا،

اڳيان تنهن جي سر پڻ نمايون سدا.

تر جا ابوجهه ماڻهو ويچارا ته مال جي ڳاهه ڪي، جڏهن اهو وسڪاري مهَ ڦٽي نروار ٿئي ته چون ٿي انين ته "ادا، هن پيري ڪڪ جام ٿيو آهي." اسان جي تر لاءِ ڪڪ ئي ته جياپو آهي، ڪڪ آهي ته -ڏُڌ، لسي، گيهه، مکڻ، مَنُو آهي نه ته اسين مارو ماڻهو نه مُڻن گڏ نه جيئرن پيڙا. پلاٽي ڪري ڪڪ کي ڪڏهن به نڪمي شيءِ نه سمجهندا ڪريو، ايئن ڪرڻ سان ڏٺيءَ جو ڏمر پراپت ٿيندوَ جنهن کان بچندا رهو. منهنجي اها وياکياڻ اتوَ جنهن کي سدائين چت تي رکو ۽ وساريوَ نه.

"اها سگهڙ سُمَت، چوکي رک تون چت مهَ!"

## 2- مٽي

واءُ لڳي ٿو، مِٽي اُڏامي ٿي. اسان جو ڏيل يا بُت مٽيءَ سان پرجي وجي ٿو، هنڌ ٿپڙ، ڪپڙا لٽا، گهر گهاٽ ڏوڙ ٿيو وڃي. اسين پنهنجو پاڻ کي پيا ڇنڊيون ڦوڪيون، ٿپڙ ٿاڙي ڇنڊيون ۽ گهر کي بهاري ڏيئي اڇو اجرو ڪريون، وهنجي سهنجي پاڻ کي اُجرو ڪريون. ڳالهه جو وت ڳاٽو ته مٽيءَ کان پاڻ کي بچائڻ لاءِ سيئي جتن ڪريون. سائينءَ کي پاڏايون ته اي ڏٺي، مٽيءَ کان ڇوٽڪارو ڏئي، مٽيءَ ڏاڍو ڏکيو ڪيو آهي. ڏسو ته مٽيءَ کان ڪيتري نه بُچان ٿي اچي! پر اڙي آدم جا پُٽڙا، ڪڏهن ان ڳالهه تي به سوچيو اٿئي ته مٽي ڪهڙي نه مُلهائتي وٿ آهي. جنهن کي تون هڪ نڪمي شيءِ سمجهين ٿو اها ڪيتري نه ڪمائتي آهي. هن ڳالهه تي سوچ ويچار ڪر ته ڏنڌين آڱريون اچي وينديءَ ۽ اهو چوڻو پونديءَ ته هاءِ آءُ ڪيترو نه پليل آهيان.

اها جانچ ڪئي اٿئي ته تون نهيل ڇا مان آهين! مٽيءَ جو پتلو نه آهين؟ قرآن پڙهي پٽي ڏس، سياڻن ۽ ڏاهن کان پڇا ڪر ته پڪ ٿيئي، آخوند محمد

ڪان پڪي ٿي ويندي، تڏهن ان کي آڏاڻن تي چاڙهي، اُڻ جهڙو بڻائيندا آهن. آڏاڻي تي تاڄي چاڙهڻ کان اڳ ان جي ڳنڍڻي ٿيندي آهي، جنهن ۾ اوزار سان جدا جدا رنگن جا پتا پتا ناهي، اُميرين سان تندون ڳنڍيندا آهن. اها تہ تي تاڃي، هاٿي پيٽي جو وارو ايندو، جنهن لاءِ نڙا کپن. اهي نڙا بہ مايون ارٽ تي ويهي نڙاندين تي پريندي بيون آهن. ٽڪُ ۾ نڙاندي وجهي ارٽ ڦيرائڻ سان پاسي ۾ رکيل اوبري مان تند نڙي تي ويڙهبي ويندي ۽ سوبن نڙا پري وجي پار پوندي يون آهن. اهي نڙا ڪوري ڪٽي ويندو. پهريائين انهن کي پير ۾ رکيل ڪونڊي ۾ پسائي چڏيندو ۽ پوءِ هڪ هڪ ڪري ڪم آڻيندو. هڪ پيٽيءَ تي چڙهي ويندو ۽ ان کي هٿئي سان نوڪ ڏيئي بيو نڙو ڪٽندو. هڪ پَهروُ پورو ٿيو تہ اهو نوڪ ڏيئي ٽُرائي سان ڦيرو ڏئي ٽُرُ تي چاڙهيندو، پر ان کان اڳ ۾ ان کي ڪنؤنر جي پوٽي سان پسائيندو آهي تہ ڪپڙو سپڪ رهي. اهڙيءَ پَر جڏهن تاڪيو، جو گهٽو ڪري ٿيهن هٿن جيترو هوندو آهي، سو اُجي تيار ٿيندو تہ پچاڙيءَ ۾ سُٽ جون پوچڙيون، جن کي "ڏهيون" چئبو آهي، سي بچي پونديون آهن، جي وڏي ڦٽيون ڪبيون آهن.

جڏهن سڄو تاڪيو اُٺجي ويندو آهي تہ ٽُر کي اُس تي سڪائي، پوءِ ڪپڙو ٽُر تان لاهي، تاڪيي وانگر ويڙهندا آهن ۽ پچاڙيءَ ۾ باقي نائو بچندو آهي، ان جا ڏاڳا مايون ڪيترن ئي ڪمن ۾ ڪم آڻينديون آهن ۽ ڇوڪرا بہ انهن مان ڏاڳ ٺهي، ڪينهوڙن تي ويڙهي، سنا ڪينهوڙا تيار ڪندا آهن ۽ ڏهين جي ڏاڳن سان ئي ڪينهوڙن کي جاري بڌندا آهن. ناوا وري چلم جي نڙ ۽ گوءِ تي ويڙهي، انهن کي پسائي، نڙ تازو ڪبو آهي تہ چلم جي ڦوڪ ٺڏي نڪري.

باقي رهيا ڪُونڌا. انهن مان بہ ڪيترا ڪم ورتا وڃن ٿا. مُنجهيل سُٽ کي ڪونڌا چئبو آهي. مايون جڏهن نڙا پريندي يون آهن تہ ڪڏهن ڪڏهن سٽ مُنجهي پوندو آهي تہ اهو منجهيل سٽ چني، اڃلي ڇڏينديون آهن، جن کي

منٿون ڪري انهن ڪان ونن. درزين ڪي چون تہ ابا ڪاتر ڦٽي نہ ڪجو، اسان ڪي ڏجو تہ اسان ڪي ڪم ايندي. انهيءَ ڪاتر مان وهاٽا پرين، جي ڪپهہ جي جاءِ ونن. مايون چونديون آهن تہ "ابا، ڪم سان ڪم، سمهڻ مهل مڙني مٿو مٿيرو هجي. اسان ڪي هي اڳڙين جو رليون ۽ وهاٽا جمار گذارڻ لاءِ بس آهن، وڏيڪ اسان ڪي ڇا گهرجي. شاهوڪار پلي تہ پَٽ جي هنڌن تي سمهي ڪونگهرا هٽن، اسان ڪي هي پٽ پٽيهرن ڪان وڏيڪ ڀلا آهن. وڏن ماڻهن ڪي تہ ڪپهہ ۽ پَٽ جي هنڌن ۾ بہ ننڊ نہ اچي ۽ پيا پاسا ورائيندا آهن، پر اسان ڪي تہ ڪنڊن تي گهَري ننڊ اچيو وڃي، ڏهل پيا وڄن تہ بہ سجاڳي نہ ٿئي- شاهوڪارن جي ننڊ جهرڪيءَ جي چون چون بہ ڦٽايو رکي."

پيرن يا خدا وارن جي آستن تي بہ جهنڊون لاهرائي، ماڻهو اڳڙيءَ ۾ مٿن تان ڪوڙيل وار ڳنڍ ڏيئي، ڪنهن وڻ ۾ ٻڌي ڇڏيندا آهن. انهيءَ ڪم لاءِ بہ تہ اڳڙيءَ تڪر ئي ڪم اچي. ٻارن ڪي تڏ تپ ٿئي تہ ڪاڙهو ڪاڙهي اڳڙي تڪر ۾ ئي تہ ڇاڻبو آهي. ڪنهن لڱ تي ڏڪ لڳي ۽ رت نڪري پوي يا ڪٿي ڦٽ ڦرڙي ٿي پوي يا ڪنهن ڪي اک تي پٽي ٻڌڻي هجي تہ اڳڙيءَ جي پٽي ئي تہ ڪم اچي. ڪا ٻتي ميري ٿئي يا لالٽين يا چمني ڪاري ٿئي، ڪٿي ڪو ميرو ڊُبو ٿي پوي، ڪٿي ڪو سٽيپ يا مس جو ڇِٽو ٿي پوي- ڪلڪ تان مس اُگهٽي هجي تہ بس اهائي دانهن ڪبي تہ "اڙي ڪو اڳڙيءَ تڪر ڏيو تہ اُگهي اجرو ڪريان. اڳڙيون يا ڪاڳر ڳچ ڏينهن پسائي پَٽ ڪري، ڪُٽي سَٽي ڪِرت وارا همراهہ انهن مان اهڙا تہ رليف مئپ (نقشا) ٺاهي، انهن ڪي رنگ روپ ڏئي پهاڙن، ڊِنين، سمنڊن، اپ ٻيٽن، اپ سمنڊن، ندين ۽ نارن، راسين ۽ ٻيلن جا اهڙا تہ نيشان ٺاهي ونن، جو واهہ واهہ! جا آواز چپن تي پهچيو وڃن.

اڙي مايون اڳڙيون، اوهان ڪي جڏهن ڪو نڪمي وٽ ڪو نيندو آهي تہ مون ڪي ڏاڍو ڏک ٿيندو آهي. اوهان جي مُلهہ جو ڪاٿو لڳائيندو آهيان تہ اوهين سون ڪان سوايون ڏسڻ ۾ ايندڙيون آهيو. اوهان جي هوند سان اڻ هوند وارن جا ڪيترا نہ ڪاج ٿا سَرن. ٻارن جي راند روند ۾ ونڊر جون گُڏيون ۽ انهن

ڳنهندا آهن. پوءِ انهن ڪُنبين کي شهري توڙي ٻهراڙيءَ جون مايون ڏوئي ڏمالي ڳنرا ڳنرا ڪري ڏاڍا گيهه جا داڳ ۽ پُڃڻيون ڏئي اهڙو تہ سوادي ٻوڙ تيار ڪن، جو هٿ ۽ چپ چٽيندا رهجو وڃون. ڪنبيون جيڪڏهن ٻين پاڇين وانگر ٻج چٽڻ سان پوکيون وڃن تہ سندن ايڏو مانُ ٿيئي ڪين يا ڪا ڪُنبين کي پاڙ هجي تہ بہ جوئر جي کيتن وانگر ڦُٽي پون، پر سڀاجهي سائينءَ هنن جو ٻج ئي نہ اُپايو آهي تہ پلي سندس ٻانها انهن جي سڪ ۾ سال گذارين ۽ منهنجا ٿورا ڳائيندا رهن ۽ سوال ڪن تہ سائين سانوڻ آڻ.

# 7- ڪيوليون يا ماڪوڙيون

ڪيوليون ڪنهن نہ ڏنيون هونديون؟ گهٽين ۾ گهرن ۾ جتي ڪٿي سندن واسو آهي، ڌرتيءَ ۾ سنها سنها ٻر ناهي انهن ۾ هزارن لکن جي ڳاٽيتي ۾ رهن. ماڪوڙيون آهن تہ هڪ ننڍڙو جيوُ پر ڪم وڏا ٿيون ڪن. سندن پاڙا بہ ٽي آهن: هڪڙيون تمام ننڍيون سنهيون ڳاڙهيون جئين وانگر، ٻيون وڏيون پيٽ پُني ڪاريون تئين ۽ ٽيون اڇيون. انهن اڇين کي اڏوهي بہ ڪوٺين؛ انگريزيءَ ۾ ڪين "وائيٽ انٽس" چون. پهريون ۽ ٻيو پاڙو هرڪا اها شيءِ، جا ماٺو ڪائين، سي سڀ شيون ڪائين. باقي اڇيون ماڪوڙيون يا اڏوهي ڪاٺ ۽ ڪاڳر ڪائين. ڪاٺ ۽ ڪاڳر جي دستين سان هاڃا ڪريو ڇڏين. درن دروازن جي ستياناس ڪريو ڇڏين ۽ ڪتاب ٽُڪي ڇيهون ڇيهون ڪريو ڇڏين. اُن ڪري اُنهن جي بچاءَ لاءِ ڪتابن ۾ نم جا پن ۽ تماڪ جا پن وجهبا آهن، درن درين کي ڏامر لڳائبو آهي ۽ دفتر جي ڪاٺ جي گهوڙن جي پيرن هينان پاڻيءَ جون ڪونڊيون پيري رکبيون آهن تہ ڌرتيءَ تان مٿي چڙهن تہ پاڻيءَ جي ڪونڊين ۾ ٻڏي وڃن.

سنهيون ڳاڙهيون ماڪوڙيون تہ جنهن شيءِ تي چڙهيون، ان جا ياڳا ڪڍيو ڇڏين. ڪنڊ ۽ ٻين مِٺين شين جهڙوڪ ماکيءَ جون تہ ويري آهن، ڪنهن جي ڪپڙي يا هنڌ تي ڪا مِٺي شيءِ ڪِري تہ اتي بہ چڙهي ويندون ۽ ماتهوءَ

چيائين مون کي دل گهرئي سنگتيءَ چيو،
اُن چوڻ تني هي اتم پورهيو ڪيو.
تنهن تي ماٺوءَ کي لڳو ڏاڍو عجب،
چيائين اي ڪنلي، سُٽج تون هي سبب:
وات ۾ تون تي ڪٽي تورو ذرو،
ڪيئن ڪُتائيندينءَ پلا ايڏو ڏڙو؟
'تنهن تي ڪنليءَ چيس هيءَ ڳالهه سُڻ:
مون ۾ ته آهي اورچائيءَ جو گُڻ.
ڪم ڪرڻ کان ٿيندس ڪڪ مُور ڪين،
جي مُيس ته به چوندم آفرين!

هي ماڪوڙيون وري وير-وٿو به ڏاڍيون تيندَيون آهن. اوهان ۾ هڪ آکاڻي به پڙهي هوندي، جا آهي "نانگ ۽ ماڪوڙيون." هڪ نانگ ڏهاڙي ماڪوڙين جي برن وٽ اچي ماڪوڙيون کائيندو هو. هڪ ڀيري اهو نانگ در مان تي لنگهيو ته رهڙجي پيو، کل ڇلجي پيس ۽ رت وهڻ لڳس. ماڪوڙين کي به سُڌُ پئجي وئي. هنن کي به هٿا ساڻ، سي چڙهي ويس ۽ چڪي چڪي ساهه ڪڍي ڇڏيائونس. چوندا آهن ته "ڪنهن به ساهه واري کي نه ڏڪوئجي." ڪڏهن انهن جي بُلَ ۾ اچي وجبو ته اڳيون پويون ڪسرون ڪڍي ڇڏيندا، تنهنڪري ڪنهن کي به نه ڏکوئجي. ڏسو ته ماڪوڙيون ويچاريون ڪيڏيون نه ننڍڙيون آهن ۽ اسان جي پيرن ۾ پيون لتاڙجن. اسان جا ٻار به ڇچي، تندڻ يا ڏينيوءَ کان ڊ ڄندا، پر ويچاري هيٺي ماڪوڙيءَ کي مارڻ ۾ دير ئي نه ڪندا. سچ ته هيٺن تي سيڪو ايندو تو رهي، پر پاڻ کان ڏاڍي سان هٿ ئي نه اٽڪائيندو!

ويچارين ماڪوڙين کي اکيون ٿين ئي ڪونه. سندن سُنگهڻ واري اندري ڏاڍي تکي هوندي آهي. هلنديون ويندون ۽ گهر جي ڇت تي به

جاريءَ کي ڪجهه به جوکو ڪين ٿئي، پر ڪو ماڻهو جاريءَ کي هٿ لائي يا ڪک سان ڇُهي ته اک ڇنڀ ۾ جاري ويڙهجي سيڙهجي ناس ٿيو وڃي، ۽ هٿن يا ڪک کي چنبڙي پوي. مَکَ يا مَڇَر جون ننگون کهڙيون سنهيون ۽ هلڪيون آهن، پر ڪوريئڙي جي جاريءَ ۾ ويا ته ڦاٿا. ڪوريئڙو جار ناهيندو ئي آهي پنهنجي پيٽ گذر لاءِ. جيڪي جيت ڦاٿا، انهن تي وارو ڪري وننڊو ۽ ڳڙڪائيندو ويندن. ڪوريئُڙي جي جاري، جا هونءَ ته بنهه سنهي آهي، پر ڏٺيءَ جي جوڙ ته ڏسو، جڏهن واڇون ايندڙيون آهن، تڏهن پٽر جون سَگهاريون جايون ۽ انهن جا منگهه: ٿُلها ٿُلها وڻ به پاڙؤن پٽجي ويندا آهن، پر ڪوريئڙي جي جار کي ايڏيون وڏيون واچون به ڪو جوکو رسائي نه سگهن. ڪوريئڙي جي جار جهڙي سا تهڙي لڏندي پئي، پر پٽجي اُڏامي پَٽ ڪونه پوندي. ڪري ٿي ڪا اِتي اسان جي سمجهه ڪم! ته هي سڀ الله سائينءَ جي جوڙ آهي، جنهن تي جيئن ويچار ڪبو، تيئن سمجهه دنگ رهجي ويندي.

اسان جي قرآن سڳوري ۾ به هڪ سورت سڳوري آهي جنهن جو نالو "عج ڪبوت" آهي، يعني "ڪوريئڙو". ها ها، اهوئي ڪوريئڙو جنهن جي ڳالهه پيا ڪريون. قرآن جهڙي خدا جي ڪلام ۾ ڪوريئڙي جي سورت لکڻ به ڏاهپ کان ٺلهي ته نه هوندي! اسان جو رب سائين به اسان کي ان مان اها ساجهه ڏسي ٿو ته اي ڪار مٺا، اُيا به پيرا، ساهه وارا ماڻهو! ڏسو ڏسو، سوچيو ۽ ويچار ڪريو ته مون ڪهڙي نه انوکي جوڙ جوڙي آهي. منهنجي هر هڪ ڪم ۾ اوهان جي ڏيان ڏيڻ لاءِ هڪ وڏي ساجاهه سمايل آهي. تنهنڪري منهنجي ساراهه ڪريو ۽ وڏائي ڳايو، مون کي سڀ ويل ساريو ۽ منهنجا ڳڻ ڳايو.

پڙهندڙ پائرن رابرٽ بروس راجا جي ڳالهه ته پڙهي هوندي ته هن کي ڪوريئڙي ڪهڙي ساجهه سيکاري: هڪ ڪوريئڙو هو جنهن هڪ پٽ تي چڙهڻ جي لاءِ ڇهه پيرا ڪاهه ڪئي. پيري پيري سان ان تان ڪري ٿي پيو ۽ نيٺ ستين پيري پٽ جي چوٽيءَ تي چڙهي وڃي پار پيو. رابرٽ بروس سارو

رنگ ويني ڏنو ۽ پاڻ همت نہ هاريائين ۽ ويرين تي جُلهہ ڪري ويو ۽ سوبي ڪتيائين. ان ڳالهہ تي هڪ بيت بہ چيل آهي، جو اوهان پڙهيو هوندو، جنهن جون سٽون اوهان جي ڄاڻ لاءِ لکان ٿو:

ليٽي لعل پلنگ تي، ڪنهن ملڪ جي شاهہ،
اوريئو پيئي اندر ۾، ڪجي ڪا صلاح،
رعيت پڻ راضي ٿئي، سڀ ڪو چوي واهہ،
ڪانہ سجهيس ڪا راهہ، تيلهن مڙس موڳو ٿيو.

موڳو ٿي هي رهيو، وائي نہ آئي وات،
سڄ لهي سانجهي ٿي، مٿان پئي رات،
هي پنهنجي اندر سان، اوري اهائي بات،
مٿان تي پريات، جانو سج پڻ جام تي.

سڄ جانو، ٿيو سوجهرو، پلنگ نہ ڇڏيائين،
ڳڻتي انهيءَ ڳالهہ جي، پئي پل پل ڪيائين،
ڪِرندو ڪنهن مهل ڪوريئڙو، پَٽ تي ڏٺائين،
ڪوريئڙو اُٿائين، پوءِ چُري چڙهيو ديوار تي.

ڪوريئڙو ڪا هي هليو، چڙهيو مٿي ديوار،
ڪِري پيئڙو پٽ تي، موٽي سو تنهن وار،
همت نہ هاري تنهن ذري، ڪوشش ڪيائين بيشمار،
البت هٿ بہ چار، چڙهي سو مٿي ٿيو.

چڙهي سو مٿي ٿيو، وري ڪِريو پٽ،
تڏهن انهي شاهہ کي، ڪِل چڙي جهٽ پٽ،
چي، ويچاري وڏڻ سان، ڪانہ ڪئي ڪا گهٽ،
تڪڙ جنهين وٽ، سو مور نہ پهچي ماڳ تي.

ڇھہ پيرا ھي ڪِريو، سنيريو ستينءَ وار،
ڪي ڏيرو ڪني تڪڙو، چڙھي پيو ديوار،
پرو پنڌڙو ناھي ڪي، باقي ھٽ ٻہ چار،
پھتو جڏھن پار، تڏھن شاھہ شرمندو ٿيو.

اھو سجو بيت ڪوريئڙي جي اورچائي بابت آھي.

## 9- ٻُڙي

ٻڙيءَ کي ڪي صِفر چون، ڪي زيرو، ڪي پائنٽ، ڪي ڊيسيمل، ڪي ناٽ ۽ ڪي ڪجھہ! پر ٻُڙي چوڻ سڀ کان وڏيڪ وڻندڙ اٿوَ. ھيءَ ٻڙي جنھن کي نہ آھي تولھہ، نہ آھي ڊيگھہ، نہ آھي ويڪر، نہ آھي گھاٽائي، نہ آھي منجھس ٻيو ڪو گڻ. ان جا ڪم تہ ڏسو! ايڪو لکي ان جي کابي پاسي ٻڙي ڏيو تہ ھڪ جو ملھہ ڏھہ ٿي وڃي، ٻي ٻڙي ڏيو تہ سؤ، ٽي ڏيو تہ ھزار. ائين ڪروڙن تائين وڃيو پھچي. پر وري جي ان کي ايڪي جي ساڄي پاسي رکوس تہ سؤ ٻڙيون ڪٽي ڏيو پر ايڪي جو اگھہ اوتري جو اوترو، ھڪ تِرُ بہ نہ وڌي. ٻڙيءَ جو اھو جادو منتر بہ عجيب آھي. جَسُ ھجي ان ماڻھوءَ جي ڪوپڙيءَ کي، جنھن ھيءَ ٻُڙي ڳولي لڌي. ليکي چوکي جي ڪم ۾ سولائي ڪري وڌي، ۽ ھاڻي ساري جڳ جو ليکو انھيءَ ٻڙيءَ تي آڌار رکي ٿو. ٻڙي نہ ھجي تہ ڏھہ ايڪا، سؤ ايڪا ۽ ھزار ايڪا ڪڍي، اسان جا ھڏئي ڳري وڃن ۽ جڏھن انگ پڙھون تہ ايڪا ڳڻي ڳڻي اڌمُئا ٿي پئون. ڳڻپ ۾ ڪو ايڪو ڦلجي وڃون تہ وري ڳڻيون ۽ ڪم سڄو ھيٺ مٿي ٿي پوي. جڏھن ڪنھن ماڻھوءَ جو ھاج ڪم رُلي ويندو آھي تہ سنڌيءَ ۾ چوندا آھن تہ "بس ٻڙي اچي ويس." شاگرد ويچارا تہ ٻڙيءَ سان مٿو بہ گھٽو ڪپائين، پر ان کان ڇڄن بہ اھڙو جھڙو "ڪانءُ ڇڄي ڪاريءَ ڪان." شل نہ ڪنھن کي ڪنھن پيپر ۾ ٻڙي مارڪون ملن تہ سندس ڪاريَت ڏوھي ويندي، ۽ روئي ڏيندو. پاڙھيندڙن جي اک ۾ ھڪ پاسي، ھڪ جيڏن جي اکين ۾ ٻئي پاسي، مائٽن جي موچڙا ماريا ڇنبِ ٿئي پاسي، ڄمارئي وِھُہ. سچ پچ تہ ٻڙي آھي سا ننڍڙي پر آھي وِھُہ جي ڳنڍڙي.

هٿا. منهنجو جنم هڪ ڪلال جي گهر ۾ ٿيو. خبر نه آهي ته ڪنهن جي جوڻ وٺي آيس. ننڍي گابي هيس، مون کي پيار سان پاليو پئي ويو، وڏي ٿيس ته ڏاڍي سهڻي ۽ مناري ٿيس. مون کي سائو گاهه، ڪڙ ڪُتر ۽ ڏارو ملندو هو. نيٺ نڍان وڏي ٿيس ۽ پاڻ ماءُ ٿيس ۽ ٻچن کي جنم ڏنم. هرڪو ننڍي مان وڏو ٿئي ٿو، ٻلوان مان ٻيو ٿئي ٿو. منهنجو ٻڍاپڻ به اچي سهڙيو، اگهي رهڻ لڳيس. منهنجي مالڪ ڪلال دوا درمل، سُتيون ڦڪيون به گهڻي ئي ڪيون، پر موت اچي ڪنڌ تي ڪڙڪيو. منس ته ڪلال ڪاتي وڏي، سندم چوڙو لاهي سڪايو ۽ لوڻ ٻُرڪي بانس وچايائين. پوءِ اڪ جو کير مکي، وار ڏار ڪيائين، پوءِ منهنجي اُجري چمڙيءَ کي اڏوڙ تي چاڙهي روز ڏاڍو ڪُٽيندو هوم. ٻيرن جي چوڏن مان مون تي رنگ چاڙهيائين. رات جي تارن جي مٿم جوت پئي ۽ ڏَپ مان ڦري، مون ۾ سڳنڌ آئي. جڏهن منهنجو چمڙو هرهڪ جي چهڻ جهڙو ٿيو، تڏهن مون کي چڱي مُلهه ۾ وڪيائين. پوءِ ته وري اچي ياڳ ڪليو. مون مان مهانگيون ۽ مُلهائتيون بيگون نهيون، جوتا نهيا ۽ ٻيون اهڙيون ڪيئي شيون جڙيون ۽ ٽڪر منهنجو ڪنهن موچيءَ ڳنهي، مون مان سنڌي جُتي ٺاهي، جا هڪ سکر ماڻهوءَ کي وڪيائين. هن پنهنجي جتيءَ تي چانديءَ جي تارن جو پرت پرايو ۽ هرڪو مون کي هٽ ۾ ڪٽي، پنهنجي اڳيان چتائي ڏسندو ۽ وهسندو هو. ٿوري به مون ۾ دز پوندي هئي ته يڪدم چنڊيندو هو ۽ سٿرو رکندو هو. ڪڏهن ڪا لِڦ منهنجي مالڪ جي پيرن ۾ وڏي هوندي ته مون کي تيل مکيو ويندو هو ۽ ڪوٽرو ڪيو ويندو هو. چوري چڪاريءَ جي ڊپ کان منهنجي ڏاڍي سنڀال ڪئي ويندي هئي ۽ سدائين مون کي بِلاٽنو ڪري رکيو ويندو،هو ته متان ڪنهن جي ٻچڙي اک نه لڳي ۽ بدسوٽي نه ٿئي. مسجد ۾ نماز لاءِ منهنجو مالڪ ڪڏهن مون کي پير ۾ پائي ويندو هو ته ڪڏهن مون کي لاهي اندر وچي رکندو هو ته متان جتنين جي چور جي ور نه چڙهي وڃان. پاڻ ته وڏو جتن رکندو هو، پر ٻين کي به چوندو هو ته:

پنهنجي جُتين کان رهو سيئي نمازي هوشيار،
سوي مسجد پيو اچي هڪڙو خضر جي صورت.

ڏسو هن جڳت جا لاڙها چاڙها. هيٺ مٿا هيون. ڪڏهن پوچا جي شيءِ هيس، ڪڏهن منهنجو ڪير امرت ڌارا هو- ڪڏهن ڪلال جي ور چڙهيس، جا منهنجي سِسي برهمڻ چمندا هئا. ان تي ڪلال جي ڪاتي وهي، هڏ ماس کان منهنجو چمڙو جدا ٿيو- مون تي لوڻ ٻرڪيو ويو. اڏوڙ تي ڪُٽيس، ڪو تڪر ڪيڏانهن ويم ته ڪو ڪيڏانهن. مون مان چا چا نه ٺهيو، کهڙن کهڙن جي پيرن جيُ سوپيا ٿيس. هاءِ هاءِ، اڄ به اها ساڳي جتي آهيان، جنهن کي چنديو ڦوڪيو تي ويو. جڏهن پراڻي ٿيس ته مون کي منهنجي مالڪ جي نوڪرن پاتو. چتيون چتيون تي ويس ۽ نيٺ نڪمي ٿي، اچي هن گند جي ڍير تي پئي آهيان. ڪو اڪ ڪٽي ڪونه ٿو ڏسي ۽ نه ٿي ڪير منهنجي اتاهين تي سوچي ٿو ۽ نه ڪير منهنجي هي دکدائڪ ڪٿا تي ويچار ڪري ٿو. هن پرٿويءَ جو نالو ئي نانهه جو گهر آهي، ان تي بانور کهڙو ڪبو!

## 12- پنيوري

اجهو هڪ پيو جيت، هن جي سونهن ۽ سوپيا ته ڏسو ۽ پوءِ پنهنجي من ۾ نياءُ ڪري ڏسو ته ڏٺي پاڻ سهڻو آهي ۽ ڪيس ان ڪري سونهن ڪيترو نه وٺي ٿي. سونهن جي خبر پيٽ سان پوندي، ان ڪري ڪيترا گدلا جيت به اُپايا اٿس، جن جي ڏسڻ سان نيچ ۽ اُتم شين جي ٻوجهه پوي ٿي. هونءَ ته ڏٺيءَ جي جوڙ ۾ ڪابه وڏ ڪانهي ۽ نه ڪا شيءِ بنا ڪم جي ٺهي آهي پر سونهن ۽ اسونهين وٿن جو ڦير سمجهه ۾ اچيو وڃي.

اي پنيوري، تنهنجي کهڙي واکاڻ ڪريان، تنهنجو اُڏامڻ، ڪنهن اُپي ڪانيءَ جي چوٽيءَ تي ويهڻ، لڏڻ لمڻ ڪيڏو نه پيارو آهي! من گهرندو آهي ته توکي اندر ۾ جاءِ ڏيان، اکين تي رکان، سيني سان لايان ۽ تنهنجو سربر چُمان.

پنيوريءَ جا ڪل ٽي قسم ٿين ٿا: هڪڙيون ساديون پنيوريون، جي پيلي رنگ جون ٿين، ٻيون ڳاڙهيون پنيوريون، جن کي لال ڪنوار ڪوٺين ۽ ٽيون نر پنيوريون، جن کي حجامڙا ڪوٺيندا آهيون. سيني ۾ سهڻي لال ڪنوار ٽڻي، ٻار پاڻ کي تسيا ڏيئي لال ڪنوار ڦا سائڻ جي ڳڻ ڪندا آهن ۽ پير پير ۾ لڪندا ڇپندا لال ڪنوار جي پنيان اوچتو ئي اوچتو وڃي سندس ٻولَ کي پڪڙيندا آهن، ويچاري ڦٿڪندي ۽ پرَ ڳهٽا ئي هٽندي آهي پر ڪٿي ٿا ٻار جند ڇڏينس! ٻارن کي وٽندو آهي سندس اُڏامڻ، سو ڇا ڪن جو سندس ڇيلهه وٽ ڌيريءَ جو ڌاڳو ٻڌي، ڌاڳي جي ٻئي ڇيڙي کي هٿ ۾ جهلي پوءِ ڪٿي اُڏائيندا اٿس. هوءَ ويچاري پائيندي آهي ته مون کي ٻند مان ڇوٽڪارو مليو پر ٻار ٻه هن جي پويان ڌاڳي کان جهلي وٺي ڊوڙندا آهن ۽ وري جڏهن ڪٿي هلي ويئي ته هن جو پو ڳ ڏسندا آهن.

حجامڙا ڌاڊا لُچ ٿيندا آهن، انهن کي ٻار پڪڙي هڪٻئي سان ويڙهائيندا آهن. ويڙهو ڌاڊا ٿين، هڪٻئي جي ڳچيءَ ۾ اهڙو ته چڪ پائيندا آهن، جو ڪڏهن ڳچي ڪپجيو پوي ۽ ڌڙ کان ڌار ٿي ويندي اٿن. ٽيون نمبر پنيوري ويچاري سياٽي ٿيندي آهي، نه ڪنهن سان وڙهي نه وڳي، پنهنجي من مستيءَ ۾ ئي مگ هوندي. ٻار جڏهن پنيورين راند لاءِ نڪرن ته پوءِ ٻهرين انهيءَ ڌنڌي ۾ هوندا آهن، ماني ٽڪي ٻه وسري ويندي اٿن، نيٺ جڏهن گهر ورن ته پنج- چار پنيوريون پاڻ سان ڪنهن نه ڪنهن پر آڻين ئي آڻين.

## 13- ڪڙڪٻيتو

ڪُڙڪُٻيتي کي ٽانڊاٽو ٻه چوندا آهن، پاڻي وهي ايندا ۽ پوڪون سايون ٿي مٿيريون ٿينديون ته اجهي ڪڙڪٻيتا آيا. ڏٽيءَ جي جوڙ آهي، الاجي ڪٿان نڪريو نروار ٿين، ساين ٻنين ۽ آسپاس جي پوٺن ۾ رات جي ٽاٽي چمڪات لڳا پيا هوندا. هڪ ڪارو نيڏڙو جيت، سندس پول ۾ مالڪ سائينءَ اهڙيٰ ته جوت رکي آهي جو رات جي انڌيري ۾ اُڏامندا ويندا ته ڇڻ جوت جا ڏيئا جڳ

ان ڪم لاءِ ڪيترا ميڙي ڪيترا ميڙبا. گھرج سارو تہ ڪٽبا، باقي وري بہ اُس ۾ سڙي سُڪي، اتي ئي پيا رهن ۽ ٻيءَ مند ۾ وري انهن جا پتن ۾ پيل ٻج ڦٽي پون.

سنڌيءَ ۾ چيو اٿن تہ "واهہ غريبي واهہ!" ويچارا سُجا ۽ ولها سانگي انهن توهن جا ٻج ڏٽ وانگي ڪم آٿين. مٽن جي منهن ٻج گڏ ڪري، ڪونارن ۾ پسائي چڏيندا ۽ ست گھمرا پاڻيءَ ۾ مهٽي مهٽي، انهن جي ڪڙاڻ ۽ ڪاراڻ ڪڍي ڇڏيندا، جڏهن نہ انهن ۾ توهن جي ٻانس رهندي ۽ نہ ڪاراڻ. تڏهن انهن کي سُڪائي، اُکريءَ ۾ مهريءَ سان ڪُٽي، جنڊ ۾ پيهي، انهن جو اٽو ٻاجهريءَ جي اٽي يا ٻين ڏٽ جي پيٺل داڻن سان ملائي، ماني پچائي کائي ڇڏين ۽ پنهنجو پيٽ گذر ڪن. اها ڳالهہ اوهان کي وڏي اچرج جي لڳندي، پر ٿر وارن کان پڇو ۽ پارڪرين کان سُنهن کٽايو تہ اوهان کي ساري سُڌ پئجي ويندي تہ آءٌ سچ ٿو چوان يا ڪوڙ ٿو ڪريان؟ اسان کي ڪيپي تہ ڏٽيءَ جي جوڙ مان ڪا بہ وڏ نہ ڪيون. ڏٽيءَ جي جوڙ ۾ ڪا نہ ڪا سياڻپ هڪي تڪي رکيل آهي. اڇو تہ ان مالڪ کي سارا هيون.

# 15- ٻي پاڙي

ڏٽيءَ سڳوري ٻوٽا ۽ وليون ڪيئي اُپايون آهن، پر وَل وَل کي ڏاندي ٽئي ۽ پَن ٽين، ڦُٽن بہ ڏرتيءَ مان ۽ ٻج بہ ٽئين ئي ٽئين. پر واهہ مائي ٻي پاڙي! توکي وڻ ويڙهي بہ چون. توکي تہ نہ ڪو ٻج، نہ ڪا پاڙ ۽ نہ ئي تون ڏرتيءَ مان ڦُٽي نڪرين، جتان توکي ڪو پاڻي ملي، جنهن تي اُپڙين. نہ تيئي ڪو پَن ۽ ڏاندي نہ پاڙ. تون تہ رڳي ٽُلهن ڏاڳن وانگر ڏاڳا ڏاڳا هوندي آهين. اُپڙين بہ وڻن تي. پاڻي بہ انهن وڻن جي ساوڻ پنن جو چوسي وٺين ۽ ان تي ڦلجين ڦولجين! تنهنجو ٻج بہ تنهنجا ڏاڳا ئي آهن، جن مان ان- ڏهہ ڏاڳا ڪٽي هڪڙي وڻ تان ٻئي تي اڇلي ڇڏ تہ اهو وڻ بہ تنهنجي جُٺ ۾ ونجي ويندو. اهڙيءَ ريت تون اهڙي تہ نياڳي آهين، جو ساوا وڻ سڪائي ڇڏين ۽ پاڻ سدائين سائي رهين. توکي

وري ڪائي ڪو گڏهہ بہ ڪونہ. ويجهين بہ تڪڙي. ڪن ڪارائتن ٻوٽن يا ولين تي پوين تہ جهڳوئي جهڻ ڪري ڇڏين. ويچارا هاري ڀيا سورن جي مُنهن. سپ ڪم ڪاج ڦٽا ڪري، ڀِريون توسان جنگ جوٽين، هٿن سان وڻ وٽان ڪري توکي روڙي، اُنهن تان لاهي وجهي سازي ڇڏين، جي توکي نٽا سازين تہ پنهنجي پوک تا جلائين، ڪن سو ڪن بہ ڇا؟ پريان ڏسڻ ۾ تہ تون بہ ڏاڍي موچاري تي لڳين، پر ڪوءِ پڻي تنهنجي اهڙي سونهن سوپيا! تنهنجا لڇڻ ڏسي، ماڻهن ويچارن اهو پهاڪو ناهي ڇڏيو آهي تہ ”اڙي فلاڻي ڪي پاڙ پٽو هجي، جو لڄ شرم پويس، هيءَ تہ بي پاڙو آهي.“ جنهن جي پاڙ نہ آهي، ان جا پتا ڪهڙا ٿيندا. جنهن جي پاڙ ڪوڙي، تنهنجا پتا مٺا ٿيندا ڇا؟ پر مائي بي پاڙي، توکي تہ خدا پاڙ ئي ڪانہ ڏني، تون پرمار آهين. ڌرتيءَ مان پاڻي ڪونہ چوسين، پر ويچارن وڻن جي پنن تي پلجين ۽ انهن جو پاڻي چوسي، انهن کي سڪائي ڦٽو ڪرين. ماڻهوءَ کي ڪپي تہ پاڻ پنهنجو ٻوٽو ٻاري ۽ ٻين جو رت نہ چوسي. اڙي بي پاڙي، تون بہ ڪنهن نہ ڪنهن ڪم ايندي تہ هونديءَ؟ ڪا بہ وٽ نڪمي تہ اُپايل ڪانهي. تون اهڙي نرڇي آهين، پر تنهنجي رس مان بہ ڪي دوائون جڙن ٿيون، جن مان ماڻهوءَ کي لاڀ پراپت ٿئي ٿو. ان ڪري آءُ توکي بہ ڪُواريندس ڪونہ، نڪي گلا ڪندس، پر پاڻ سڌار. وڌيڪ توکي ڇا چوان!

## 16- ڇيڙ

ڇيڙن کي مِتيرا ڪونين، ٻهراڙي جا ماڻهو پنهنجن پُٽن تي ڇيڙ خان ۽ مِتيرو خان نالا بہ رکن. پر ڇيڙ يا متيرا آهن ڪهڙي بلا؟ آءُ انهن لاءِ ڇا چوان، انهن کي تہ سيڪو سڃاڻي، ويچارن جون وليون پوکن ۾ پاڻمرادو اڀرنديون ۽ پوڻن تي ميينهن وسڻ ڪانپوءِ پکڙي ڌرتي سائي ڪيو ڇڏين. پهريائين اهي وليون ننڍا ننڍا گل ڪڍن، پوءِ انهن گلن مان ڇيڙ ڦٽيو پون. پهريائين ننڍا ساوا ڪَچا ڇيڙ، پوءِ پچي پِيلا ۽ ڳاڙها ٿيو پون؛ پوءِ رسجي منا ٿين ۽ ماڻهو انهن کي وڏي هيج سان کائين. شهرن جي پاڄي- گهرن ۾ وڪامن بہ ڪوڙ. هنن جي

پوکڻ تي ڪا کنهن کي جاکوڙ ڪرڻي ڪانه پوي. جنهن ڌرتيءَ تي اُپرن، سا نه گُهري، ٻج، نه ڀر؛ نه سندن پوکڻ ۾ پالڻ ۾ ڪو پورهيو ڪرڻو پوي، نه سندن سنڀال ونڻي پوي، بنا پورهيي ڦل مليو پوي. متيري کي ميوو ته نه ڪونبو، پر ياڄي ته آهي ئي آهي. مارو ماڻهو ڪَچا به کائين ته رڌي ياڄي ڪري به چاهه چس سان واپرائين. هنن لاءِ ڇيڙن جو ڳُنڍڻ، تورين ۾ پيندين کان گهٽو پلو آهي. گوشت جي بوڙ، مڇيءَ جي بوڙ ۾ به پون ۾ ڏاڙهون جي داڻن جي ڪتاڻ جو ڪم به ڏين. ڪوڪيون پچائين ته انهن ۾ به ڏاڙهونءَ جي ڪڻ بدران سُڪل ڇيڙ ڪُٽي وجهن ته ڪوڪيون اهڙيون ته سوادي ٿيو پون، جو بوڙ ۾ ماني ٻنهي جو ڪم ڏين. جڏهن ڇيڙن جي مند پوري ٿئي ته مٽن جي منهن ڇيڙ ودي اڏو اڏ ڪري منجهن لوڻ ٻرڪي اُس تي سڪائين ته ڪَچريون جڙيو پون. اهي ڪچريون ٻارهن ئي مهينا گيهه ۾ تري کائين. نه ڪنهن ڳنڍڻ جي گهرج نه ٻي ياڄيءَ جي اون. ڇيڙن جون ڪچريون ته سڪر ماڻهو به چاهه سان کائين ۽ انهن جا واپاري وڪري مان چڱو پئسو ڪمائين. ڪچريون ته ٻهن، پتاڻن، گوار، انبڙين ۾ ٻين ياڄين جون به ناهيون ويندڙيون آهن. انبڙين جي ڪچرين کي انب چور به ڪوٺين پر ٻيلي واهه واهه! ڇيڙن جون ڪچريون سڀ کان سلوڻيون ۽ سوادي. ڏندن هيٺ ڏيڻ سان سندن چرچر ئي بس آهي، سندن چرچر سان دنگ آهي. سيخ جي ڪوابن جي چرچر به هنن سان نه پُڄي، ههڙيون خدا جون ٻي مُلهيون شيون اسان وٽ کهڙيون نه مُلهائتيون ٿيو پون. اسان ۾ رڳي سمجهه جي سمرتي هجي ته انهن مان کهڙيءَ ريت ڪم ونون. ڏٺي سگهوري ته اسان لاءِ سيڪجهه اپائي ڇڏيو آهي؛ هاڻي اهو ڪم اسان جو آهي ته پنهنجي سمجهه هلائي انهن مان نرالا ڪم ونون ۽ ڏٺيءَ جي سارا هه ڪريون ۽ سندس ڳڻ ڳائيندا رهون.

## 17- پيوُنر

پيوُنر ڪنهن نه ڏٺو هوندو؟ پيوُنر ٻن ياڳن ۾ ورهايل آهن: هڪڙا "بٺائتا

۽ پيا گڏا" . ٻٽائتا پوُنر سچا ڪارا ڏامر جهڙا ، سندن ڪنپ چلڪٽا ٿين ۽ پيا
جن کي گڏا چنبو آهي تن جي ڪنڌ تي ٻنهي پاسن کان پيلا چِٽا ٿين. گڏا البت
ٻٽائتن کان ننڍا هوندا آهن ۽ اهڙا زورمان ڪين اُڏامن جهڙا ڪارا . اهي ڪارا
تہ اهڙو زور سان اُڏامندا آهن، جو شل نہ ڪنهن کي منهن ۾ لڳن تہ جٽڪ ڪو
ڏندو لڳي ويو، پلي تہ پيو منهن سيڪي. ٻنهي جو ڪم آهي گلن ڦلن تي پيرا
ڏيڻ، ڪنهن سگهڙ چيو آهي تہ:

پيرا ڏيئي پوُنر ڪي، گلن مٿي گُنجار
سپا جهـيَ ستار، والي ۽ وڏو وڙ ڪيو.

ماکيءَ جي مکين وانگي هو گلن مان رس ڪونہ چوسين، پر رڳو انهن
جي سڳنڌ جو واس وٺن. چوندا آهن تہ پريتوان ويچارا پوُنر وانگيان سهڻن جو
درشن ڪري واس وٺندا آهن. هي جيت بہ ڏينين ۽ چيلاٽن جي ڪٽنب مان
آهي، پر ڏنگ ڪونہ هٽي. ڏنگا بار تہ هنن مان بہ ڪين ترن، جي اهي ڏينين
وانگر ڏنگٽا جيت هجن تہ جيڪر انهن کي ويجهو بہ ڪين وڃن. انهن کان پري
ڀڄن، پر هي ويچارا ڏکوئن ڪونہ، ان ڪري هنن کي بہ پڪڙي ڌاڳي سان ٻڌي
هنن جي اُڏامڻ ۽ ڀٽڪار جو رونشو ڏسن. جڏهن اُج لڳيس تڏهن ڪنهن
ڪٽوري ۾ پاڻي وجهي ان جي ڪَني تي ويهاريندا اٿس تہ اهڙي ڍنگ سان پاڻي
پيئندو آهي جو ڏسي دل پٽي گد گد ٿيندي آهي. ماٺوءَ کي ڪا ٻي شيءِ اينترو
ڪانہ وٽي پر پوُنر جي ڪاراڻ ۾ ڪا ايڏي چڪ آهي، جو اها اکين کي پٽي
سيبندي آهي. جيڪي رنگ ڏٺيءَ اُپايا آهن، سي سڀ هڪبئي کان سٺا آهن.
ڏسو تہ اڪ بہ ڪاري وٽي، جي ڪاري نہ هجي تہ سرمو ۽ ڪجل پائي ڪارو
ڪنس تہ وڏيڪ وٽي. تِرُ بہ اڇي منهن تي ڪارو وٽي. وار بہ پورن کان وڏيڪ
ڪارا وٽن. اهڙيءَ ريت پوُنر بہ ڪارو هٺڻ ڪري ئي وٽي ٿو. ڪي پوُنر اڇا بہ
هوندا آهن پر اهي اسان کي ڏٺي ڪين وٽن . هڪ شيديءَ چيو تہ اسان جي
ڪاري رنگ مان رڳو هڪ ٽُبڪي جيترو ڪارو تِر، اوهان جي اڇي رنگ تي

تنهنڪري اهو به چوسي وٺندي آهي، جڏهن رت چوسي پر جي پوندي آهي، تڏهن پاٺمرادو ڪري پوندي آهي. اهڙيءَ ريت جيترين به جوَرن لڳائڻ جي گهرج هوندي آهي اوتريون لائيبون آهن. پوءِ انهن جو چوسيل رت ۽ گند حلال خور ڌُهي ڪيڏي ڇڏيندا آهن، متان چوسيل گند ۽ پونءِ جي ڪري مري وڃن. پيو تہ پيٽ خالي تيڻ سان انهن کي وري بہ ڪم آڻي سگهجي. جوَرون لڳائڻ بہ هڪ آپريشن آهي. هونءَ جو ڪَلين يا ڳچيءَ مان گند ٽُڪي ڏيارڻ سان ڪيائجي، سو هنن جوَرن جي وسيلي روڳ ڪيائبو آهي. انهيءَ ريت سؤ سيڪڙو بيمار چڱا ڀلا ٿي ويندا آهن. جتان جتان چمڙي ٽُڪينديون آهن، اُتي چار ڦلميار يا ڪو ٻيو پائوڊر رکي، پٽي ٻڌي ڇڏبي آهي، ۽ ٻن-ٽن ڏينهن بعد اگهو سَگهو ٺيڪ ٿي ويندو آهي؛ پر جوَرن جي چَڪن وارا نشان سي بيهي رهندا آهن. جيئن ڊاڪٽر ٽانڪا هٽندا آهن تہ نشان بيهي رهندا آهن.

جوَرن ڏسڻ سان ٻچان پنئي ونندي آهي. پر اهڙين ٻچڙين شين پر بہ ٻاجهاري ڏٺيءَ ماٺهوءَ لاءِ ڪيتري نہ ڀلائي رکي آهي. سچ آهي تہ ڪا بہ شيءِ بنا ڪنهن ڪارج جي نہ اُپائي اٿس. سچ چيو اٿن تہ:

"ڪنهن کي گهٽ نہ ڄاڻ، جي پانئين ڀلو پانهنجو."

## 19- ڏنگ

ماکيءَ جي مک، ڏينيو، ڇيلاٽو يا ڦنڌاري ڏينيو ۽ وڇون اهڙا جيو آهن، جن کي پنهنجي پڇڙيءَ پر ڏنگ هوندو آهي، سنئيءَ وانگر هڪ تکو "نيش". سنڌن چُر ڪني ويئي تہ نڪ ڏنگ ڪرائيندا ۽ ماٺهو، جو هونءَ سيني ساهہ وارن کان ڏاڍو آهي تنهن کي پنائي رکندا ۽ پيو ڦٿڪندو. پر آءٌ جنهن ڏنگ جي ڳالهہ ٿو ڪريان سو پاڻ هڪ جيت آهي، جنهن جو نالوئي آهي ڏنگ. اهو جيت بہ لاڙ پر گهٽو تيندو آهي. لاڙ جو ڀاڱو ساريال هئڻ سبب گهٽو پوسل وارو هوندو آهي، تنهنڪري اتي مڇر، مُنگهڻ، ڪارڙا ۽ ڏنگ جام هوندا آهن. سيني کان ڊپ جهڙو 'ڏنگ' هوندو آهي، شل نہ ڪنهن کي چڪ

پائي تہ ڦٽڪائي رکندس ۽ هڪ چڪي کي ڪيترا ڏينهن پيو سيکيندو. چڪ وجهي تہ ٻُت جي چمڙي پٽي وڃي. ماڻهوءَ جي چمڙي تہ ڪونئري آهي پر گهوڙن ۽ ٻئي مال کي چڪ وجهي تہ رت جون نينديون ڪڍي رکين. ان ڪري ويچارا ماڻهو ويچارا هن پليت کان ڏاڍو جتن ڪندا آهن. ڏنگ جا ٻہ- چار چڪ لڳن تہ مال کي ڦٽ ڪري وجهن. سنڌيءَ ۾ پهاڪو آهي: ”هي مڙس تہ ٻنهہ ڏنگ آهي.“ جهڙيءَ ريت وڇونءَ جو ڪنهن سان وير نہ هوندو آهي، پر هن جي بناوت ۾ ئي بڇڙائي پريل هوندي آهي تہ هلندو وڃي، نڪر کي پٿر کي ۽ جا شيءِ بہ سامهون اچيس ان کي ڏنگيندو وڃي. ان وانگي هن بڇڙي بلا ’ڏنگ‘ جو بہ ڪنهن سان وير وروڌ نہ هوندو پر هن کي هروڀرو بہ ٻين کي ڏکوئڻو هوندو آهي سو جنهن جانور تي اُڏامي اچي ويٺو جي ان کي ڏک نہ هٽي تہ باقي ڏنگ نالو ڇو مٿس پيو آهي!

جڏهن ڪنهن کي ڏک ڏجي تہ اهو بہ پنهنجو بچاءُ ڪري ٿو ۽ ان جي بدلي ۾ چڪ هٽي پنهنجو وير وٺي ٿو. پر وڇون ۽ ڏنگ بنا ڪنهن ڏوهہ جي جيڪو آيو تنهن کي ڏُک رسائڻ ۾ دير نہ ڪندا. ماڻهوءَ کي گهر جي تہ انهن بڇڙن جيتن وانگر نہ ٿئي. ڪرڻ تہ بڇڙن سان بہ ڀلائي ڪپي ڇو تہ ان ڪري ڏٺي بہ ڀلائي ڪندو ۽ ويري بہ ڦري سگهنتي تي پوندا، پر جي ائين ڪرڻ نٿو پڄي سگهيس تہ جيترو ڪو بيو ڏکوئي اوتروئي ڏک بدلي ۾ ڏجيس تہ ڪَل پويس تہ ٻئي کي ستائڻ ڪيئن آهي. ڏنگ ۽ وڇونءَ وانگر بنا ڏوهہ جي ڪنهن سان اهنج ڪرڻ ۽ ڪنهن کي ڏکوئڻ بڇڙا لڇڻ آهي. جن لاءِ اسان کي ڏٺيءَ وتان سيکت ملڻ ان تر آهي. ڪنهن سگهڙ چيو آهي تہ:

ڀلائي ڪندين تان ڀلو تنهنجو ٿيندو،
ڀلائيءَ جا ڀاڙا ڏٺي تو کي ڏيندو.

## 20- ڳاهہ

جڏهن سنگ وڍي ٻار ۾ رکيا آهن، تڏهن انهن تي ڍڳن جي هلر ٻڌي

انهن کي ڳاهبو آهي تہ اَن تُهن کان جدا ٿي پوندو آهي. پوءِ ان ڳاهيل انّ کي وڏن سُپن يا گاگڙن ۾ وجهي هوا جي سامهون بيهي وائربو آهي تہ تُهہ جدا ۽ انّ جدا ٿي پوندو آهي. اهو ڳاهہ جو ڪم الڳ آهي. آءٌ جنهن ڳاهہ جي اپٽار ڪريان ٿو، سو ڳاهہ هڪ ٻيءَ شيءِ آهي. اڳي جڏهن موڪي پوک ڪانہ ٿيندي هئي، تڏهن واهہ درياءَ ۾ چاڙهہ جي ٽاڻي تي وهي ايندا هئا. هاري وچي هڪ هڪ ڪسي، ڪڙبي ۽ واهہ جي ڪاتي ڪٽندا هئا تہ پاڻي بنا روڪ جي وهي، منڍ کان پوڇڙ تائين هڪ ترڇو وهي. جڏهن پاڻي وهندو هو تہ انهن واهڙن جا ڪپر آلا ٿي ويندا هئا ۽ درياءَ جون ننڍيون ننڍيون مڇيون بہ واهہ ۾ وهي ايندڙيون هيون. ڪاڏو تہ ڏٽي يا جهارو سڀ ڪنهن ساهہ واري کي رسائي ٿو. انهن مڇين جي ڪاڏي لاءِ بہ مالڪ سائين ڪونہ ڪو بلو ڪري ٿو. انهن واهن جي ڪپرن سان هڪڙا ننڍا مگر موٽا موٽا ڪيڙا (سانپا) جنم وٺندا آهن ۽ ڪونٽري آلي مٽيءَ ۾ ٽُنگ ڪري رهندا آهن. مڇين کي اهي ڪانٽڻ ۾ ڏاڍا وڻندا آهن. ماڻهوءَ کي تہ ڏٽي پاڪ ڏاهو بڻايو آهي؛ جو سڀ شيءِ مان ڪونہ ڪو ڪم وٺي ئي وٺي ٿو. ننڍا ڇوڪرا مڇي ڦاسائڻ لاءِ اهي ڪيڙا ڪوٽي ڪڍي، هڪ لوهہ جي ڪُنڍيءَ ۾ وجهي ان ڪُنڍيءَ کي هڪ ڏور سان ٻڌي، پاڻيءَ ۾ اڇليندا آهن ۽ انهيءَ ڏور جي پوڇڙيءَ کي پنهنجي هٿن ۾ سوگهو ڪري جهلي ويهندا آهن. پاڻيءَ جي وهڪري سبب ڪُنڍي ڏور سوڌي واهہ جي سير تائين وڃي پهچندي آهي. اهي ڪيڙا گهٽا ڪُنڍيءَ ۾ وجهي ساري ڪُنڍيءَ جو لوهہ ڍڪي ڇڏبو آهي، انهيءَ کي 'ڳاهہ' چئبو آهي. ننڍڙيون مڇيون ويچاريون جهڙوڪ ننڍا جرڪا، گندڻ، ڪڳا ۽ ٻيون ڪُرڙيون پيٽ پالڻ لاءِ جڏهن اهو ڳاهہ ڏسي اچي ڪُنڍيءَ ۾ چڪ وجهنديون آهن تہ ڪُنڍيءَ جي تکي نوڪ سندن جاڙين ۾ گهڙي ويندي آهي ۽ اهي ڦاسي پونديون آهن ۽ وات ورائي ڪڍي نہ سگهنديون آهن ۽ وڻي ڀڄڻ تي زور رکنديون آهن. ڇوڪرا تاڙيو ويٺا هوندا آهن تہ ڪڏهن ٿي ڏور تڻڪجي ۽ رڙهي، چڪ ڏنائين تہ سمجهي ويندا تہ مڇي ڦاٿي آهي. پوءِ تہ ٻنهي هٿن سان

ڏور کي وڻي ڇڪيندا ۽ ريڙهي ريڙهي قاتل مڇيءَ کي آٽي ڪپر تي ڪڍي ٻاهر ڪندا. مڇي ويچاري پاڻيءَ کان ٻاهر نڪتي ته اُن جو انت آيو. ڦٿڪندي پئي ته ڇوڪرا پيا ٻهڪندا. اهو آهي نڳيءَ جو ڳاهه جنهن تي موهجي ويچارا پسون اڃيو ساهه ڏين. لالچ ماڻهوءَ کان ڇا نٿي ڪرائي ۽ لالچ يا لوڀ ۾ اچي ماڻهو ڪيئن نه پنهنجو انت آڻي ٿو. ڳاهه، ڪُنڍي ۽ مڇيءَ مان ڏاهپ سکو ۽ هن ڏکيي ڏيهه ۾ سنڀالي پير رکو. لالچ ماڻهوءَ کي مارائيندڙ آهي. وڏي مڇي ننڍي مڇيءَ کي کائي پنهنجو پيٽ ڀريندي آهي. اهڙيون ننڍڙيون ڪرڙيون پاڻيءَ ۾ ٺي ڇيهه کان گهٽيون پيون ترن، جي انهن تي ٺي پورت ڪن ته ههڙو انت نه اچين: پر ڳاهه جي موهه ۾ اچي ان جي ڦندي ۾ ڦاسي ٿوري ويرم جي چسڪي لاءِ ڪريو ساهه ڏيو ڇڏين!

## 21- آرون

مڪڙيون ۽ تڏيون ته اوهان ڏٺيون هونديون؟ اوهان جي گهرن ۾ ڪڏهن ڪپڙن ۾ اچي پون، ڪڏهن اَني، چانورن ۽ ماني ٽڪيءَ ۾، ڪڏهن ويڙهيل هندن ۽ رلين ۾. زبان به ڏاڍو ڪنديون آهن: ڪپڙا ٽُڪي ڇڏين: هندن جا ڳچ لاهي ڇڏين ۽ رڌڻ ۾ اچي پون ته کاڌو ڪنو ڪري ڇڏين. اسين انهن کان بچڻ لاءِ فلٽون ٿا هڻون ته مري وڃن ته انهيءَ ڪِن ڇِن کان اسان کي ڪو ڇوٽڪارو ملي. آهي ته آر به ساڳئي وڻ جو ڇوڏو، ائين ڇنجي ته ساڳئي ڪٽنب جو ڀاتي. پر اها مڪڙين ۽ تڏين وانگر زيان ڪانه ڪري. هن جي ويهڻ جي جاءِ ماڻهن جا گهر ڪين هوندا آهن، پر جهنگ جا وڻ هوندا آهن. ٻهراڙين جي گهرن ۾ به ماڻهو وڻ پوکيندا آهن ته پوءِ انهن وڻن ۾ به اچي واسو ڪن. آرن جو رؤنشو رات جو هوندو آهي. ڏينهن جو ٻڙڪ به ڪانه ٻولين، رات ٿي ته آرون پنهنجا آواز ڪيڻ لڳنديون ۽ اهڙو ته هُل مچائينديون جو سارو جهنگ مٿي تي کڻي ڏينديون. سندن سُر، گيت ۽ راڳ بند ٿي ڪونه ٿيندا. جيڪو ماڻهو گهڻو ڳالهائيندو آهي ته ان کي چوندا آهن ته ايترو ٿو ڳالهائين؟ آر وانگيان مٿو به نٿو

پن، ڪٽي ڪاري ٿندڙي. مينهن وساڙو ڳاڙهو رتي رنگ جو، سندس ڪَل هوبهو ڳاڙهي بخمل جهڙي، هٿ لايوس تہ پَٽَ ريشم تي آڱريون پيون، ڇُهي ڏسبو تہ دل نرمي پوي ۽ نيڻ نرمل تي وجن. ڏسيو پيو ڏسجيس. هٿ ۾ ڪٽوس تہ پنهنجي ڪونئرين ننيڙين ٽنگن سان اهڙو تہ هوريان هوريان هلڻ شروع ڪندو، جو هٿ کي آسيس پئي ايندي.

ماڻهن کي ائين چوندو ٻڌبو آهي تہ مينهن جو وسي ٿو، سو اهي مينهن وساڙا ئي وسائين ٿا. هيءَ بہ ساڳي ڳالهہ آهي جو چوندا آهن تہ تازي تنواريو تہ جڻ مينهن کيَ سڏ ٿيو، اڻ ڳٽو ڪار ڪري اچي وسندو. مينهن تہ الله سائين ٿو وسائي، پر تازن جو تنوارڻ ۽ مينهن وساڙي جو جنم وٺڻ، هڪيون تڪيون مينهن وسڻ جون نشانيون آهن. بارن تہ مينهن وساڙا ڏٺا تہ مزو ٿين، ويچارن کي ويندا پڪڙيندا ۽ گڏ ڪندا، پوءِ ڪنهن شيشي ۾ وجهي سانڍي رکي ڇڏيندس، جنهن ۾ پيا ڇُرندا پُرندا. ڪائين بہ ڪل نہ آهي تہ ڇا؟ ڏسڻ ۾ تہ ڪجهہ ڪونہ اچي. جيئن هرڻ پاڻي ڪونہ پيئي ۽ اندران ئي اندران پاڻي ٿيي، جو کيس تازو رکي، ڪڏهن بارهين مهيني ڪو پلر جو پاڻي مليس تہ پيئي، نہ تہ ٿيو پلو. چون ٿا تہ هرڻ هيڏا جو چال ماري ٿو ۽ تکو ڊوڙي ٿو، سو بہ ان ڪري جو پاڻي ڪونہ پيئي، پاڻي پيئندڙ هجي تہ ايترو ڊوڙي نہ سگهي ۽ ساهہ پرجي اچيس. ساڳيءَ ريت مينهن وساڙي کي بہ سڀا جهو سائين اندر ئي اندر ڪاڏو پچائي ٿو، نہ تہ جيڪر جيترو ڪين رهي سگهي. مينهن وسي پورا ٿيا تہ جڻ مينهن وساڙي جو انت آيو، مڙئي مري ويندا، پوءِ پوئن تان سيرن جا سير مينهن وساڙا ڪٽي ميڙ.

مٿل مينهن وساڙا دوا دارون وانگي ڪم اچن. پساري جي هٽن تي مينهن وساڙن جون ڳوٿريون پريون رکيون هونديون آهن، جي ويچ وٺي، انهن مان سُتيون ڦڪيون ناهين. مينهن وساڙن مان چوندا آهن تہ ڪُشتا ۽ ڪَک بہ جوڙين، جي مردانی بَرُکي وڌائين. اهو ڪُشتو ملي بہ مهانگو، پر سَگها ۽

شاهوڪار ماڻهو يا اهي ماڻهو جي انهيءَ ڳالهه ۾ ڪوٽ پائين يا پاڻ کي نبل ۽ نستو سمجهن، سي لاچار واپرائين ته انهن کي پڪ لاڀ پراپت ٿئي. ماڻهو هن جيت جو نالو به پاڻ تي رکن، جيئن ته چوندا آهن: ميان مينهن وساڙو خان.

کهڙي ساراهه ڪري کهڙي ڪجي اُن سپاجهي سائينءَ جي، جو همڙيون مُلهائتيون شيون اُپائي، اسان کي بنا مُلهه جي ڏئي ٿو ۽ اسين انهن مان ڪيترا نه سک ماڻيون ٿا. اي ميان مينهن وساڙا، سنڌ تي شل سدا سانوڻ هجن ۽ تون سدا اسان جي پَٽن پوٺن تي شيل ڪندو ڏسجين: جو توکي ڏسي اسان جون اکيون ۽ دل ٺرندي. اسان جا ٻچڙا توکي پيار مان هٿن ۾ کڻي لوليون ڏين ۽ دل وندرائين. سچ پچ ته ڪڙڪبيتي جو تون وڏو ياءُ آهين. تون شال جيئرو هجين ۽ وڏي ڄمار ماڻين، پر پوءِ ڊپ اٿئون ته توکي سدائين ڏسي ڏسي سک نه پلجي وڃي، ان ڪري پلي ته تنهنجي سک ۾ هجون.

## 23- گهريتڙي

گهريتڙيءَ تي اهو نالو پيو ٿي اُن ڪري آهي، جو هوءَ مِٽيءَ جو گهر ٺاهي، ان ۾ اندر رهندي آهي. هيءُ جيت به ڏسڻ سان تپرس وٺيو وڃي. هن جا به به پاڙا ٿين ٿا. هڪڙي گهريتڙي ٿئي ننڍي هيڊي رنگ جي ۽ ٻي ٿئي وڏي ڳاڙهي رنگ جي. وڏي وڏا ڪم ڪري ۽ ننڍَي هن ڪان ننڍا. سارو ڏينهن ڏسو ته وتنديون آلي مٽي ڳوليندي يون. جتي به هٿ آين، اتي پهچي ويندي يون. وات ۾ ذرو ذرو مِٽي کڻي، گهرن جيَ ڇتين ۾، ڪُنڊن پاسن ۾ اچي انهيءَ مٽيءَ سان گهر جوڙينديون. ورچن ته بنهه ڪين. مهينا لڳيو وڃن هڪ گهر ٺاهڻ ۾، پر جيسين اهو جوڙي راس نه ڪن، تيستائين ٽڪجن ئي ڪين. گهر ۾ اندر وري ڪوٺيون ڪوٺيون جوڙين ۽ هڪ هڪ ڪوٺيءَ جي مٿان هڪ ٽُنگ ڪين، جنهن مان اندر اچن وڃن. جڏهن گهر واري مٽي سُڪي نوٽ ٿئي ته اهڙو ڏاڍو ٿي وڃي جو هٿ سان ته ڀڃي به نه سگهي، جڏهن ڪو پٿر يا مترڪو آڻجي تڏهن ڀڃي. جڏهن گهر راس ٿين ته ڳولا ڪن ڪينئن جي. ڪٿان ڪٿان وڃيو

ڪجي. ڇا ڇا اُپايو اٿس ۽ ڇا ڇا انهن ۾ ماڻهن جي ڀلي ڪارڻ ڳجهه ڳُڙيا اٿس. پکي به ڪکن مان آکيرا ناهين ٿا. سيني ۾ ڇيهن جا آکيرا اسان جون اکيون کوليو ڇڏين ته نَنڍڙن پکين ۾ به ڪيتري نه ڏاٽي سگهوري سمجهه ۽ سياڻپ رکي آهي، پر واهه مائي گهريتڙي، تنهنجي گهر سان لڳي ئي ڪونه. هزار رازن ۽ ڪاريگرن جون ڪاريگريون تنهنجي سياڻپ تان ٻلهار وڃن! ڪڪريون ۽ ماڪيءَ جا مانارا به ڏنا اٿئون، پر تنهنجو گهر پنهنجو مَٽ پاڻ آهي.

# 24- ڦوٽو

ڦوٽو ته اسين ”الاچيءَ“ کي به چوندا آهيون، جو ٻوڙ، ڀاڄي ۽ پُلاءُ ۾ سرهاڻ لاءِ وجهبو آهي. هيءُ ڦوٽو، جنهن جو آءٌ ڳالهه ٿو ڪريان، ان کي ”حباب“ به ڪوٺيندا آهن. اهو ڦوٽو پاڻيءَ جي ڦوٽو آهي، جو جڏهن مينهن وسن ته ڌرتيءَ تي گَڏ ٿيل پاڻي يا واهڙن ۾ مينهن جي ڦڙن پوڻ ڪري نهي پوندو آهي. اڌ گول اک جي تاري (دوڏي) وانگر چمڪڻ لڳندو آهي. ٻار ته الله سائين جي هرڪنهن انوکي جوڙ کي ڏسي مست ٿي ويندا آهن. مينهن پون، ڦوٽا نڪرن ته ٻنهه چريا ٿي پون ۽ ڦوٽن کي هٿ لائڻ لاءِ آتا. پر اجا هٿ لائين ئي لائين ته ڦوٽو ڦاٽي گم ٿيو وڃي. ڏاڍي مڙسي ڪُري ان کي وٺن، پر اجا هٿ جي آگُر ڇُهن ئي ڪونه، ته ڦوٽو گم. اهوئي سبب آهي جو ڪَوين ۽ سگهڙن ڦوٽي کي ماڻهوءَ جي ڄمار سان ڀيٽيو آهي. ڇَي: ماڻهوءَ جي ڄمار ان ڦوٽي وانگر آهي. بس ايتري ٿوري. سؤ ورهيه ڄمار ٿئيس، ته به هڪ ڏينهن، انهيءَ ڦوٽي وانگر پنهنجي سؤ ورهين جي سونهن ۽ سينگار ڏيکاري، هڪ ڪن ۾ پورو ٿيو وڃي.

ڦوٽي مان اسان کي ڪهڙا ڪهڙا آدرش ملن ٿا: ماڻهو جو پاڻ کي اٿين سمجهيو وينو آهي ته سونهن ۽ جواني مون سان سدائين نيبهه هوندي، سا ڳالهه ڪوڙي آهي. ڏيئي جو تيل جڏهن کپي ويندو آهي ته ان جي ٻرندڙ وَٽ

پڇاڙيءَ ۾ رڳو هڪڙو کهلڪو ڏيئي بس ٿي ويندي آهي ۽ سندس سوجهرو گم ٿي ويندو آهي. ساڳيءَ ريت ڦوٽو ويچارو، جنهن ۾ نه آهي تيل نه آهي وٽ، سو ته ويچارو هتان جمي ۽ هُتان اک ڇنڀ ۾ مري وڃي. ساڳيءَ ريت ماڻهوءَ جي جمار به سَپني وانگر آهي، جنهن ۾ اگهور ننڊ اندر ڇا جو ڇا ڏسجي ۽ اک کلي ته ڪوڙ جو مثل ڪوڙ.

پوءِ اي ڏٺيءَ جا سنواريل ماڻهو، ڇا تي تو هٺ وڏائي ڪرين ۽ پائين ٿو ته هن دنيا ۾ سدائين جيئرو رهندين ڇا؟ اڙي ڳهيلا، جو نڪر گهڙيو آهي، سو پڄندو. اُگهاڙو ۽ هٿين نلهو آيو آهين ۽ به-چار هٿ جوڙيءَ (ڪفن) جا ڍڪي، اگهاڙو ۽ نلهين هٿين هليو ويندين، جڻ ته ڇائين ڪونه.

ٻڌاءِ ته تو ۾ ۽ ڦوٽي ۾ ڪهڙو ڦيرو آهي؟ جمار سپنو نه آهي ته ڇا آهي؟ تون وتين ٿو ڏن گڏ ڪندو، نگيون، ڪوڙ ۽ ڪپت ڪندو، ابو جهن کي ڦرينهو لُٽيندو ۽ ڏکوئيندو. نيٺ ته جنهن خدا وٽان آيو آهين، ان جي سامهون هلندين ۽ پنهنجي ڪرمن جي ڪهڙي وراڻي ڏيندين؟ جڏهن پڇاڻو ٿيندو، تڏهن ڇا ٻڌائيندين ته مون پنهنجي ٿوري دير جي جمار ڪهڙن ڪمن ۾ پوري ڪئي؟ ڪُڏايون ڪيون يا چڱايون؟ جنهن ڏٺيءَ اُپايو نپايو ۽ وڏايو ويجهايو، ان جي حڪمن جي ڪهڙي پوئيواري ڪيم ۽ سندس موڪليل رسول جي ٻُڌايل وات تي پورو هليس يا هن ڪوڙي پرتويءَ جي موهه ۾ اچي اهنڪار ۾ ڪا هي پيس ۽ هن ليکي جي ڏهاڙي (حشر) لاءِ ڪا به سمرتي ڪئي نه ڪيم. اڄ هٿ توري گهٽي جو ليکو ٿيندو، تُراڙو ترندو، پڇاڻو ٿيندو ۽ ليکو چڪتو ٿي پنهنجي ڪنن ڪرمن جي سيڪت ملندم.

اي پليل ساٿي، هن ڦوٽي واري جمار تي تون ڇو ايترو پلجي ويو آهين! اُهو ڪي ڪر جو ڏکي ڏينهن ڪم اچيئي ۽ مالڪ اڳيان مَرڪندو رهين ۽ سرِ گب ماٺين.

## 25- واچوڙو

ڪڏهن ته مهينن جا مهينا لنگهي وڃن ته واچوڙو پسجي ئي ڪونه. ڪڏهن ٿوري جهڪ يا واچ لڳي ته انهيءَ سَڪماريءَ سائينءَ جي جوڙ ڏسو، واچوڙو اچي منهن ڪيو! وڏن شهرن ۾ جتي وڏيون وڏيون جايون آهن، جن جي چوٽي آڪاس سان پئي گسي، اتي واچوڙا ڪونه لڳن، پر پوٽن ۽ ميدانن ۾ جتي ڏڏڙ ۽ ڌوڙ گهٽي هجي، اتي واچوڙا پنهنجو ادب ڏيکارين.

بار اهڙن پوٽن تي راند روند ڪندا آهن ۽ اوچتو جو واچوڙو اچي ته ڪپڙن ۾ نه ماپن، ٻين کي به سڏ ڪن ته اڙي واچوڙو! اڙي واچوڙو! واچوڙو ڇو ٿو ٿئي؟ اهو ته سائنس جا ڄاڻو ٻڌائيندا، پر هنن ننڍي ٿهيءَ جي ٻارن جا واچوڙي لاءِ الڳ الڳ ويچار هوندا آهن. چوندا آهن ته واچوڙو جنّ اڏائيندا آهن. واچوڙي ۾ اندر جنّ هوندا آهن ۽ انهن جو وهاڻ هوندو آهي. واچوڙي جي اندر ڪو چوڪرو اچي ويو ته ان ڇوڪري کي جنّ ڪٽي حضرت سليمان پنهنجي باد شاهه وٽ وٺي ويندا. ائين به آکيندا آهن ته واچوڙي ۾ جيڪڏهن جتيءَ جو موچڙو اڇلبو ته ڪارڪن ۽ پٽا شن سان پرجي ويندو. آهي به سچ پچ ته الله جو ڳجهه. هوا ۽ مٽيءَ ۾ ڦيرو اچي ۽ گهڙيءَ ڪن ۾ مٽي گولائيءَ ۾ ڦرندي ڦرندي آڪاس تي چڙهي وڃي. سمجهي ڪونه سگهجي ته هي ڇا، واچوڙو ڦرندو ڦرندو ڪجهه پنڌ تائين ٽڪو ويندو رهندو ۽ سگهوئي پورو ٿي ويندو. الاجي ته جنّ ڪاڏي ويا ۽ وهانوَ ڪٿي رهيا.

آهي ته واچوڙو به هوا ۽ واءُ جو جادو. جيڪڏهن پاڻيءَ ۾ اهڙو گول گهيرو ٿئي ته ان کي ڇون ڪُن. واچوڙو ٿئي مٽي هوا ۾ ؛ ۽ مٽيءَ جو چڪر، ته ڪُن ٿئي پاڻيءَ جو چڪر جو پاڻيءَ ۾ اندر اونهو. شل نه ڪا ٻيڙي يا ٻي شيءِ ڪُن جي چڪر ۾ اچي ته سجي پاڻيءَ ۾ ٻڏي ويندي ۽ ڪُن ڦرندو ڦرندو ان کي اهڙي ته اوڙاهه ۾ وڃي سٽيندو جتان وري ان شيءِ جون هريڙون به هٿ نه اچن.

واچوڙو يا ڪُن هوندا آهن رڳو سوا گهڙيءَ جا ڪيل جي ڏني سرير کي سراپ وٺي وڃي ۽ وري به الله سائينءَ جي يادگيري اچي وڃي ته ڪهڙا ڪهڙا نه

بن بنايا اٿس، جيڪا به شيءِ بنائي اٿس ان جو سگهو يا دير سان انت پڪ آهي ته ايندو. رهندي وجي سندس ذات جنهن کي پڇاڙي ڪانهي، سدائين رهڻ واري آهي. ٻيون شيون جي گهڙيون اٿس تن جي پڇاڙي اٽل آهي، تنهنڪري اي ڏٺيءَ جا سچا ٻانها! الله سائينءَ جون اهي سياٽپ ۽ ڏاهپ جون شيون ڏسي انهيءَ کي پل پل سنڀار ته هن پرتوي تي ۽ ايندي دنيا جون موچاريون لهين.

## 26- ڏيڻ

ڏيڻ مان ائين نه سمجهو ته آءٌ ڪو ذرتي ڏيڻ جي ڳالهه ڪري رهيو آهيان. هيءَ ڏيڻ جنهن جي پچار ڪئي اٿم سا هڪ بڇڙي بلا آهي، شل نه ڪو ان جي آور پر اچي، جي آيو ته وري نه موٽندو. ويو سو ويو.

جتي جتي پراڻا گهارا يا ڊورا هوندا آهن جي درياءَ جي اُتان ڇڏي وڃڻ سبب انهن جي وهڪرن جا پيٽ رهجي ويندا آهن، اتي انهن پيٽن پر ڪٿي ڪٿي ڏيڻيون نهي پونديون آهن. ڏيڻ پر پاڻي ڪونه هوندو آهي، پر رڳي گپ هوندي آهي. جنهن ڊوري جي پيٽ پر ڏيڻ نهي پوندي آهي، سو ٽڪر ڏاڍو جوڪائتو ۽ اونهو اوڙاهه هوندو آهي. هن پر ماڻهو ته ڇا پر ڪو اُٺ هاٿي اچي وڃي ته اهو به غرق ٿي ويندو. ڪيترا ماڻهو، جانور ۽ ٻيا ساهه وارا انهن جو ٻَک ٿي چڪا آهن. ڏيڻ جي گپ به اهڙي ته چيڪي لوَ واري هوندي آهي، جنهن کان خدا ڏئي پناهه! منجهس پير گتو ته ايوئي ايو هلندو ويندو هيٺ ۽ ماڻهو گهندو ويندو. جيئن جيئن پاڻ ڇڏائڻ لاءِ هٿ پير هڻندو، تيئن تيئن پنهنجي بار پر ويتر ويندو ڦاسندو. ڏيڻ جي اونهائيءَ يا گهاٽائيءَ جو ته انت ئي ڪونه پوندو آهي ته هيٺ ڪٿي ٿي وڃي پوري ٿئي. جيڪڏهن ڪنهن ڏاهي ماڻهوءَ کي اڳواٽ سُڌ هوندي ته هيءَ ڏيڻ آهي ته اُيي ٻيهڻ جي بدلي هڪدم ان گپ پر ليٽي پوندو آهي ۽ ليٽندو موٽندو ڦرندو گهرندو ليٽڙيون پائيندو ٻاهر نڪري اچي ته ٿي سگهي ٿو، نه ته پنهنجي زوربار پر سڌو بيٺو ته ويندس ڏيڻ ڳهندي. پير اندر

ويا تہ ٽنگون ويون، جي ٽنگون ويون تہ پيٽ ويو ۽ پڇاڙيءَ ۾ ٻچيءَ سوڙو گار ٽي ويندو ۽ نہ تو ڏنو، نہ مون ڏنو. هن جي بچاءَ جو بہ ڪو اُپاءُ ڪونہ ٿئي. دانهون ڪندي ڪندي دانهن ڪوڪ بہ بس ٿي ويندي، ۽ ڏسڻ وارا هاءِ هاءِ ڪندا ڏسندا رهندا، پر ڪير جو ويجهو وڃي تہ پاڻ بہ بک ٿي وڃي.

هاٿي جتي جتي اهڙيون ڏٻٽيون اچا آهن، اتي ڏيڻ واري ٽڪر کي چوڌاري لوڙها ڏياري ڦٽا ڪيا اٿن، جيئن ڪو بہ انهيءَ چُرَ ۾ پير نہ رکي. ماڻهوءَ کي الله سائين سمجهہ ۽ بڌي ڏني آهي. هن جي اڳيان هن ڌرتيءَ تي سوين سمجهہ جون سوکڙيون بہ اپايون اٿس تہ ڪيتريون ڪَنن اهنجايون بہ اوساريون اٿس تہ ماڻهو ٻنهي ٻالهين جي تور تڪ ڪري تہ ڪيس سڌ پوي تہ ٻاجهاري ڏٺيءَ جا اسان تي ڪيترا تورا آهن. اسان کي رڳو سُرت کان ڪم وٺڻ گهرجي ۽ جڏهن هن ڌرتيءَ تي هلجي، تڏهن آڪڙجي نہ هلجي، پر سُرت ڌاري پير رکجي. هٺ سدائين مارائيندڙ آهي. ڪنهن سگهڙ چيو آهي تہ:

هٺ نہ ڪجي هيترو، هٺ وڃايا وير،
ڪِري پيڙا ڪيترا، ماڙين مٿان مير،
هٺ ڪيرايا ڪيترا، توڪان سُڌ سڌير،
پڙهيل پنڊت پير، ڪميا مان ڪٿي ويا.

# 27- شرم ٻوٽي

اوهان جو ڌيان گوشت جي ٻوٽيءَ ڏانهن وڃڻ نہ کپي، جا اوهين مزي سان کائيندا آهيو. وڏن ٻوٽن کي ٻوٽا ۽ ننڍن ٻوٽن کي ٻوٽيون سڏيندا آهن. اهڙيون هزارين ٻوٽيون آهن، جي ٽڪرن ۽ ڏونگرن، ٻوٽن تي اوپر ڪنديون آهن ۽ جيڪي ماڻهو انهن کي سڃاڻن ۽ انهن جي گڻن ۽ ڪمائتي هجڻ جي سڌ اٿن، سي اهي بہ-ٽي ٻوٽيون پري وڃي سڪائين ۽ پوءِ اهي سُتين ڦڪين ۽ ڏوارن ۾ ڪم اچن. انهن ٻوٽين کي چون ٿي جڙي ٻوٽيون. جڙي ٻوٽين سان

جنهڪو اڳهن جو درمل ٿئي، سو ڊاڪٽري دوائن کان ڪنهن پر گهٽ ڪين آهي. رڳو انهن مان ڪم وٺڻ ۽ انهن کي سڃاڻڻ ته ڪهڙي ٻوٽي ڪهڙي اڳهائيءَ لاءِ ڪمائتي آهي، اها سُرت هئڻ گهرجي. جس هجي پساري کي جي اهي ڪک پن سڃاڻن ٿا. ويچ ته چئي لکي ڏيندا ته پساريءَ کان وڃي هي ڪي هي ٻوٽيون وٺي پڙيون ٺهرائي ڪاڙهي پيئو، بس. پوءِ پساريءَ وٽ وڃ ته اها چئي پڙهي جهٽ ڪٽيو ڪري. اسان جيڪو تپ ۽ تڏ کان ڪاڙهو پيئندا آهيون، جنهن کي حڪيم منزج چون سو آهي ڇا؟ اهي ئي ڪک پن ۽ ٻوٽيون هونديون آهن، جهڙوڪ ست گلو، نيلوفر، گڻ ويل، وڏف، ٻهيڙا، آنورا، هريڙون، منڊيري، برگ يوسفي، مني ڪاني، ڪڙي ڪاني، ايريال، ڦودنو ۽ ٻيون اهڙيون سوين ٻوٽيون، ٻج ۽ پسار جون شيون. پساريُ به انهن جو جهڙو حافظ. ڪاريءَ رات جو چوينس ته پنهنجي هٿ تان جن دٻن ۾ اهي ٻوٽيون هونديون، تن کي هٿ لائڻ ۽ سونگهڻ سان جهٽ ڪري ايندو. اهي ٻوٽيون نه ڪير پوکي ۽ نه ٻج وجهي نه پاڻي ڏئي، پاڻمرادو اُپري پون. الله سائينءَ جي ڏنل ڏات آهي، جي ماڻهوءَ جي تن جي ڇا ڪائيءَ لاءِ اُپايون اٿس.

هاٿي ڇڏيون ٿا انهيءَ قوت کي، اچون ٿا شرم ٻوٽيءَ تي، ڪڏهن ڪنهن ڦلواڙيءَ تي وڃو ته باغائيءَ کي چئو ته اسان کي شرم ٻوٽي ڏيکار، هو اوهان کي وٺي هلندو ۽ ڪنهن نه ڪنهن گلن جي ڪونڊيءَ وٽ هلي اوهان کي بيهاريندو ۽ چوندو ته هيءَ اٿوَ شرم ٻوٽي. خبر اٿو ته هن ٻوٽيءَ تي اهو نالو ڇو پيو آهي؟ سچ پچ اها شرم واري ٻوٽي آهي ڇا؟ اها سُڌ اوهان کي تڏهن پوندي جڏهن اُن کي هٿ لائيندا يا ڇُهندا. اها ٻوٽي سائي سونهن پري ڪونڊيءَ ۾ ول وانگر پکڙي پئي هوندي آهي ۽ ان جا ڪومل پن ڪليا بيٺا هوندا آهن. جيڪڏهن ان جي پن- ڇنن پنن کي هٿ لاتوَ ۽ پنهنجي چپٽيءَ ۾ ڪٺي جهليوَ ته سُڌ اٿو ته ڇا ٿيندو؟ انهيءَ ٻوٽيءَ جا پن ويرم ۾ شرم کان ڪومائجي ويندا. مرد ماڻهوءَ جو هٿ لڳيس ته ڪومائجي وڃي پر ڪنهن ننڍي نياڻيءَ يا

# 29- انڊلٺ

ڏٺيءَ جي جوڙن مان انڊلٺ بہ ماڻهوءَ جون اکيون کولي ٿي ڇڏي. انڊلٺ جڏهن نڪرندي آهي تہ ان کي سنو سنوڻ سمجهيو ويندو آهي. سڀ هيج مان چوندا آهن تہ هن مند ڏيهہ ۾ سُڪار ٿيندو ۽ ويچارا اپرا سپرا ساهہ پٽيندا. انڊلٺ اوهان گهڻو ڪري ڏٺي تہ هوندي، اها مينهوڳيءَ جي مند ۾ نڪرندي آهي. جڏهن مينهن وسي بس ٿيندو آهي ۽ سج اڪ ڪيڏندو آهي تہ ڪڏهن ڪڏهن انڊلٺ ڏسڻ ۾ ايندي آهي. جي سج هوندو آهي اُبرندي پاسي ۽ وچ ۾ سنهيون سنهيون بوندون پونديون آهن تہ انڊلٺ اُلهندي پاسي ڏسڻ ۾ اچي پر جي سج هجي الهندي ۽ وچ ۾ بوندون پون تہ انڊلٺ نڪري اُبرندي پاسي. هڪ پيري ڪنهن ماڻهوءَ کوهہ تان پاڻي پئي پريو، کوهہ پڪين سرن جو نهيل هو، هڪ ڏس کان سج جي ڪرڻن ڪري کوهہ جي پاسي تي اُس جو اُولو پئي پيو، کوهہ جي وچ ۾ جو پاڻيءَ جا ڀوڪا پئي پريائيين تہ ان ۾ ڇنڊون ڦٽي نڪتيون، اهي ڇنڊون سج جي ڪرڻن مان لنگهي هيٺ ٿي ڪِريون تہ کوهہ جي ٻئي پاسي پٽ تي انڊلٺ نڪري آئي، هن اتي بيٺل سپني کي سڏوسڏ مچائي ڏني. چي، اچي هي رؤنشو تہ ڏسو، سڀ ڊوڙندا آيا ۽ ڏسي ڏنديں آڱريون اچي وين. هن پاڻي پرڻ بند ڪيو ۽ ڇنڊون ڪِريون تہ انڊلٺ گم ٿي ويئي- هن پنهنجي گهر بہ وڃي اها ڳالهہ ٻڌائي ۽ گهر جي وڏي چيس تہ ابا بيهہ تہ مينهن وسڻ ۽ ڏٺي ڪري تہ انڊلٺ نڪري، پوءِ ڏسج تہ هن ۾ رنگ ڪيترا آهن- انڊلٺ ۾ مڙئي ست رنگ هوندا آهن. 1- واڱڻائي، 2- آسماني، 3- بلو 4- سائو، 5- پيلو، 6- نارنگي، 7- ڳاڙهو. ان مان چٽائي سان سمجهي وڃبو تہ سج جي ڪرڻن ۾ بہ اهي ست رنگ آهن. کوهہ ۾ تہ انڊلٺ جهڙي هڪڙي ننڍڙي ڪمان ڏٺي هوندئي. پر سچي پچي انڊلٺ جا سانوڻ ۾ نڪرندي آهي سا آڪاس جي هڪ ڏس کان ٻئي ڏس تائين هڪ وڏي ڪمان يا وَنگَ وانگر هوندي آهي ۽ ست

ئي رنگ سولائيءَ سان ڳٽي سگهبا آهن. جڏهن اندلٺ نڪرندي آهي ته ننڍو وڏو گهر کان ٻاهر نڪري اچي اهو رڱنشو ڏسندو آهي ۽ ڏٽيءَ جي جوڙ جي سارا هه ۽ واکاڻ ڪندو آهي- اندلٺ به ڏٽيءَ جي جوڙن مان هڪ انوکي جوڙ آهي. انگريزيءَ ۾ ان کي "رين بو" "مينهن جي ڪمان" سڏين ۽ عربيءَ ۾ ان کي "قوس قزح" چون- خدا کان سواءِ ڪنهن کي اهڙي ذات يا سگهه آهي جو اهڙي وَنگ ناهي سگهي؟ اندلٺ هڪ موري يا وڏيءَ پل وانگر هوندي آهي جنهن جي هيٺان هوند سڄي ڌرتيءَ تي رهندڙ ماڻهو ۽ پيا ساهه وارا لنگهي وڃن. اندلٺ جي بيهڪ به ٿوري ويرم لاءِ هوندي آهي. جيئن سنهيون سنهيون بوندون بس ٿينديون وينديون، تيئن اندلٺ جا رنگ ۽ ڍا سڄي پل هوريان هوريان جهڪي ٿيندي ويندي آهي ۽ نيٺ ميٽجي ويندي آهي.

اندلٺ جو ڏيک ويک به کهڙو نه من موهيندڙ آهي. ان کي ڏسندي ڏسندي ماڻهو ڌاپندو ئي نه ۽ پاٻنيندو آهي ته وري وري اندلٺ نڪري ته ڏسندو رهان. اهي ئي ته الله سائين جا جوڙ ۽ جنسار آهن، جن اسان کي سندس هوند جو مڃيندڙ بنايو آهي. ڪنهن سگهڙ چيو آهي:

اُڀ ڏي ٿوري نظر ڪريو،
سج چنڊ تي پڻ ڏيان ڌريو،
سهٽي تارن سندي قطار،
جوڙيا سائينءَ سڀ جنسار.

## 30- سَنُ

لوڻ بنا سيڪو ڪاڏو ڦڪو- وات ۾ وجهه ته وٺي ئي نه، سيڪو دانهن ڪندو ته اڙي ماني ڦڪي، يا پَت ڦِڪو يا پا جي ڦِڪي. ڪاڏي ۾ پوي سا لوڻ جي چپٽي، نه ته ان کانسواءِ پنسا ئي پاٽيءَ ۾. اهڙي ڪمائتي شيءِ ۾ سستي وري پين سيني شين کان. اهو لوڻ اچي ڪٿان ٿو سا به اوهان کي سڌ هوندي،

روڪيندا اٿن، پر ٻار سو نيٺ ٻار، سمجهہ هجيس جو روڪڻ تي روڪجي سگهي. ان ڳالهہ جو نيٺ انت اهو ٿيندو آهي، جو ٻارن کي هنگڻ ۾ سيڪيون پئجي وينديون آهن، جي سندن آنڊن مان نڪرنديون آهن. مائٽ ويچارا ڦڪيون ڦُٽيون وجهندا اٿس تہ اهي سيڪيون پيٽ ۾ ئي مري وڃن تہ ٻار ۾ لوچ پُوچ نہ ٿئي ۽ ننڊ سٺي اچيس. اها تہ ٿي ننڍڙن ٻارن جي ڳالهہ، پر وڏن سان اجا ئي هڪ وڏو هاڃو ٿيندو آهي. اهو هاڃو آهي "ڏُهند". توبهہ گيسي! اهي ڏهند تہ وري پوريون بلائون آهن! ننڍا ڪيڙا هجن تہ بہ نهيو. ننڍي ۾ ننڍا ڏهند بہ-ٽي انچ ٿين ۽ وڏا تہ فوٽ کن جيڏا ۽ ڪڏهن ڪڏهن ان کان بہ وڌ ڏٺا ويا آهن. جنهن کي ڏهند پيٽ ۾ پون، اهو ويچارو ويندو آهي ڳرندو نجهرندو. ڪاڏو بہ ڪونہ وڻيس ۽ ڪا بہ شيءِ چس ڪا نہ ڏئيس. پيٽ ۾ ڪڏهن ڪڏهن اهڙو سور پويس جو ويچارو لڇندو رهندو آهي. پتو تڏهن پوندو جڏهن ٽوري ۾ ڪي ٻہ-چار ڏهند نڪريو اچن. اهو رنگ ڏسي ويچاري اگهي جو تہ ساهہ ئي سڪي ويندو آهي، جو جيئريون جاڳنديون بلائون ٽوري ۾ پيون ڦٿڪنديون آهن، ويچارو دانهن ڪري اُٿندو آهي تہ ڪيس نہ چنبڙي وڃن ۽ اٿي ڪڙو ٿيندو آهي ۽ ٻاهر نڪري مٽن مائٽن کي ٻڌائيندو آهي، جي پاڻ ڏسڻ سان هرا سجي ويندا آهن.

ڪڏهن ڪڏهن تہ ائين بہ ٿيندو آهي تہ اگهي جي دل ڪچي ٿيڻ لڳندي آهي ۽ اُلٽي ٿيندي اٿس تہ ان ۾ ڏهند نڪري ايندا آهن، جي اگهو ڏسي دانهن ڪري وٺي ڀڄندو آهي. نيٺ مٽ مائٽ وٺي ڪيس ڪنهن ويج يا ڊاڪٽر وٽ ويندا آهن، جو اگهي کي سخت جلاب ڏيندو آهي. بس پوءِ تہ ڏٺيءَ جي جوڙ آهي، سوين ننڍا وڏا ڏهند دستن ۾ نڪريو اچن ٻاهر. اهڙيءَ ريت ٻہ-چار جلاب ڏيڻ سان ۽ ٻي دوا پيئڻ سان اگهو وڃي مس سگهو ٿيند آهي ۽ ساهہ پٽيندو آهي. بس ٿوريءَ دير ۾ سوين بلائون ڦٿڪنديون ڏسي ماٺوءَ جو منهن هارجي ويندو آهي ۽ من ڏڪي ويندو آهي، پر ساڳيءَ مهل سرهو بہ ٿيندو آهي تہ آزار لٿو.

۽ جانورن سان جانور آهن. بيا پکي به آنا لاهين ۽ انهن تي آرو ڪري ٻچا ڦوڙين، پر هيءُ ٻچا ڄڻي، جيئن جانور ڄڻين ۽ انهن کي ٿڃ به پياري. اسين اسڪولي ڪتابن ۾ هڪ آکاڻي پڙهندا هئاسين ته هڪ ڀيري جانور ۽ پکين جي اچي جنگ لڳي، چمڙي ڏٺو ته جانور سگهارا آهن ته انهن وٽ ويو ۽ چيائين ته آءُ جانور آهيان، ڏسو منهنجي وات ۾ ڏند آهن، مون کي کنڀ به ڪونه آهن، آءُ ٻچا ڄڻيان ۽ آنا ڪونه لاهيان. هي پير به اٿم، جن سان پٽ تي جانورن وانگر رڙهان به ٿو: تنهنڪري آءُ اوهان جو ساٿي آهيان. وري جڏهن ڏٺائين ته پکي سرسي ڪري ويا آهن ته پڇي انهن وٽ آيو ۽ چيائين ته يار مان ته پکي آهيان. ڏسو هي پَر اٿم، انهن سان اُڏامان ٿو ۽ ڏرن يا وڻن ۾ ڪونه رهان، اوهان وانگر پٽين ڇتين جي ٻرن ۾ آکيرا ناهي رهان. آءُ ته اوهان جو ساٿي آهيان. پوءِ ٿيو ڇا جو جانورن ۽ پکين جا مٿيد لهي ويا ۽ پاڻ ناهه تي وين، هاڻي چمڙو ڪيڏانهن وڃي- ويو جانورن وٽ ته انهن دوڙائي ڪڍيس ته تون پکي آهين. وڃ پکين وٽ- آيو پکين وٽ ته انهن ڌڪاري ڪڍيس ته تون جانور آهين، وڃ انهن وٽ. ائين ٻنهي جڳن مان ويو.

چمڙي لاءِ چوندا آهن ته ڪنهن کي ڇَڪ هڻي چنبڙي پوي ته جيسين ڪارو گڏهه هينگ نه ڏئي، تيسين ڇڪ نه ڪڍي. اها آهي رڳي هڪڙي ڳالهه، پر ائين ته برابر آهي ته چمڙو ڇهتو ته جنڊ ڏکي ڇڏائيبي. پهاڪو ڏيندا آهن ته "تون ته جنهن کي ٿو وٺين، ان کي چمڙي وانگر ڇهتيو وڃين."

چمڙو ڏسڻ ۾ به ڏاڍو ٻچڙو هوندو آهي ۽ ٻُچان پڻي لڳندي آهي، پر آهي ته اها به ڏٺيءَ جي جوڙ. ڪاريون ڦولڙيون لاهي، جن ۾ ڏپ ٿئي ۽ مُٺي به ڦڙو ڦڙو، سو به ذري ذري، ان ڪري ماڻهو چمڙي جي گهر هينان سمهن ئي ڪونه، نه ته هنڌ ٿيڙ ڪن ڪري ڏيندن.

پار ته وري چمڙي جو به رؤنشو اُڏائين. شل ڪو اوچتو ڏينهن ڏٺي جو هيٺ نه ڪِري، اکيون هوندس بند، جهڙو بنهه انڌو- پوءِ ته ڪٿي سرن ۾ لنين

جٺي ڏئين، پر ٻڪريءَ وانگر سندس پڇاڙي اهائي ڪاتي ڪنڌ تي.

هرڻ جي کَل مان نماز جا مصلا يا جاءِ نماز ٺهن، فرا سيون ٺهن، نٽون (نطعون) ٺهن، سليپر ۽ سپاٽا ٺهن ۽ هندن جا ٻاوا ان جي کل تي ويهي تپسائون ڪن. اڄڪلهه هرڻ جي کَل مان ٺهنگون به ٺاهين. کَل تي هٿ لائبو ته آسيس پٺي ايندي ۽ من پيو ٺرندو، نيڻ پيا کلندا. هرڻ جو ڪٽنب به وڏو آهي. ڦاڙها، گڊ، سرنهن ۽ سانبر به هن ئي ڪيڙ مان آهن، پر سيني ۾ سهڻو هيءُ آهي. سڄي ڪٽنب جو الله واهي آهي، سيني شڪار ٿين ۽ باهه تي سندن ماس پچي. ماڻهو به ڪهڙو نه ڪُڪَرمي آهي. ويچارن ٻي ڏوهه ساهه وارن تي ڪهل ئي ڪانه اچيس.

ڪائي ويچارو جهنگ جو ساٿو گاهه نه ڪنهن کي ڏئي نه ڏکوئي. پاڻي ته ٻارهن مهينن ۾ هڪ-به گهمرو مليس ته پلو. اوهين چوندا ته چال هيڏا ٿو ڏئي، پڇي چو نٿو وڃي ته بندوقن کان بچي پوي. پر ادا، هرڻ ۾ هڪ اهڙي ڳالهه آهي جا کيس مارائي ٿي، اها ڳالهه هيءَ آهي ته هو چال ماري ٿورو پريرو وڃي وري بيهي پٺ تي نهاريندو آهي ۽ بندوق نا تي ويندي اٿس. اها بيهڻ جي هير نه هجيس ته سچ پچ مري ئي ڪونه. پاڻي گهٽو نٿو پيئي، ان مان ته اهو لاڀ مليس ٿو جو چال ڏئي تکو ڊوڙي ٿو سگهي. پاڻي پيئندڙ جانور نه ايترا چال ماري سگهندو ۽ نه اهو تکو ڊوڙي سگهندو، پر ماڻهو به سڀ کان ڏاهو آهي، هڪڙا پوندس پنيان ۽ ٻيا ڦري ايندس اڳيان- هڪڙا هڪل ڪندس پنيان ته هو ڊوڙندو اڳتي، جتي ويري اڳي ئي لڪا وينا هوندا آهن ۽ گولين جو وسڪارو لاهي ڏيندس. هرڻ جي کهڙي ساراهه ڪري کهڙي ڪجي. واهه واهه الله سائين تنهنجي جوڙ!

## 39- گينگو

نالو ته ڏسو هن جيت جو ڪهڙو آهي، ٻڌڻ سان کل ونيو وڃي، پر ڏسڻ سان کل نه ايندي. آهي ساڳيو پؤنر جهڙو، پر ان کان پيٽو وڏو. ڪارو جهڙو

آيون. اُنَ تان لهي جانچ ڪيم تہ هي ٻاڙهيون چو آهن. ڏسان ڪٿي تہ انهن جو پٽر سچُ داءَ جو آهي. اهو داءُ وارو نرم پٽر ڪُٽي ڇاٽي اسين پنهنجي پڪين سرن وارين جاين ڪي اڇي پوچيءَ جي بدلي ٻاڙهي داءَ جو راڳو ڏيندا آهيون تہ سرن واريون پتيون ويتر سونهن ڪنديون آهن. داءَ ڪان سواءِ هيٺ ڪوتبو آهي تہ ڪي تمام نرم ڳوڙها سونا گيڙوءَ جا بہ ليپي پوندا آهن، جي پورُ هوندا آهن. اهي ڳوڙها تہ داءَ ڪان بہ وڌ ڪمائتا هوندا آهن. اهي اوهان ڪي ڏسٽا هجن تہ سونارن وٹ وجي ڏسو. سونارو ويچارو سون جا پلي تہ ڪهڙا بہ سهڻا ڳهہ ڳنا ناهي، پر اهي ڦڪا هوندا آهن. ناهڻ ڪان پوءِ جيستائين انهن ڳهن ڪي سونا گيڙوءَ جي چَٽَ نہ ڏئي تيستائين سون سونهن ئي نہ ڪري. سون جي چمڪ ۽ ڏمڪ سونا گيڙو ئي وڌائيندو آهي. زالون مايون تہ سون تي سدائين هرڪيل هونديون آهن، سو سونا گيڙو لڳل ڳهہ ڏسن تہ اصل چريون ٿيو پون. ڪڏهن ڪڏهن سندن زيورن تان سونا گيڙوءَ جو رنگ لهي وجي تہ وري ان ڳهہُ ڪي اوجر ڪرائين ۽ سونا گيڙوءَ جي چَٽَ ڏيارين، تڏهن وجي سندن من ۽ اکيون ٺرن. انهيءَ پٽر جو نالو ئي رکيو اٿن سونا گيڙو. گيڙو، رنگ آهي ۽ اهو رنگ سون کي ڏيڻ لاءِ ئي ڪم اچي ٿو. ان ڪري چونس ئي سونا گيڙو.

هاڻي ٻڌايو تہ آهي ڪا اهڙي شيءِ جا خدا نڪمي جوڙي هجي؟ ڌرتيءَ ۾، پاڻيءَ ۾، پهاڙن، اُپ جي ڪکرن ۾، سج چنڊ ۾ تارن ڪَتين ۾ ڪيئي خزانا لڪل آهن، جن تي ماڻهوءَ ڪي ڪيپي تہ ويچار ڪري انهن مان ڪمائتا ڪم وٺي. قرآن ۾ تہ الله سائين چوي ٿو تہ مون ڪا بہ شيءِ بنا ڪم جي جوڙي نہ آهي. مون لوهہ ۽ ٻيا ڌاتو اوهان لاءِ پيدا ڪيا آهن تہ انهن مان اکيون کولي ڪم وٺو. هن پرتويءَ تي جن بہ پنهنجي چڱي سوچ هلائي انهن مان انيڪ ڪم ورتا آهن، سي هن جڳت ۾ ڏاڍا سکيا ستابا ٿي ويا آهن ۽ ٻيا سندن هٿ وسيڪ ٿي رهيا آهن.

وڏ ، ڪُتِ لچي آهي، جا ڏيکائي ڪانہ ڏئي لڪي چڪ هئي.

## 45- ڪنيڙيون

مينهن وسندو ئي تڏهن آهي، جڏهن پهريائين رڳهون ۾ گهٽون ٿينديون آهن، ٿوري وسڪار ٿئي ۾ مُنهن اونداهي مهل گهُٽ ٿئي، تہ اجهي ڪَنيڙيون آهن. ڪٿان ٿيون اچن، اها ڪل ڪريم کي. سچ لٿو، بتيون پريون تہ هزارن سون جي سينا نڪري ٻاهر ٿيندي. بتين کي گهيري ويندون. ڪير جو بتيءَ اڳيان ويجهو وڃي: منهن ۾ پيون لڳنديون. وات نہ شل ڪنهن جو کليل هجي تہ وات ۾ گهڙي ويندون. پلا نڪ ڪيئن بند ڪري سگهجي، تہ پوءِ ساهہ ڪٿان کڄي. ڪُنيڙيون تہ نڪ ۾ بہ گهڙيو پون. منهن تي، ڳچيءَ تي، ڏس ڪٿي تہ بت جو جيڪو بہ کليل پاگو هوندو، ان تي پيون ڪِرنديون. لاچار ٿي ماڻهو ويچارا ڪجهہ دير تائين بتيون ئي وسايو، اوندهہ ڪريو سمهيو رهن. آخر اهو بہ ڪيستائين؟ ماڻهو تہ وري سياڻو آهي، چا ڪندا آهن جو گينديون يا پاٽيون يا ٿالهہ پاڻيءَ سان ڀري بتين جي هيٺان اهڙيءَ ريت ڪٽي رکندا آهن، جو بتيءَ جو پاڇو پاڻيءَ ۾ پوي. پوءِ تہ ڪنيڙيون پائينديون تہ اها بہ ڪا بتي آهي، سو ٽپي پونديون پاڻيءَ ۾، پَرَ پُسيس تہ مُئي. گهڙي ڪن ۾ پاڻ مٿل ڪَنيڙين سان ڀرجي ويندي، جو تہ ڪنپ پسيس تہ انت آيس. ماڻهو خدا کي ٻاڏائيندا تہ هوا لڳاءِ تہ هن مُنيءَ مان جند ڇُٽي. ڏِينئي يا بتيءَ تي هي ڪنيڙيون بہ پتنگن وانگيان موهت آهن. سوجهري تي موهت ٿي اچي مڙنديون. ڪي بتيءَ جي لاٽ يا ڪوسن بلبن سان لڳي ساهہ ڏينديون ۽ ڪي وري پاڻيءَ ۾ ڦٿڪي مرنديون. آهي سوا گهڙيءَ جو کيل، هوا لڳي تہ کيل پورو ٿيو. الاجي ڪٿان آيون، ڪيڏانهن ويون. صبح جو ڏسبو تہ ڪنپ جدا ، ڍڍر جدا ڍير لڳا پيا هوندا ، جي بهاريءَ سان ميڙي ڪيٻا ٻاهر ۽ائين پائبو تہ ڪنيڙين جو ڪال آيو هو يا قيامت آئي هئي.

# 46- ڪونج

ڪونڄ پکي هڪ روھہ جو پکي آھي، جو گذاري پھاڙي پٽن ۾ - ٻچي ڏگھي، آلاپ مٺو، سڄي سونھن ھوندي آھي. انڪري ڪا سھٽي زال ھوندي آھي تہ چوندا آھن تہ بس ڪونج آھي. جي سندس ٻچي ڏگھي ٿي تہ چوندا ڪونج جھڙي ٻچي اٿس.

اسان جي سنڌ ۾ جڏھن سارين جي پوک ٿئي، سارين مان سلا ڦٽن تہ انھن کي چون "ڪکر". اھي ڪکر چار انچ کن اُسريا تہ ھاري پاڙن سوڌا پٽي موڙيون ٻڌندا. پوءِ جيڪا زمين سارين پوکڻ لاءِ تيار ڪئي ھوندائون تہ ٻہ-ٻہ سلا سارين جا ريج ڪيل زمين جي گپ ۾ رُنبندا ويندا. انھيءَ ڪم کي چوندا آھن رونبو يا وٺراج. سارين جي سلن جو رونبو سڏين اوڙن ۾ ڪندا آھن. وٺراج جو ڪم پورو ٿيو تہ ساريون اپرڻ ۾ دير ڪونہ ڪنديون ۽ جڏھن نسرنديون ۽ سنگ جھليائون تہ سمجھو تہ روھہ ۾ نياپو پھچي ويو ۽ جڻ پڙھو گھمي ويو. پوءِ ڪونجڙيون ويچاريون سڄو سال سارين جون سڪايلون، پنھنجا پَرَ اڏامڻ لاءِ سوئينديون. ھونءَ بہ پھاڪو آھي تہ سيڪنھن جنس جا پکي پنھنجي جنس سان گڏ اُڏامندا آھن. ان وانگيان ڪونجڙيون ويچاريون پنھنجي وڳر ۽ ولر سان ئي اڏامن. ٻين پکين جي اڏام بہ وٺندي آھي، پر ڪونجون ڪير سڏائي. سنئين سڌين ٻارين ۾ اُڏامنديون ٻوليون ڪنديون لنگھنديون آھن تہ ڏسي دل پٺي نرندي آھي. "ڪونجن قطارون" ڪافين ۾ ڳايون وينديون آھن. اُڏامن بہ مٿي، ٻين پکين وانگر ھيٺ ڪونہ اُڏامن. پھرين ڪونج، جا سندن راٺي ھوندي آھي، تنھن منھن ڦيريو تہ سيئي اھڙيءَ ريت ڦري وينديون جيئن سنئين ٻاريءَ کي ڪوبہ جوکو نہ رسي، ائين پيو پانئبو آھي جڻ تہ ڪو پلٽڻ جو پلٽو سکيل آھن ۽ ڪنھن وڏي سالار ڪين سکيا ڏني آھي. پر سُڌ اٿوَ تہ اھو سالار ڪير آھي؟ اھو سالارن جو سالار ڏٺي سڳورو آھي، جنھن ھن ۾ اھا ٻڌي پيدا ڪئي آھي. شل نہ ڪا ڪونج سانگ ۾ مري وڃي تہ

ڪٺي ٿين. پارڪر ۾ چڱي ڳاٽيتي ۾ ٿين. اتي ڪاني ڦينجهو ۽ ڇوڏو ڇينهو وڻ جي ڪاٻ سرڪار ڪنان جهل پل ڪانهي. رڳو هڪ وڻ روهيڙو آهي، جنهن جي وڻ ۽ ڪپڻ کي ڏوهه نهرايو ويو آهي. ان جا ڪارڻ ٻه آهن: هڪ تہ انهيءَ وڻ جو ڪاٺ تمام ڪمائتو آهي، ٻيو تہ اهو وڻ ٿر ۾ تمام ٿورو آهي ۽ تيون تہ اهو وڻ ٿر جي ڦلواڙي آهي. بسنت جي مند اچي تہ هن وڻ ۾ پن ڦٽي پون. جهڙيءَ ريت هتي بہ بهار ۾ وڻن ۾ ڦوٽهڙو ٿئي. اوهان کي سڌ آهي تہ سيني گاهن ۽ وڻن جا پن ساٽيءَ رنگ جا ٿيندا آهن؛ پر روهيڙي جا پن ٻن رنگن جا هوندا آهن: هڪڙا ڳاڙها گلابي ۽ ٻيا پيلا هيڊي رنگ جهڙا. جڏهن روهيڙا پنن سان ڇانئجي ويندا آهن تہ بس انهن کي ڏسيو وينو ڏسجي. مور ۽ ڍيلون تہ مست ٿي روهيڙن جي ٽارين تي ويهي ميائو ميائو جي ڏن ٻڌي ڏينديون آهن ۽ سندن ڇانوَ بہ اهڙي سک سانت واري هوندي آهي، جو روهيڙي هيٺان گندي پڪيڙي سمهي پئو تہ جڻ پنگ جو نشو چڙهي ويو. پنن ۾ سڳنڌ ڪانہ ٿئين نہ تہ وڏا وڏا ماڻهو بہ هوند ڪهي اچي روهيڙي هيٺ ويهي سک ماڻين ۽ انهن کي بنگلا ۽ ماڙيون وسري وڃن. روهيڙو هتي ورلو ڪو ڏسجي نہ تہ هتي جا ماڻهو هوند گهمائي وٺنس ۽ وڏي لاهہ بہ ڪڏي ڦٽا ڪنس ڇو جو هن جي ڪاٺي ڪمائتي آهي.

## 48- مور

جيئن جانورن ۾ هرڻ سهڻو آهي، تيئن پکين ۾ مور سان ڏنگ لڳو پيو آهي. ڇيها، ڦمريون، بلبليون، پاپيها يعني پپيها، چتون، مينائون، ڪاٺ-ڪُٽا ۽ ٻيا ڪيترا پکي برابر سهڻا آهن، پر مور جو مٽ ڪونهي. ماڻهو ڪنهن پنهنجي پياري کي ڪڏهن بہ ڪونہ چوندا تہ منهنجا پاپيها يا منهنجا چتون يا منهنجا بربلا يا منهنجا ڇيها؛ پر وڏي پيار سان پنهنجي پياري سنگتيءَ کي يا وڏي ماڻهوءَ کي چوندا آهن تہ "حاضر منهنجا مور، اوهان جو حڪم اکين تي!" اوهان تہ ائين ئي ٻڌو هوندو تہ مور باغن ۾ رهن، پر ائين نہ آهي. ٿر جي

بريٽ ۾ جتي ڪوبہ ٿل ٿول ڪونہ ٿئي، اُتي مورن جا ولر ڏسڻ ۾ ايندا آهن. جنهن مَڙهي ۾ لهہ تہ مور پيا ٻوليندا. وري ڍيلون تہ انهن کان بہ گهٽيون. جهوپائن ڳونٺن وارن گهرن جي ٻاهران. ٻنا ڊپ ڊاءُ جي ٻاهر چڏيل ڪچري ۾ ساڳيون ڪڪڙين وانگر پيرن سان ٻوهر ڦولهي، ان مان ٻاجهريءَ جا داڻا پيون کائينديون. ڍيل اهڙي سهڻي نہ ٿيندي آهي جهڙو مور. ساڳيءَ طرح ساهہ وارن جي ٻين قسمن ۾ بہ نر ماديءَ کان سهڻو ٿيندو آهي- جهڙوڪ ڪُڪُڙ، ڪُڪڙ کان، جهرڪ جهرڪيءَ کان، ڏاند ڳئون کان، اُٺ ڏاچيءَ کان، هرڻ هرڻيءَ کان ۽ اهڙيءَ ريت ٻيا. هڪ ڳالهہ آهي جو ماڻهن ۾ زالون چون تہ اسين سهڻيون ۽ مرد چون تہ اسين. زال ۽ مڙس جو پيار هوندو آهي تہ زال مڙس کي چوندي آهي تہ تون مون کان موچارو آهين ۽ مرد زال کي چوندو آهي تہ نہ، تون مون کان سونهن ۾ سرس آهين.

خير، مور جي ڳالهہ تي ڪيم. ڏسو تہ سندس کنڀ ڪهڙا نہ سهڻا آهن. ڪهڙا ڪهڙا منجهن ڏٺيءَ سڳوري رنگ پريا آهن. ڳچي ڊگهي، چهنب وزنائتي، منهن ننڍڙو، ڳلن تي ٽڪيون. اهڙيءَ ريت پَرن تي بہ ٽڪيون. پر سڀ کان وڌ آهي سندس ڊگهو پُڇ، جو سندس ڍيل ڍول سهڻو بنائي ٿو. اوهان ڪڏهن مور جو ناچ ڏٺو آهي. "سبحان الله!" جڏهن پُڇ کنڊيري، پُڇ جا کنڀ هڪ گولائيءَ ۾ مٿي ڪندو آهي تہ ڏندين آڱريون اچي ويندڀون آهن. ماڻهو ڏسندي ڏسندي، بت بنجي ويندو آهي. ناچ ۾ نڪو ناچو پهچيس، نڪا ناچڻي. ائين پير ڪٽندو آهي ۽ جهمريون پائيندو آهي جو چئبو تہ مور اهڙو ناچ ڪنهن هوشيار ناچڻيءَ کان سکيو آهي ڇا؟ پر ناچڻي ڇا جي، اها تہ هن کي خدا کان ڏات مليل آهي. اها ڳالهہ بہ ٻڌي هوندوَ تہ جڏهن پنهنجي ڊگهي ڳچي ورائي پاڻ کي ڏسندو آهي تہ پنهنجي ٽنگن تي ڏک ڪندو آهي، جي ڪاريون هونديون اٿس ۽ اهڙيون سهڻيون نہ هَونديون اٿس، جهڙو ٻيو بُت.

ناچ ڪندي ڪندي، اڪين مان ڳوڙها وهندا اٿس، جا ڍيل پنهنجي چُهنب

کھي ٻوڙ رڌي کائيندا بہ آھن، پر ائين تورا ماٺھو ڪندا آھن. مون مور ڳھٺو کاڌو آھي. گوشت بلڪل ڪڪڙ جھڙو اٿس. ٻوڙ رڌيو جي سُڌ نہ ھوندي تہ پاڻنبو تہ ڪڪڙ جو آھي. ٻنھي ڪڪڙ ۽ مور جي ماس ۾ پيد رڳو اھو آھي جو ڪڪڙ جو گوشت اڇو ۽ مور جو ڳاڙھو ھوندو آھي. مور جون کھڙيون کھاٿيون ڪجن.

## 49- پوُنئرا

جڏھن ڪوھن جي سنياال نہ ڪبي آھي تہ انھن ۾ اندر ڪاري ڳپ ڳڏ تي ويندي آھي، جنھن ۾ ڏپ تي پوندي آھي. ائين ٿيو تہ ان ۾ ھڪڙا ننڍڙا ڪيڙا جن کي پوُنئرا چئبو آھي، سي جنم وٺندا آھن. اھي پوُنئرا ھزارن جي ڳاٿيتي ۾ ھوندا آھن. ڪوھن جو پاڻي ماٺھن جي پيئڻ لاءِ ڪم ايندو آھي پوءِ جو ان پاڻيءَ ۾ اھي ڪيڙا پيا ۽ اھي ماٺھو جي پيٽ ويا تہ اڳھا نہ ٿيندا تہ ٻيو ڇا ٿيندو؟ نيٺ پوُنئرن جي ڪري دانھن ڪوڪ مچي ويندي ۽ سرڪار پنھنجا ماٺھو موڪليندي تہ ڪوھن ۾ وجي دوا وجھن تہ اھي پوُنئرا مري وڃن ۽ بيماري نہ پکڙجي. اھا دوا جيڪا پاڻيءَ ۾ وجھبي آھي، ان کي چوندا آھن "پوتيشنم پرمنگنيٺ" . اھا دوا ڳاڙھي رنگ جي ٿيندي آھي، انڪري ڪوھ جو پاڻي بہ سجو ڳاڙھو ٿي ويندو آھي، پر پيئڻ ۾ ڇيھو ڪونہ رسائي. دوا نہ ملي تہ ٻيو بلو ھيءُ آھي، پاڻي ڪاڙھي ۽ پوءِ ناري پيئڻ کان اڳ ان کي ڇاڻبو بہ آھي تہ مٿل پوُنئرا پيئڻ جي پاڻيءَ ۾ نہ وڃن. پر اھو ڪم سيڙپ ۽ ڌڪيائيءَ جو آھي. پاڻي ھر ھر ڪاڙھڻ، نارڻ ۽ ڇاڻڻ ۾ ڪيتري ئي دير ۽ ڳھل ٿئي ٿي. انڪري دوا سان اھو ڪم سولو ٿو ٿئي.

ماٺھو پنھنجي گھرن جي مٽن دلن کي بہ ڌوئڻ ڪونہ ، ھڪڙي پاڻيءَ مٿان ٻيو وجھن. نيٺ تہ دلن ۽ مٽن ۾ بہ پوُنئرا پئجيو وڃن. نانوا ين جي ھٿن تي تہ گدلاڻي ڏاڍي ھوندي آھي، جيڪو ايندو، سو گلاس يا ڪِري ٽُبڙڪ ڪري

## 53- پيپُون

ٽر ۾ جڏهن سانوڻ جا وسڪارا ٿين ۽ هنڌ هنڌ گاهه ڦٽي پون ۽ سُڪن سلن ۽ ٻوٽن ۾ ساهه پوي، تڏهن ان ڪي سنڌ جو ڪشمير ڪوٺجي ته ڪو به وڌاءُ ڪونه ٿيندو. ڏٽ ۽ گاهه سان گڏ ڪيئي جهنگلي ميوا ۽ ڀاڄيون پيدا ٿي پون: للر، مريڙو، ڪونڊير ۽ پيپون انهن مان ئي آهن. پيپون ته اهڙي شيءِ آهي، جو ان جو نالو ٻڌندي ئي ٽرين جو وات پاڻي ٿيڻ لڳندو آهي. پيپون آهن ڇا؟ هڪڙيون ڦريون آهن، جي مُرٽن ۽ جهليُنُ جي پاڙن ۾ پيدا ٿي پونديون آهن. ٻن-ٽن انچن کان ڇهن انچن جيڏيون ڊگهيون سايون سايون ڦريون. ٽر جا ڏنار ميڙي گهرن ڏي ڪٺي ايندا آهن. اهي سواد ۾ ٿين ڪنڙيون، تن مان ڀاڄي به سٺي سوادي ٺهي ۽ ڪچيون به کائجن. ٽر جا ماڻهو ته ڇَر ڇَر ڪري سيرن جا سير کائي، وڏي اوڳرائي ڏئي ساهه پٽين. ڪي ٽر جا ماڻهو جي هتي وڏا وڏا ڪامورا هوندا آهن سي به ٽر ويندڙ کي منٿ ڪندا آهن ته ادا، موٽي اچين ته پيپون ضرور آڻج. مون به ٽر جو سير ڪندي ڏاڍيون پيپون کاڌيون. مزو ته منجهن واهه جو هو پر مون کي پان ڪين پيون، اُلٽيون ۽ دل ڪچي ڪري وڌائون. پر ائين ڪونه چئبو ته رڳو مون هڪڙي کي پانءِ نه پيون ته سيني سان اها ڳالهه لاڳو ٿي ٿئي. جتي اها شيءِ اُپجي ٿي اتي ماڻهن جو هن بابت جيڪو رايو هوندو، اهوئي سچو سڏبو. واهه پيپون واهه!

## 54- نهائين

ڪڏهن ڪنير جي جاءِ تي وچي ڏسو ته اچرج وٺي ويندوَ. گول چَڪُ، جو چيڪي مٽيءَ ۽ وارن جي ميلاپ سان ناهيو ويندو آهي، ان جو پورو وچ هڪ چئن-پنجن انچن جي ڪِيرَ تي رکيو ويندو آهي ۽ پاسي جي هڪ هنڌان لٺ ڦيرائڻ لاءِ ننڍڙو سَچُ به نڪتل هوندو اٿس. چڪ جو پورو وچ لسو رکيو ويندو آهي جنهن تي ڪنير هڪ پنوڙو چيڪي مٽيءَ جو چاڙهي رکندو آهي ۽ پوءِ لٺ

ان سَچَ ۾ وجهي وني چڪ کي تڪو ڦيرائيندو آهي. جڏهن چڪ پنهنجي پوري چڪر ۾ اچي ويندو آهي، تڏهن پنهنجا ٻئي هٿ ان مٽيءَ جي پنوڙي تي رکي، ڪَچا ٿانوَ جوڙيندو آهي. چا اوهين ڀانيو ٿا تہ ٿانوَ چڪ تان ئي ناهي هيٺ لاٿا ويندا آهن. نہ تہ، پهريائين ڪنڀر رڳو ٿانون جهڙوڪ دلن، مٽن، دڪين، ڪنگرن ۽ ٻين ٿانون جا بوتا تيار ڪندو آهي. جڏهن بوتو نهيو تہ ڪلهي تي جا ڏور رکيل هوندي اٿس، ان کي ان بوتي جي هيٺان ڏيندو تہ ڦيري تي اهو بوتو بچيل مٽيءَ کان ڪپجي پوندو ۽ لاهيِ ڪٺي هيٺ رکندس. ائين ويندو بوتا ناهيندو. جڏهن هڪ مٽيءَ جو پنوڙو پورو ٿيو، تہ ٻيو چاڙهيندو. چڪ جو ڦيرو ڍرو ٿيو تہ لٺ ڪٺي وري ڏاڍيان ڦيرائيندس. اهڙيءَ ريت ڪيئي بوتا جوڙي راس ڪندو. اهو ڪم لٿو تہ چڪ ڇڏي هيٺ تي ويهندو ۽ جيڪي بوتا نهيا هوندا، تن کي واريءَ جي ڇَٽَ ڏيئي، اچي نپٽيءَ سان وٺندو ۽ جيڪو ٿانءُ تيار ڪرڻو هوندس، سو اهڙي تہ سُچيتيءَ سان ويهي ناهيندو، جو سندس هنر تي واهہ واهہ ڪرڻ کان سواءِ ٻي وات ڪانہ سجهندي. پوءِ انهن ٿانون کي رکندو اُس تي، جڏهن اهي سُڪي ويندا تہ نهائينءَ جو پُورُ تيار ٿيندو. جن ٿانون کي داءَ جي ڳاڙهي رنگ سان چِٽڻو هوندس، تن تي سهٽا سهٽا چِٽ ڪڍندو ۽ چلڪ لاءِ واري چٽيندو. نهائينءَ جو پور پريو تہ سڀ ڪَچا ٿانو آٿي هڪ هنڌ پيڙا ڪندو. نهائين ڪجهہ مڙئي ٻيءَ ڏرتيءَ کان مٿيري دڙي تي هوندي آهي، ان کي ٻهاري سُهاري اچو اُجرو ڪري، ٿانو هڪٻئي سان هڪ سهٽي سٽاءَ سان ملائي رکندو ويندو. نهائين وارو پٽ جڏهن پرجي ويندو ۽ ڪابہ جاءِ نہ رهندي، تڏهن ان کي ٻڪرين جي ڦولهڙين جي ياڻ ۽ ٻي ياڻ، جهڙوڪ ڇيٽن سان پري انهن کي اهڙيءَ ريت ساٿاري رکندو، جو ڪُنڀر جي ڪرت کي ڪُنڀر ئي ڄاڻي، ٻئي کي ڪهڙي سُرت. جڏهن ڪَچا ٿانوَ هڪ سهٽي سٽاءَ سان نمڪي بيهندا ۽ مٿن ياڻ ۽ ٻيو ٻارڻ پئجي ويندو، تڏهن ان کي چنبو نهائين. نهائينءَ کي ڪنڀر آوِي بہ چوندا آهن. آويءَ کي ڏِڪيو ويندو، جيئن ڪل ئي نہ پوي تہ ان دڙي ۾

اندر ڇا آهي. اهڙو ته آويءَ کي بند ڪندو، جو هوا اندر نه وڃي نه ته ٿانو پڪا ڳاڙها ٿيڻ بدران ڪارا ٿي پوندا ۽ مَلهه- چور ٿي پوندا آهن.

نِهائينءَ کي بنهه پوري ڇڏڻ کان اڳ ڪن ڪن هنڌن تان دلِن يا دکين جون پکِل گرڻيون هٽندو آهي ته اتان اندر پيل پارڻ کي باهه ڏجي. باهه ڏيڻ کان پوءِ دونهي دکي ته اهي گِرڻيون به ڪِڏي ڦٽيون ڪندو آهي، جيئن هوا اندر نه وڃي ۽ نهائين اندران ئي اندر دُکندي ٻرندي ۽ جلندي رهي. ڏهاڙي نهائينءَ جي سنڀال وٺندو آهي ته ڪٿان ڪا ٻاڦ ته ٻاهر ڪانه ٿي نڪري، متان ٿانوَ ڪارا ٿي پون ۽ ڪيو ڪمايو ڪُٽ ٿي وڃي. نيٺ اندر پيل پارڻ ٻري ڇار ٿي ويندو ۽ ڪنير کي سُڌ پوندي ته هاڻي جيترو تؤ گهربو هو، سو ٿانون کي ملي چڪو آهي ۽ پچي راس ٿيا آهن، پوءِ به ٿي ڏينهن ترسندو جيستائين آوي نري وڃي. پوءِ همراهه ساڻ ڪري آوي کوليندو ۽ هوريان هوريان ٿانو الڳ الڳ ڪندو رکندو ويندو. شاهه ڀٽائي نِهائينءَ جو رنگ ڏسي بيت چيو آهي ته:

نهائينءَ کان نينهن سِک منهنجا سپرين،
سڙي سارو ڏينهن، ٻاهر ٻاڦ نه نڪري.

ويچاري سهڻيءَ کي دوکو ڏئي پڪي دلي بدران ڪَچو دلو ڏنو ويو هو، جو درياءَ ۾ پُري پيو، ٻڏندي ويئي ۽ ساهڙ کي سڏ ڪرڻ لڳي. ان ڪهاڻيءَ تي ڪيترين ئي ڪافيون سگهڙن ڳايون آهن. ريڊئي تي به هڪ ڪافي ايندي آهي جا اوهان ٻڌي هوندي.

تنهن گهڙي تان گهوري آهيان، جنهن ميهر ملايو،
تنهن ڪنير تان قربان ٿيان، جنهن ڪَچو پَچايو.

ڇا ڪنير جو ڪنن پورهيو، ڇا نڪر جو مُلهه! پئسي ڦيلهي. ٽڪي ڍڪڻ، آني پاٽوڙو، ٻين آني دکي، دلو، ڪونرو ۽ ڇنين آني مٽ. هاءِ هاءِ ڪيڏو نه هاڃو!

هيڏا هاڃا ٿين، ٻري هن پنيور ۾!

آهن. ماڻهو ويچارا چار پئسا ڪمائڻ لاءِ، ٻيرن جا ڪنڊا جهلي، لاڪ تارين تان روڙيندا ويندا آهن ۽ اها گڏ ڪري وجي چڱي ملهه ۾ وڪڻن. اوهان ڪي ٽپرس وڻند ته لاڪ مان نهي رنگ. رنگ به ڪهڙو؟ ڪپڙن کي رڱڻ وارو نه، پر جنديءَ جي ڪم وارو. جنديءَ جو ڪم ڪندڙ وگها مل لاڪ ڳنهي اچن ۽ ان کي ڏکهين سوڙهين ڳوترين ۾ وجهي، پا سا بند ڪري پوءِ تاندن جي تَوَتي تپائين ته لاڪ رجي پوندي ۽ ڪپڙي کان ٻاهر ٻُڙڪا ڏيئي نڪرندي. پوءِ اها ڪنهن رنبيءَ سان ڳوتريءَ تان ڪُرڙي لاهي، ڪنهن ٿانو ۾ رکندا ويندا. جڏهن سڀ رجي ويندي ۽ ڳوترين ۾ ڪک ۽ ڇوڏن جون ذريون وجي بچنديون، تڏهن ڳوتري اچلي ڦٽي ڪندا ۽ وري اها ڪم ڪار ايندي. هاڻي لاڪ ۾ جيڪو به رنگ گڏبو، جيئن ته ڳاڙهو، سائو، پيلو، نيلو ۽ ٻيا ته اهو رنگ ٿهي پوندو. لاڪ ۾ رنگ ملائي ان کي وري تپائي، ان مان ڦريون ٺاهيندا آهن ۽ پوءِ جنديءَ تي ڪتن جا پاوا، گلدستا، جڳ، رانديڪا، پينگها ۽ ٻيو سامان چاڙهي، انهن ڦرين سان ڪاٺ تي رنگ چاڙهين. جنديءَ جي هيٺان ڪجهه تاندا رکندا رهن، جنهن جي تَوَتي لاڪ رجندي وجي ۽ ڪاٺ تي چڙهندي وجي. ڪنهن سگهڙ مارئيءَ لاءِ چيو آهي ته:

عمر هي بافتا بخمل ڪٿين سان مور مٽ ناهن،
نه پائي پٽ پٽيهر لاڪ جـي لوئي لڄائينديس.

اهي بي مُلهيون شيون خدا تو ماڻهن جي لاءِ اُپائي ۽ ماڻهن ويچارن کي رڳو پورهيي جو ملهه تو ملي، ٻيو بس.

## 56- ڏنار ڪٺوري

ڏنار ڪٺوري به هڪ ٻوٽي آهي، جا پاٽمرادو جهنگن ۾ اُپري. ٻيا سڳنڌ وارا ٻوٽا ته وڏي سنيال سان قلم هٽي پوکبا آهن، پر هيءَ ويچاري آهي ول، سا نڪا ڪا سنيال گهري، نه مٽس ڪا پورهيي جي گهرج پوي. ڪٺوري سنڌي ٻوليءَ جو نج اکر آهي نه ته خستوري به سڏبو اٿس. منجهس پنن سان گڏ

ڏانڊڙين جي وچ وچ ۾ هڪڙيون ڪاريون ڳنڍيون ٿينديون آهن، جن ڪي ٿوڙي سونگهبو ته اهڙي ته سني سڳنڌ ايندي، جو مُشڪ کي به جواب! مٿس ڏنار ڪٿوري نالو ان ڪري پيو آهي جو ڏنار ماڻهو پنهنجي مال مان جن نڪر جي ساڙهن ۾ دکين ۾ ڪير ڏُهن، اهي ٿانوَ ڏنار ڪٿوريءَ مان مُيون نا هي، ان سان مَلڻين ته ٿانون ۾ سني سڳنڌ ٿيو پوي ۾ کير به ڏاڍو سُرهو ٿيو پوي. هتي اسان وٽ ٻهراڙين ۾ اهي نڪر جا ٿانو: واڻ، ڪاٻاري يا مُڃ جي نوڙين کي اُکولي انهن مان مُٺي نا هي، ان سان ملينڊا آهن، پر ڏنار ڪٿوري سان ڪٿي ٿيون نوڙيون بر ميچين!

ويچارا ڏنار سڳنڌ ونڻ لاءِ ڏنار ڪٿوريءَ جون ڳنڍيون پڇي پوري، اهي گلن وانگيان ويهي سونگهندا ۽ سڳنڌ وٺندا آهن. هنن لاءِ ته گلاب، چنبيلي، موتيو ۾ ٻيا گل اها ڏنار ڪٿوري هوندي آهي. جتي جتي مال گهٽو ٿئي، اتي ڏنار ڪٿوري به گهٽي ٿئي. جهڙوڪ ٿر ۾ اها جام ٿئي. ٿيندي ته هتي اسان جي پٽن ۾ به آهي، پر ايتري نه، جو ته ماڻهو ان مان ايترو ڪم ڪونه وٺن. جيترو ٿر جا ڏنار ۾ ٻڪرار.

اوهان کي ڪڏهن وجهه ملي ته جهنگ مان اها ڏنار ڪٿوري ڳولي، پٽي، سونگهي ڏسو ته اوهان کي ان جي چڱاڻ جو پرو پوي ۾ سُڌ پويوَ ته ڏٺيءَ سڳوري اسان جي پالتيءَ لاءِ ڇا ڇا نه اُپايو آهي. جنهن مان اسان کي ڪيئي لاڀ پڙ پون ٿا.

## 57- ڪاٺ- ڪُٽو

ڪاٺ-ڪُٽو هڪ موچارو پکي آهي. مٿي تي ڪلنگي ٿئيس، چهنب ڊگهي مگر پوري پُني. ڪنين تي ڇٽا ڇٽا ۾ پٽا پٽا هوندا اٿس، اهڙو پيو وٽندو آهي جو دل گهرندي آهي ته ڦاسائي پڃري ۾ رکجيس. پر ڪم کهڙي جو؟ نه چتونءَ يا بلبل وانگيان ٻولي ڪري، نه رانديون ۾ نڪو انهن وانگر ٽول ڪائي. پڃري ۾ رکوس ته مورڳو ويچارو پاڻي پيئڻ به ڇڏي ڏيندو، مري ويندو ۾ پاپ

جا ٻول وري ٻيا هوندا آهن، جهڙوڪ ڪانوَ، مور، ڪونجون، سرِٽيون ۽ ٻيا. ڪي شڪاري پکي هوندا آهن، جهڙوڪ باز ۽ شڪرا. ڪي رات جا پکي، جهڙوڪ چِبرا، چمڙا، چَندول ۽ چڪور. ڪهڙن جي پچار ڪري ڪهڙن جي ڪجي. سڀ سائينءَ جي جوڙ آهي، سارا هـ سڀ انهيءَ جوڙيندڙ ڪي جڳائي ٿي.

پاپيهو راڳيندڙ پکين مان آهي سندس آلاپ آءُ ته چوندس ته بلبل ۽ ڪوئل کان به ڪثر آهي. پکي ننڍڙو، ڪنپ به ڪي اهڙا رنگارنگي ۽ سهڻا ڪونه ٿن پر ٻولي اهڙي جيءُ لُيائيندڙ هوندي اٿس، جو ٻڌڻ سان ماڻهوءَ جا ڪن ٽڪبا ئي ڪين. پائيندو ته سدا پيو ڳائي. مولوي احمد ملاح پنهنجي ڪافين ۾ پاپيهَي جي گهڻي ساراهـ ڪئي آهي. اوهينءَ سندس ٻولي ٻڌندا ته سيني ڪان سوائي ۽ سرس ليکيندا.

# 60- ٽِنب ۽ ڏٽو

اهو ته اوهان سيني ٻڌو هوندو ته ادا فلاڻو اگهائيءَ کان پوءِ ٻنهـ ڳري ٽنب جهڙو ٿي ويو آهي. ڪڏهن پڇيو اٿو ته اها ٽنب ڪهڙي شيءِ آهي، جنهن سان اپري ماڻهوءَ جي پيٽ ڪئي ٿي وڃي. اچو ته آءُ توهان کي کولي سُٽايان. ٻهراڙيءَ ۾ ماڻهو ويچارا ساريون، ٻيو اَن يا گاهـ پَنو ڳوڻ ۾ ٻند ڪري ڪٽي ويندا آهن. هنن وٽ سوتلي ۽ سوئو ڪونه هوندو آهي، جنهن سان ڳوڻ جو منهن بند ڪن. پوءِ اٽڪل ڪهڙ ڪن جو ننڍڙيون سنيهون ڪانيون چونڊي، ٻن-ٻن انچن جيڏا ٽڪر ڪري، ڳوڻ جا ٻيني چپ ملائي، اهي ڪانيون ڳوڻ ۾ اهڙي طرح ٽُنبيندا آهن، جيئن وڏا ٽوپا ڏجن. ان نموني ڳوڻ جو منهن بند ڪن ۽ چون ته ادا سوتلي ۽ سوئو نه آهي ته هرج ڪونهي، ٽِنبون هٿوس ته سوتليءَ کان به سوگهي ٿي ويندي. اهي ٽِنبون جيئن ته سنهڙيون ڪانيون هونديون آهن انڪري چوندا آهن ته فلاڻو ويچارو ڳري ٽِنب ٿي ويو آهي.

وري اچو ڏٽي تي. چوڻ ۾ ايندو آهي ته فلاڻو فلاڻي وٽ پنڌ ڪري ڪري

ڏينس ته ڦڪرو اٿو يا بورو ٿي پوندو ۽ مٿون پرجي ويندو. پوءِ جيئن اٿلائي اٿلائي نيٺ ڳهي ڇڏينس. بورانيءَ جو اڪرئي اهڙو آهي، جنهن مان اوهين سمجهي ويندا ته هيءُ ڪنهن ٻوٽي جو ٻور آهي، جنهن کي ڪنهن رتا سان جوڙي ٺاهي منائيءَ جهڙي وٽ جوڙي رکي اٿن.

هاڻي مان توهان کي ٻڌايان ته اهو ڇا جو ٻور آهي؟ ته ٻڌو: جتي جتي سمر گهٽي هوندي آهي اتي هيٺاهين پٽن تي سمر جو پاڻي گڏ ٿي ويندو آهي. ان پاڻيءَ جي آڌار تي هڪ گاهه، جنهن کي پن ڪوئيو ويندو آهي، سو گهاٽو گهاٽو اُپري پوندو آهي. اها پن وڏي وڏي ٿئي ۽ ٻاجهريءَ جي سنگن وانگر اُن ۾ سنگ نڪرن. پر انهن سنگن ۾ داڻا ڪونه ٿين، رڳو اڪ جي انبن ۾ جيئن هڪ نموني جي ڪپهه ٿيندي آهي، اهڙي ڪپهه ٿئي. اڪ جي ڪپهه مان وهاڻا پرجن ته ڏاڍا نرم ٿين. هن پن جي ڪپهه مان به ڪي وهاڻا پرين، پر ٿوري گهٽين ڏينهن ان ۾ بانس ٿيو پوي.

پر ونو ڳالهه جو ڳاٽو. انهن سنگن جي چوٽيءَ وٽان، وچان هڪ تيليءَ جهڙي سرائي اڌ-مني فوٽ جيڏي اُپري، جنهن تي ٻور چڙهي وڃي. اهو ٻور مٿان ته پورو سڏڻ ۾ اچي، پر اندران پيلو هوندو آهي. ماڻهو ويچارا هٿن سان اهو ٻور روڙيندا گڏ ڪندا ويندا آهن. مٿن منهين ٻور ڪنو ڪري، پريون ٻڌي ڪٽي وجن ۽ ان کي پوري ڳوهي، پوءِ ڦڪرو ٿئي ته ان جا وڏا ڳوڙها ۽ ننڍا مُنيا جوڙي راس ڪن پوءِ اچي شهرن ۾ وڪڻن، جنهن مان چڱو پئسو پڙ پوين. اڳي ته بوراني خيرپور ۾ جام ٿيندي هئي، جو اتي سمر به گهٽي هئي ٻيو سنڌ ۾ جتي ڪٽي سمر وارين ڊنڊن ڊورن تي به جام ٿيندي هئي. اڄڪلهه بوراني گهٽ ڏسڻ ۾ اچي ٿي، نه ته شهرن توڙي ڳوٺن ۾ اهڙو هٽ ڪونه هوندو هو، جتي بوراني نه ملي.

اهي آهن الله سائينءَ جون ڪرتيون: جيئن وڻيس تيئن ڪري. ماڻهن لاءِ ڇا ڇا نه اپايو اٿس، پوءِ به هي ٻانها سندس ٿورا نه مڃين ۽ ان جي ڏسيل

اُباري پوءِ ڪل لاهي، سندن ڳپ ويهي ڇَس سان ڪائجي ته ماٺو ڪائڻ مان ٿڪجي ئي ڪين.

ڪُمَ به اهڙي ئي سلوڻي شيءِ آهي. منجهن خس خس وانگر داڻا ٿين، جن کي ناپو چئبو آهي، جيڪو ڇانورن سان رڌي کائبو آهي، ته پلاءَ جو سواد ڏيندو آهي. پر جي ڪُمن جي ڪل لاهي ڪٽي وات ۾ وجهه ته واهه واهه! ڪهڙي ڳالهه ڪجي. ڪائڻ وارو چوندو ته ٻيلي اڃا آڻ ۽ آڻ. لوڙهه ڏوئي ڳپ ڪيڍي، اُباري ٻوڙ ۾ ڪٽي وجهبا آهن ته اهي وڻندا آهن، جو پاڻ ته ڪڪڙ جا آنا اُباري رڌا اٿن.

هاڻي ويچار ڪريو ۽ چئو ته ڏٺيءَ جي ڏنل پلاين مان ڪهڙين جي ناڪار ڪري ڪهڙين جي ڪندا. هن پلي جا ڪيترا پال مجيون ۽ ٿورا ڳايون. ڳمٺا ورهيه ٿيا ته ڪنهن سگهڙ سمن جي صاحبيءَ ۾ چيو هو ته:

هاڪ وهندو هاڪڙو پڇندي ٻنڌ اروڙ،
بهه مچي ۽ لوڙهه سمي ويندي سوڪڙي.

## 65- تلور ۽ گوڙامٽو

تلور ۽ گوڙامٽو به حلال پکي آهن ۽ ٻيئي هڪ ئي ٻُڻ جا آهن. نيٺ پکي آهن، سو مٽي اڏامن، پر ايترو گهٽو ڪين اڏامن، جيترو سرٽيون اڏامن. رڳو مور وانگر ٿورو اڏامي وري ويهي رهن. هيءَ پکي به تترن وانگر ڌرتيءَ کي ڇهنب سان کيڙي، اڏوهي ۽ ٻيا ننڍا ننڍا جيت کائين. ڌرتيءَ تي ڏاڍو تکو ڊوڙي سگهن. ڪنهن به ماڻهو کي ايندو ڏسن ته اهڙي ڊوڙ پائين، جو ڪير ٿو رسين؟ هيءَ پکي به پذر جا پکي آهن ۽ شڪاري هنن جي پويان به بندوقون کڻيو، هنن کي ڳوليندا وتندا آهن. جنهن جُوءِ ۾ تلورن جو ڏس پين ته اتي پهتا. تلور جا ڪنب ڪارسرا ٿين ۽ پيٽ به ڪارسرو ٿئيس. پر گوڙامٽي جو پيٽ اڇو ٿئي ۽ ڪنب پورا ناسي ٿين. ڳچيون ٻنهي جون ڊگهيون ٿين ۽ پير هڪجهڙا. گوڙامٽو

لامارو هٽي ڪسي وجي ۽ ماڻهو منهن پلڪڙو ڪري بيٺو ڏسي، سُڌ تڏهن پويس، جڏهن اهڙو ڪم ٿي وڃيس جڻ ڪميريءَ ڪان پولڙو ڇڏائي ويو. سرٽيون شهر ۾ بہ ڪوڙ آهن. سنجهي جي ٽاڻي تہ گهڻو مٿي اُڏامنديون ڏسڻ ۾ اچن. اهي شهرن ڪان ڪين ڊڄن ۽ نہ ماڻهن جو پڻ ڌيئن. پر باز، شڪرو ۽ بانشو جهنگلي پکي آهن. شهرن ڪان ڊڄن، جهنگن ۾ شينهن جي ڏيکائي ڏين. شهرن ۾ وڏا ماڻهو، جي شڪار جا ڪوڏيا هوندا آهن، سي انهن کي پالين ۽ شڪار جو ڏانءُ سيکارين. ڪيترا ڏينهن جيستائين نولا هوندا آهن، تيستائين هنن جون اکيون ٻڌي ڇڏين ۽ رات جو انهن کي اوجاڳا ڪرائين. هٿن جي پنيءَ تي انهن کي ويهارين تہ جهنگ کي پلجي وڃن ۽ ماڻهن سان هري مري وڃن. ڪيترا ڏينهن تہ اهي تيسي ۾ ڪاڌو بہ ڪونہ کائين، پر نيٺ تہ "بک بڇڙو تول، دانا ديوانا ڪري." هنڌاڌو گوشت چلي انهن کي کارائين، نہ تہ هي پکي ٻئي جي هٿان شڪار وني نہ کائيندا آهن، پر پنهنجو شڪار پاڻ ڪري پوءِ ٽانءِ ۾ پرجي ويهي کائين. باز سرڻ کان بہ وڏا ٿين، شڪرا ان کان ننڍا ۽ بانشا تهان ئي لانيرا ٿين.

هي شڪاري پکي جڏهن هري مري وڃن تہ شڪاري مڙس هنن کي شڪار لاءِ باهر جهنگ ۾ ڪٽي وڃن. هٿن تي چمڙي وڏيءَ جي رسي چيلهہ ۾ وجهي، پيرن ۾ گهنگهرو ٻڌنس. پهريائين جڏهن شڪار تي هيرانينس تہ تتر، ٻاٽيهڙن جا ٻوتا ٺاهي، باز جون اکيون کولي ڇڏين، پوءِ ٻوتا وني مٿي اڇلين ۽ باز کي هڪل ڪن تہ "اهو ٿو وڃئي تتر! پوءِ باز، بانشو يا شڪرو بہ اهڙي تہ وني لُوهہ ڏئي اُڏامندو، جو هڪڙي ئي جهڙپ سان انهيءَ ٻوتي کي چنبن ۾ پڪڙي، موٽي شڪاريءَ وٽ آڻي اڳيان جهليندو، جو ڪانئس ڇڏائي پاڻ وٽ رکندو. اهڙيءَ ريت جڏهن شڪار جو ڍنگ اچي ويندس تہ پوءِ سچن پچن جيئرن پکين پنيان ٻڇيندس؛ پوءِ تہ ويرم ئي ڪانہ ڪندو. اهو بازن جو شڪار ڏسڻ وٽان آهي. ماڻهو ڪيڏو نہ سياڻو آهي پنهنجي سمجهہ ۽ سياڻپ سان

پيئڻ واريءَ چانهه جهڙو ساڳيو آهي. هن جو ڪاڙو پيئتو به ميوو آهي. ٻڪ ۾ اُن جا داڻا ڪٺا به ڪائي. چانهه پڪي گهٽو ڪري ڪڏهن ڪڏهن ڏسبو آهي. ٻين پڪين جهڙوڪ ڪانوَن، جهرڪين ۽ ٻوڙيءَ کان گهٽ ٿئي. جهرڪيون ۽ ڪانوَ ته گهرو پکي ڪونجن ته به ٿي سگهي ٿو، پر چانهه ويچاري گهرن ۾ پير ڪونه رکي. ماڻهن کان ڏاڍو ڊڄي، ان ڪري وڻن جي گهاٽن جهڳٽن ۾ ويهي، جتي هوءَ پنهنجو بچاءُ سمجهي. جڏهن اسان کي پيئڻ واري چانهه ڏاڍو وڻندي آهي ته پوءِ هيءَ ان جي نالي يا پاڻي چو نه وڻندي. اوهين جڏهن ڪنهن چڙيا-گهر ۾ گهمڻ وڃو ته اُتي هيءُ پکي ڏسي سگهندا، اتي هري مري ويا آهن. چانهه جا بچا ڏسندؤ ته هيڪاري مٺن وڏيڪ پيار ايندوَ. بس الله جي جوڙ آهي. ويچار ڪري ڏسبو ته سندس جوڙ ڏاڍي سهٽي ۽ سٺي آهي. پاڻ ڏٺي سڳورو سهٽو آهي ته سندس جوڙ وري ڪا ڪوجهي هوندي به ڇا؟ نه نه!

## 68- پُسي، ڏونرا ۽ پَڪا

ڪرڙن جا وڻ ته اوهان ڏٺا هوندا، اهي اهڙا وڏا ڪين ٿين. جهڙيون نمون، سرهيل، ٻير يا انب. هي وڻ ننڍا ٿين ۽ جهنگلن ۾ پاڻمرادو اُبرن. جڏهن ٻُورجن تڏهن پهريائين منجهن ڦُلڙيون ڦٽن، جي پهرين سايون ۽ پوءِ گلابي رنگ جون ٿينديون آهن. اسين انهن کي پُسي ڪونيون. پُسيءَ جي هڪ لُڙي پَتي وات ۾ وجهي ڏند ڏينس ته مني رس جو سواد ايندو، پر پُسي ڪچي ڪين ڪائبي آهي. اها پُسي گڏ ڪري ڪٽي اچجي گهر، ڪُني ۾ وجهي ٺهڪندڙ پاڻيءَ ۾ اُبارجي ته رنگ ليمائي ٿي ويندس. رڌ جي وڃڻ کان پوءِ گرم پاڻي هاري، پُسي ڪري، ڪنهن ٿالهيءَ ۾ رکبي آهي پوءِ لوڻ مرچ ٻُرڪي ڪائبي ته هن جي مزي جي ڪهڙي ڳالهه ڪريان! اڳي مَهتا هوندا هئا سي پُسي رڌي ڪُني ۾ وجهي، وڪڻڻ لاءِ هوڪا ڏيندا وتندا هئا ته "رڌي پُسي مني" ۽ ٻار پئسي-ٽَڪي جي وني ڏاڍي چاهه مان کائيندا هئا. هاڻي اهڙا هوڪا ڪين ٻڌجن؛ پر ٻهراڙين ۾ اجا به ماڻهو مُند جو ميوو سمجهي رڌي ڪائيندا اٿس.

جي پلاين کان وانجهيل اُهي بہ نا هن. ڏٽي سڳوري جا پال سيني تي هڪ جيترا آهن. وڏا ماٺهو نرم هنڌن تي سمهن تہ بہ پاسا پيا اُٿلائيندا ۽ ننڊ ئي کا نہ ايندن ،ٿوري کڙڪي تي ڇرڪ پيا پريندا ، پر ٻهراڙيءَ جا سانگي ڪنڊن مٿان سمهي پوندا تہ بہ کونگهرا پيا هڻندا . شاهوڪارن کي مال مليدا کائڻ ڪري بک ٿوري لڳي، ان ڪري ڪاڏي مان سواد کونہ اچين. ڇو تہ پورهيو ڪن ئي کونہ ، پوءِ بک ڇڱي ڇو لڳين جتي ۽ جيڪو انهن کي رکي سُڪيءَ ماني4 مان ساءُ اچي، سو سُکين ستابن کي سيرن، حلون، مالپڙن، پراٺن ۽ بوڙن پُلائن مان بہ ڪين اچي. غريبن لاءِ سنڌڙي، بيگڻ ڦلي، آپوسي ۽ ٻين انبن جي جنسن کان اهي پڪا ۽ پيرون، ليار ۽ گولاڙا ، ليسوڙا ۽ گيدوڙا ميوا آهن. پوءِ چونہ چئو الله اڪبر! تہ الله سائين وڏو آهي.

## 69- ڳجهہ

ڳجهہ اوهان ڏٺي تہ هوندي، پر جي ڪنهن نہ ڏٺي آهي تہ ٻڌو سُڌ سماچار: ڳجهہ هڪ پکي آهي، سرڻ کان ڇوٽي، ٻت ۾ ڳوري هوندي آهي. اُڏامڻ جي ڪري تہ مس مس پَٽ تان پاڻ ڪٽي سگهي ۽ پَرَ هٽي هٽي ڏاڍو ڏکيائيءَ سان مٿي ٿئي. ڳچي ذري گهٽ فوٽ ڪن ٿيس. اهڙو بڇڙو ۽ بڇان ڏيارينڌڙ پکي ٻيو ڏٽيءَ سڳوري اُپايو ئي کونہ هوندو! ڳجهون رڱو اُتي ڏسبيون، جتي ڍونڍ پيل هوندو. ڪو گڏهہ، گهوڙو، ڍور ڍڳو، ٻڪري نڪري مئي ۽ انہين ئي ڪنهن ڍير تي پيل ڏنائون تہ اجهي ڳجهون آيون. سُڌ ٻُہ الاجي ڪيئن ٿي پوين. سونگهڻ جي سگهہ بہ ڪا تکي ڏاڍي ٿي ٿنين. ڪوهن تان ڪَل پونديون تہ هنَ ڏس تہ مٿل ڍونڍ آهي. اڪيون بہ اهڙيون تکيون اٿن، جو اُڏامندي اُڏامندي، مٿان ئي ڏسي وٺنديون تہ اِجهو هُو ڍونڍ. پاڻ ۾ ٻڌي بہ ڏاڍي اٿن. ويرم ۾ ولر ڳجهن جا اچي مڙندا . ماڻهو هڪٻئي کي ڪڏهن ڪڏهن چوندا آهن تہ "تون بہ ڪو ڳجهہ آهين، ڍونڍ ۽ ڪِن تي آيو ٿو رهين!" بس ڳجهون ڍونڍ تي لٿيون نہ آهن تہ پنهنجي ڊگهي ڳچيءَ ۽ وڏين چهنبن سان اچي

ڊوڙندي وتنديون. ان جي پيٽ ۾ ٻچي اندر وجهي، ڇهنبن سان چڪ چڪان ۽ پَٽ پٽان لائي ڏينديون. سمورو ماس کل سوڌو پٽي کائي ڇڏينديون. هڏن تان به ماس کوري ڇڏيندس. ٻجهون ايندريون آهن ته ڇُهڙا سَرها پيا ڏسبا آهن، ڇو ته هنن جو ڪم آهي هڏا ميڙي کٽي وڃڻ. ويچارا هڏا وجي وڪٽندا آهن، جن مان ڇگو اپرا سو ٿئين. هڏن مان وري ڏاڍيون ملهائتيون شيون ٺهن. هڏن کي کَلن ۾ اڇو اُجرو ڪري، انهن مان ڦٽيون، چاڪن ۽ ڪالين جا ڳن، بٽڻ ۽ بيو به الاجي ڇا ڇا ناهين.

سچ پچ ٻجهه آهي سا ڏاڍي ڪني، پر نه هجي ته ڊوڙنڊ ڪيترا ڏينهن پيو رهي ان مان جيوڙا نڪرن، جي ماڻهن جي ڇگيلائيءَ کي جوکو رسائين. ماڻهو اتان نڪ جهلي لنگهن ۽ آسپاس جا گهر ساهه به سولوڪٽي نه سگهن. ٻجهون اهو اهنج دور ڪريو ڇڏين.

ڇوڪرن کي به لڳي مزو سو سروتا، ڏندا، پٿر، پتر جيڪي هٿ آين، سو ٻجهن ويچارين کي هٽڻ جي وارو وار لائي ڏيندا، پر انهن جو ڪو به ٻجهن کي ڊپ ڪونه ٿئي. سروتو لڳن ته چڻ "سانَ تي ٻکهي ويني." هوَ پنهنجي چڪ چڪان ۾ پوريون هونديون آهن. جڏهن ڊوڙنڊ کائي ڊؤ ڪن، تڏهن پاڻهي اُڏامي بيو کو هنڌ تاڙين، جتي ڊوڙنڊ هجي. هيءَ سڀ ڏٺيءَ سگوري جي سياڻپ ۽ ڏاهپ آهي. ماڻهوءَ جي بچاءَ لاءِ هي هڙ شيون اُپايون اتس. ان ڪري ماڻهوءَ کي سندس ٿورا ڳائڻ کپن!

## 70- سانباهو

سانباهو به ذري گهٽ ٻجهه جهڙو ڪنو پکي آهي. سانباهي کي "گونهه خور" به ڪوٺين. کي گونهه خورا اچا کي پورا ۽ کي ڪارا به ٿين. سندن ڇهنب ڊگهي ۽ وريل ٿئي. هنن جو ڪم باليشاهين جهڙو آهي. باليشاهي يا پنگي ويچارا ماڻهن جا ڪاڪوس ميڙي سڀ ميلو ۽ گونهه وجي ڊير تي ڦٽو ڪن، جتي سُڪي پاڻ تي پوي. ماڻهوءَ جو ميلو چوندا آهن ته پلي

آهن ته ”تڪڙ ڪم شيطان جو.“

هن آڪاٽيءَ مان اوهان کي پتو پيو هوندو ته نور نانگ جو ويري آهي ۽ نانگ کي چنبا هٽي ماري وجهندو آهي. سندس ٻوٽي ٻگاڙهي ٿيندي آهي، قد ۾ ڏيڍ-ٻه فوٽ ڊگهو هوندو آهي. نانگ کي ته پير ٿين ئي ڪونه، پر نور جا چنبا سگهارا هوندا آهن. ننڍن جانورن ۾ نور پنهنجي ڪڙم يا ين نورن سان ڏاڍو پيار رکندو آهي. اوهان ڪڏهن اهڙو رنگ نه ڏٺو هوندو. ڪڏهن ڪو نور مري ويندو ته ٻيا نور اچي ڪنا ٿي، ان جو مردو ڪٽي هلندا آهن ۽ چنبن سان مٽي مٿي اڇليندا ۽ ماتم ڪندا ويندا آهن. جنهن جي ڏسڻ سان پڪ ٿي ويندي ته هو ڏک ڪري رهيا آهن.

نور پنهنجي رهڻ لاءِ جڏهن ٻر کوٽيندو آهي، تڏهن ٻه سندس رؤنشو ڏسڻ وٽان هوندو آهي. چنبن سان ذرتي کوٽيندو، مٽي پري اڇلائيندو ويندو آهي ۽ ٻوٽيءَ سان اندر گهڙندو ويندو آهي، ٿوري ئي مهل ۾ ڏر کوٽي وٺندو آهي.

هو ٻچڻ جو ڏاڍو چوهو هوندو آهي، ماڻهوءَ کي وٽ ئي ڪونه ڏيندو آهي. نور جي مادي جڏهن ٻچا ڄڻيندي آهي، تڏهن اهي ڏاڍا پيارا هوندا آهن. ماڻهو انهن کي جهلي پاليندا آهن ۽ اهي وڏا ٿيڻ تي پاليندڙ سان ڏاڍا سچا رهندا آهن.

نور ڪو ٻُڌڪو ٻڌندو آهي ته پنهنجي ٻُت جو اڌ ڪن حصو اُيو ڪري، اکيون ڦاڙي هيڏي هوڏي ڏسندو آهي ته ڪو ويري ته ڪونه ٿو اچي. اکيون ڏاڍيون تکيون هونديون اٿس، ان ڪري سنڌيءَ ۾ چوندا آهن ته ”ميان، تنهنجون اکيون ته نور جهڙيون آهن.“ هر پل نور ٻارن سان رانديون ٻه ڪندو آهي.

نور ٻه خدا جو اُپايل ساهه وارو آهي. ان کي ڪڏهن ٻه نه ڏکوئجي، چو ته هو ماڻهوءَ جو ويري نه هوندو آهي ۽ نه انهن کي ڏکوئيندو آهي.

وٽندو آهي. پاڻبو آهي تہ وينو ڏسجيس ۽ ڏسي ڏسي، خدا جو نالو پيو ياد ايندو آهي ۽ وات مان سبحان الله جا ٻول پيا نڪرندا آهن. ان ۾ شڪ ئي ڪونهي تہ سڀ سارا هہ انهيءَ سائينءَ ڪي جڳائي، جنهن سيني ڪي اُپايو ۽ پاليو آهي.

## 76- پاڻيءَ جا پکي

پاڻيءَ جا پکي گهڻو ڪري ڍنڍن تي ڏسڻ ۾ ايندا آهن. اهي پاڻيءَ تي ڏاڍا سهڻيءَ ريت تَرندا رهندا آهن: سندن جياپو ننڍڙين مڇين تي هوندو آهي. هڪڙا پکي تہ هوا ۾ اُڏامندا آهن، پر هي پکي پاڻيءَ ۾ رهن ۽ تَرن. هوا وارا پکي پاڻيءَ ۾ تري ڪين سگهن، هيٺ لهن تہ ٻڏي پون. ان جو ڪارڻ اهو آهي، جو ڏٽيءَ سڳوري پاڻيءَ جي پکين جي پيرن جون آڱريون پاڻ ۾ چمڙيءَ سان ملائي ڇڏيون آهن. پيو تہ انهن جي کنبن ۾ سٿپ آهي، ان ڪري پاڻي ڪين پُسائي ڪونہ سگهي. سندن ڪاڏو بہ پاڻيءَ ۾ ئي مالڪ سائينءَ موجود ڪري ڇڏيو آهي. جيئن هوا جي پکين جا ڪيترائي نمونا آهن، تيئن پاڻيءَ جي پکين جا بہ ڳچ جيترا ٻڻ آهن. هوا جا پکي سڀ حلال نہ آهن، پر پاڻيءَ جا پکي سڀ حلال آهن.

هنجهہ، آڙيون، بدڪون، نيرڳيون ۽ ٻيا پانت پانت جا پکي ڪائڻ جي ڪم اچن ٿا. ڪي ڍنڍن جا وڏا پکي جهڙوڪ پيڻ، ٻگا يا ٻگها ۽ ڪَنگ بہ آهن، پر اهي ڪير ڪونہ ڪائي. اهي اڇي رنگ جا هوندا آهن، پر بدڪون جدا جدا رنگن جون ٿين. آڙيون گهڻو ڪري ڪاريون ۽ نيريون چٽڪمريون هونديون آهن. اهي پکي ڇا ڪاڻ تہ مڇيون ڪائين ٿا، ان ڪري سندن گوشت ۾ ڪجهہ ڪک ٿيندي آهي. سٿپ بہ منجهن گهڻو هوندو آهي، جو ڏٽيءَ سڳوري پاڻيءَ ڪان بچائڻ لاءِ سندن بت تي چربي يا وَهُہ چاڙهي ڇڏي آهي، ان ڪري سندن ٻوڙ يا پلاءُ ناهبو تہ گيهہ وجهڻ جي گهرج ڪانہ پوندي. بس جو پکي حلال ٿيو تہ ان تي ماڻهو آيا رهيا. ڪيترا شڪاري سياري جي مند ۾ جڏهن

پرڏيهي پکي به ڊنڊن تي جام اچي گڏ ٿين ته شڪاري ماڻهو، جي گهڻو ڪري وڏا ماڻهو هوندا آهن، سي اجهي ته بندوقون کڻي ڊنڊن تي پهتا. بيڙين ۾ چڙهي پوندا، ڊنڊ جي هڪڙي پاسي کان سندن ماڻهو پکين کي تاهيندا ته هو پچندا ٻئي پاسي، ته توبچي هنن کي بندوق جي گولين جا وسڪارا لائي ڏيندا. پکي ويچارا ڦٿجي ڪِرندا پاڻيءَ ۾. هي يار بيڙيون هاڪاري، جهليندا، سِيز وجهندا بيڙيءَ ۾ هٽندا ويندن. ائين ٻه-چار ڪلاڪ شڪار ڪري بيڙين جون گوديون کڻي پرينداءِ پنهنجي گهرن ڏانهن جيپون پري کڻي ايندا. پوءِ يارن ۽ سنگتين کي سوکڙيءَ طور ورهائي ونڊي ڏيندا. ته سندن نالو نڪري. بس چيو اٿن ته "مروان موت، ملوڪان شڪار!"

ويچارن پارهيڙين مهاڻن جو گذر به انهن پکين تي آهي. اهي وري جارين، ڪُڙهين ۽ ٻين اتڪلن سان اهي پکي جيئرا ڦاسائي، شهرن ۾ وڪڻندا آهن. ماڻهو هيج منجهان اهي ڳنهي پنهنجو ڳنڍڻ ڪندا آهن. ڊنڊ جي پکين، گهڻو ڪري بدڪن ۽ نيرڳن جو پلاءُ کائي ڏسندا ته ڪڪڙ، تتر ۽ تَلور به وسري وينديو- ڳوشت ڳاڙهو ٿئين. پر گهڻي سٽپ سبب گرهه ڪٽبو، ته هٿن جون آڱريون گيهه تي وينديون. آڙيون اهڙيون مزيدار ڪين ٿين، جهڙيون بدڪون، نيرڳيون ۽ انهن جا ٻيا نمونا.

اوهان کي ڪل آهي، ته جانورن ۾ رڳو هاٿي آهي، جنهن کي وڏي سونڊ ٿيندي آهي. اهڙيءَ ريت ڊنڊ جي پکين ۾ به هڪ پکي آهي، جو ٻگهن جهڙو آهي: مگر وڏي ڳاڙهي سونڊ هوندي اٿس، جا وات کان هيٺ لڙڪندي پئي اٿس. جَر ۾ ڪا مڇي يا ڪُرڙي ڏٺائين ته سُونڊ ۾ کڻي سڄي جي سڄي ڳڙڪائي ويندو. ڏسو ته ڇا ڇا رنگ آهن ڌٽيءَ سڳوري جا! اجا به انهيءَ ٻاجهاري سائينءَ کي ياد نه ڪريون ۽ نه ساراهيون ته پوءِ ڪيڏي نه انسان جي اڻ وڙائتي ڳالهه چئبي!

## 77- ٻر جون بلائون

نانگن ۽ بلائن جي ته اوهان کي سُڌ آهي ۽ اوهان اهي جيت ڏٺا به آهن.

جوڳي ماڻهو ڪارين ۾ وجهي، نانگ آڻيندا آهن ۽ مُرلي وڄائي، انهن کي نچائيندا آهن. مُرليءَ تي نانگ ڦڻ ڪڍي اُڀو ٿي ويندو آهي، ۽ لُڏندو لمندو آهي. ان کي ڏسي ڏاڍو مزو پيو ايندو آهي. اوهان کي اها به سُڌ آهي ته هي ٻلائون سڀ زهري آهن ۽ ماڻهوءَ جون ويري آهن. پر ماڻهو پنهنجي سياڻپ سان انهن کي مُرليءَ جي مٺي آواز تي ريجهي ريبي، پنهنجي وس ۾ آڻي ٿو ڇڏي. شل نه ڪو نانگ يا ٻلا ماڻهوءَ کي چڪ پائي ته پوءِ جيئڻ آهي ڀاڳن تي. ماڻهوءَ کي زهر سببان نڪ ۽ وات مان رت وهڻ لڳندو ۽ ساري ٻُت جو رت وهه ٿي ويندس. جيڪڏهن ڪا دوا يا سُٺي مهل سر ملي ويئي ۽ ڏٽيءَ پاران چمار هونديس ته بچندو، نه ته موت جي پڪ آهي. ٻهرا ڙين ۾ جتي اهڙيون دوائون ڪونه آهن، اتي وري ڪي ماندا يا جهاڙا جهاڙون پڙهندا آهن ۽ جهاڙ پوري لڳي ته بچاءُ ٿي ويندو آهي. تر ۾ جتي ٻلائن جي جُوءِ آهي، اتي ته ويچارا ماڻهو زهر وڃائڻ لاءِ، نانگ ٻلا جي ڪاڏل کي مال جو، جهڙوڪ مينهن جو پيشاب هڪيو تکيو ملي ويو ته پياري ڇڏيندا آهن ۽ ان ڪري زهر، ڪَڪيل کي گهٽو نه وڻندو آهي ۽ چڱو بچاءُ ٿيندو اٿس.

نانگن ۽ ٻلائن جا به ڪيترائي ٻڻ آهن. نانگن ۾ هڪڙا ڪارا اصيل نانگ، ٻيا گدا نانگ. تيان ڪپر نانگ ۽ ٻلائن ۾ وڏي ۾ وڏي ٻلا ڪوراڙ ٿيندي آهي، جا ڦوڪ ڏيندي آهي ته سارو جهنگ ٻُري ويندو آهي. ٻي هڪ ٻلا آهي، جنهن کي گهوڙيل ٻلا چوندا آهن جا گهوڙيسوار کي ٽپ ڏيئي ڏڪ هڻي ڪڍندي آهي. هڪ ٻلا لُنڊي، جا ننڍي ٿئي ۽ پيچ ڪونه ٿنيس. اها ڏاڍي ڊپ واري ٻلا آهي ۽ زهر به تکو اٿس. شل نه ڪنهن کي ڪائي ته بچڻ الاهي. ماڻهو ڪنهن کي پاراتو ڏيندا آهن ته چوندا آهن "شل ڪو لُنڊيءَ تي پير پوئي!" پيون به ڪيتريون ئي ٻلائون آهن، پر سيني ۾ هاڪاري پينڻ يا ڦُوڪڻي ٻلا ٽَرَ جي آهي. هيءَ ٻلا ٻِر کان ٻاهر ڪانه نڪري. رڳو جڏهن سخت گرميون ٿين ۽ اندر واريءَ جي گرمي لڳيس، تڏهن چيتي ٿي پوندي آهي، پوءِ ونئي ٻِر کان ٻاهر

نڪري ۽ تکي ڊوڙي. ڪوهن جا ڪوهہ پنڌ ڪري ويندي. هيءَ بلا ٻين بلائن وانگر چڪ ڪانہ پائي، پر سنجو سال زهر پنهنجي مهارن يا ڪلين ۾ گڏ ڪري سانڍي رکي. جيڪڏهن ڪو سانگي ماڻهو زمين تي ستو پيو هوندو ۽ ڪونگهرا هڻندو هوندو، تہ ان تي ڪاهو ڪاهہ ڪري ويندي. ڪونگهرن واري ماڻهوءَ جو وات پٽيل هوندو آهي، ان ڪري هيءَ پيڻ بلا هوريان هُوريان ڪري، ان جي ڇاتيءَ تي چڙهي ويهندي ۽ پنهنجو وات ماڻهوءَ جي وات ويجهو جهلي، پنهنجو زهر هن جي وات ۾ هاريندي، جو ڪونگهرن ڪري هوا سان نڙيءَ اندر هليو ويندو. پوءِ هن بلا جي اها هير آهي، جو ڪم پورو ڪري، وڃڻ مهل سُتل کي پنهنجي پڇ جي چمڪ هڻڻ سان جاڳائي ويندي. پڇ اهڙو هڻندي جهڙو ڪ چهبڪ. پاڻ ڀڄي ويندي. ماڻهو اُٿي ساهہ کڻندو ۽ ڏيت ڏيندو تہ نڙ گهٽ ونجي ويندس. سيڪا شيءِ جيپ کي مٺي لڳنديس. هن جي دوا آهي ڦٽڪي، جي اها مهل سر ملي ويس تہ ائين چباڙي کارائيندس جيئن مصري کائجي ۽ اها پيڻ جي ڦوڪيل کي ساهہ ۽ سواد ۾ مٺي مصريءَ جهڙي لڳندي آهي: نہ تہ اوهان کي خبر آهي تہ ڦٽڪي کهڙي نہ ڪَساري آهي، پر هن کي مٺي پيئي لڳندي.

هن نياڳيءَ ڦوڪڻيءَ جو اهو هڪڙوئي درمل آهي، جي مهل سر پاءُ ڪن ڦٽڪي کائي ويو تہ ڪجهہ بچاءُ ٿيندس ۽ جي جمار هونديس تہ ڇُڙي ڇُٽي اُٿي پوندو،.نہ تہ ٻن- چئن ڪلاڪن ۾ آواز بہ بند ٿي ويندس ۽ سدائين لاءِ اکيون پورجي ويندس. ڏٺيءَ در وينتي ٿي ڪجي تہ ماڻهوءَ کي هنن ٻر جي بلائن کان بچائي! تر ۾ ويچارا ماڻهو پيڻ جو ٻڌندا آهن، تہ ڪنبي ويندا آهن. رات جو ڏيئو ٻاري ڇڏين ۽ پنهنجي آسپاس بصر وڍي رکي ڇڏين. چو تہ هيءَ بلا سوجهري ۾ انڌي هوندي آهي ۽ اونداهيءَ ۾ ڏسندي آهي: ۽ ٻيو تہ بصر جي بانس تي ويجهي نہ ايندي آهي. ماڻهو ويچارو پنهنجي بچاءَ لاءِ وسان ڪين ٿو گهٽائي، پر جن جي ڀُڄي تي اچي، سي ڪٿي تا اجل کان بچي سگهن! ڏٺيءَ سڳوري کي ياد ڪريون ۽ سيني آفتن ۽ بلائن کان بچاءُ گهرون.

وستار ڪرڻ لاءِ وڏيون بنديون ڪپن. پر اسان جي درياءَ شاهه سنڌونديءَ ۾ به اڪيچار مڇيون ٿين ٿيون، جي اسين سنڌ جا ماڻهو وڏي چاهه چَس سان کائيندا آهيون. سڀني ۾ سٺيون مڇيون، جي اسان سنڌ وارن کي وڻن ٿيون، سي آهن: پهريون نمبر پلا ۽ ٻيو نمبر ڪُرڙا يا ڏنيرو، مڇيون ٻوڙ ڪري رڌ جن به، پچائي به کائجن، تَري به کائجن ۽ انهن جو پلاءُ به رڌي کائجي ٿو.

ٻيا نمونا ته ڪيترائي آهن، جن مان ڪن جا نالا ڏجن ٿا: پوپري مڇي، ڏاهي مڇي، سُرمائي مڇي، موراڪي مڇي، پاپليٽ مڇي ۽ ٻيون. ان کان سواءِ جَرڪا، ڪڳا، گندڻ، مُڪَرَ، گانگٽ ۽ ٻيون مڇيون به گهٽيون ٿين. گانگٽ جن کي جهينگا به چئبو آهي، ڏاڍا سَوادي هوندا آهن. گانگٽن کي چون ٽي دريائي ڪُڪڙ. گهڻو ڪري سڀني مڇين تي ڇِلر هوندا آهن، جي لاهي اُجريون ڪري پوءِ رڌبيون آهن. رڳو ڪَڳي ۽ جَرڪي تي ڇلر ڪونه ٿئي. ساڳي نموني پاپليٽ تي به ڇلر ڪونه هوندو آهي. پَلن ۾، جي آنيون هونديون آهن، سي ته سون تي سهاڳو آهن: کائي کائي ڪين ڍاپبو. ڪن وڏين مَڇين ۾ به منڌي کائڻ ۾ سٺي ٿئي، پر پَلي جي آنيءَ کان پوءِ بس آهي. مڇيءَ جي مُنڌي ڪن بيمارين ۾ به ڪارائتي آهي.

ائين برابر آهي ته گوشت به سُڪائي سگهبو آهي ۽ پوءِ جڏهن دل چوي ته رڌي کائجي. اهڙيءَ ريت مڇيون به سڪائبيون آهن. انهن کي چڱيءَ ريت لوڻي پوءِ سڪائبو آهي. هڪ-ٻن ڏينهن جو لوڻيل مڇين کي مِنِ-لوڻي مڇي چئبو آهي. ۽ سڪل مڇيءَ کي ڪاري مڇي چئبو آهي. پلا ته هزارن جي منهن سڪائبا آهن. اهڙيءَ ريت جهينگا به. انهن جو واپار به ڏاڍو ٿو هلي ۽ ڪئي ڪئي ولايتن موڪلبا آهن ته چڱو پئسو ڪمائبو آهي. هاڻي ته سائنسي نموني اهي مڇيون به گوشت وانگر دٻن ۾ بند ڪري وڪڻبيون آهن ۽ ڏيسارو موڪلبيون آهن ته تازي جون تازيون هونديون آهن. اسان جا سنڌي پَلا، مٺي درياءَ سنڌ جا وڏيڪ لذيذ هوندا آهن. سمنڊ جا پَلا به ٿين، جن کي گوادري پَلا سڏجي ۽ مٺي انهن کي دوئم به ڪوٺين. تازي شيءِ نيٺ به تازي آهي، پر سڪل جهينگا به مزي ۾ گهٽ ڪين آهن.

تہ ڪيرٽي پيو ڪاڻ. مون کي بہ هڪ دفعي فتح باغ ۾ هڪ مسڪين شيديءَ- جنهن جو نالو گدو فقير هو- ان سائنين جي ماني ۾ مکڻ کارايو هو. مون کي بہ بک ۾ اهڙو تہ مزو ڏنائين، جو اڄ سوڏو نہ وسريو اٿم. ماٺهو چوندا آهن تہ سائنين کائڻ سان پيٽ ڏاڍو (قبض) ٿي پوندو آهي، پر سچ پڇو تہ منهنجو پيٽ تہ ڪونئرو ٿي پيو. مون تي نہ وسنهو تہ اوهان پاڻ کائي ڏسو تہ ويسهہ اچيوَ. بس ڏٿيءَ سڳوري جي اُپايل سارين شينُ جو ڪهڙو ڪهڙو وستار ڪجي!

## 82- ڦلا ۽ پڳڙا

ڦلا آهن تہ بروبر هڪ هلڪڙي ۽ سستي شيءِ، پر انهن جو مزو بہ انهن سان آهي. ڦلا ڪيئن تا پُججن ۽ ڇا مان تا ناهجن، اهو ڏسڻ جهڙو ڪم آهي. پوڳڙي ڇا ڪندا آهن، جو اڇي جوئر، ڳارهڙي يا ڳاڙهي جوئر ۽ مڪائيءَ جا مڻ وني، ڇندي ڦوڪي ڪٽي پُسائيندا آهن. جڏهن وَٽ ۾ اچن تہ پاٽيءَ مان ڪڍي، پوءِ پنهنجي وڏين تَيُن هيٺان پوري پُني باهہ ڏيئي، اُن ۾ وجهن واري. جڏهن واري ڏاڍي ڪوسي ٿئي، تڏهن ان ۾ مُنيون پري مٿي بُڏايل اناجن جون وجهن تہ انهن جا داڻا ڦلاتجي پوندا ۽ انهن مان اڇا اڇا سهٽا ڦُلا نهي پوندا. اهي ڇاڻيءَ سان ڪڍي، وجهندا پر ۾ رکيل تڏي تي. واري تہ ڇاڻيءَ سان نڪري ويندي، باقي ڦُلا پيا ڪِلندا. مڪائيءَ جا ڦلا وڏيرڙا ٿين، جو مڪائيءَ جا داڻا بہ جوئر جي داڻن کان وڏا هوندا آهن. مون ٽيئي جنسون کائي ڏٺيون آهن. ڳارهڙيءَ جا ڦلا وڏيڪ وڻندا آهن، پر پيا بہ گهٽ ڪينهن. ويچارا مسڪين انهن ڦلن تي ويلن جا ويلا پاري ڇڏين. ٻي شيءِ مهانگي، ان ڪري ڦلن جي ٻن منين تي هنن جو ويلو پري وڃي. پوڳڙين جي دڪان تي ڦلن جو نهڻ ۽ وڪامڻ ڏسڻ وٽان آهي. ڦلا ٿين هلڪا، سو سير وٽ تہ ساهميءَ جي پُڙ ۾ ڪٿان ٿو ماپي! ڇبيءَ يا ڇلِيءَ ۾ وجهي توري ڏبا آهن ۽ گرا هڪ گندي يا اجرڪ وڇائي ڪٽي پُنارڪ ٻڌندا آهن. پيرن- فقيرن جي ٻُنين تي ڦلا ورهائيندا

انهن جي ڪڙپ يعني ڳنن مان چڱيءَ پَر ڊؤ ڪن. ايندي ويندي، هلندي چلندي، ويٺي يا ليٽي، ڳنو ڏندن سان ڇليندا ويندا ۽ چوپيندا مٺي رس پيي، باقي چوپا اُڇليندا ويندا. تان جو اهڙو ڊؤ ڪندا، جو وڏيون وڏيون اوڳرايون ايندن، تڏهن ڳنن جي جند منجهانئن ڇٽندي. اڃي جوئر جي ڪانن ۾ ڪو ياڳين مٺو ڳنو نڪري. گهڻو ڪري سڀ ڪانا ڪانگڙ ٿين، باقي ڳارهڙيءَ جا ڳنا سڀ جا سڀ مٺا جهڙا پتاشا. ڳنن جو هڪ الڳ نمونو ٿيندو آهي، جنهن کي ڪماندڙي چئبو آهي. جوئرن جو اَنُ بہ ڪم اچي، پر ڪماندڙيءَ جو اَنُ ڪونہ ٿئي، سنگ مال کي ڪارائبا آهن ۽ ڳنا ماڻهو کائين. جنهن کي اسين ڪماند چئون ٿا، ان کي اردو ٻوليءَ ۾ "گنا" چون. اسين ان اکر ۾ "گ" ڏيون ۽ هو "گ" ڏين. ڪماند ٿلهو ٿئي ۽ رس جام ٿنيس. ان مان ڳڙ ۽ کنڊ بہ ٺهي. ڪماندڙي معنيٰ ننڍڙو ڪماند. مٺو آهي، ان ڪري کيس اهو نالو ڏنو اٿن. ڪماندڙي جوئر وانگر ڏار ڪانہ پوکجي. وونٽن جي پوک ۾ اُن جو ٻج ڇٽين. اها ڪماندڙي پنهنجن ٻارن ٻچن ۽ يارن سنگتين لاءِ پوکين، جن کي ڪماندڙيءَ جي ڪانن جا ڀن سوئي گڏا ٻڌي، سوکڙيءَ وانگي گهر موڪلي ڏين. ڪماند کي شهرن ۾ چلي ڳترا ڪري، چانديءَ جي پَني (ورق) لائي، ڳنڊيري ڪري وڪڻن ۽ چڱا پئسا ڪمائين. پر اسان جي ڳارهڙي جوئر ۽ ڪماندڙيءَ جا ڳنا جتي ڪٿي ڪونہ وڪامن، پر ننڍن ڳوٺن ۾ ڪماندڙيءَ جا ڳنا بہ وڪامندا آهن. اڳي تہ هڪ ڳنو پئسي پئسي ملندو هو، هينئر تہ ڀن آنن ۾ بہ نٿو ملي، پر تہ بہ هارين ويچارن کي پورهيي جيترو لاڀ مس پڙ تو پوي، چو تہ ڏڪار ڏاڍو آهي، سڀ شيون عرش سان ٿيون ڳالهيون ڪن، هرڪا شيءِ ڏهوڻي ويهوڻي ٿي ويئي آهي، بلڪ اڃا بہ وڌيڪ. ماڻهو ويچارا وڃن سوڪيڏا نهن وڃن! ڪماندڙي ان ڪري بہ وڌيڪ سٺي آهي، جو ڳنا ڪوئنرا ٿينس، ٻار ٻچو سولائيءَ سان چلي چٻاڙي چوپي کائي. ڪماند ڏاڍو آهي، جن ٻارن سنها سنها ڳنن جو مزو نہ ورتو هجي، سي ڪماندڙي هٿ ڪري کائي امين ٿين ۽ ڏسن تہ ٻاجهاري سائينءَ ڇا ڇا ماڻهن جي سواد وٺڻ لاءِ اُپايو آهي. پوءِ ان وڙائتي واليءَ جا ڳڻ ڳائين!

# 84- رُمي

ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ کي ڪُلهن جي ڦٽيءَ پنيان سور پوندو آهي يا چيلهه ۾ ڏاڍو سور پوندو آهي. ڪيترين دوائن سان به نه لهندو آهي ته پوءِ ڀرازين ۾ ماڻهو ان کي سور واريءَ جاءِ تي رُميون هٽائيندا آهن. رُميون آهن ڇا؟ اهي نڪر جون ڪُپڙيون ٿينديون، جن ۾ وَٽيل نوڙي ڪولي ان جا ڪک وجهي، انهن کي تيلي ڏيندا آهن: جنهن جاءِ تي رُمي چنبڙائي هوندي آهي، اتي ڪٽ جي اُتي جي ڪَچي لولي ٺاهي رکندا آهن. پوءِ اها ڪُپڙي، جنهن کي رُمي چئبو آهي، سا اونڌي ڪري منهن پر اندر برندڙ باهه سميت اُبتي ڪري، اُتي مٿان هڻندا آهن ته اُتي سان سوگهي ٿي ويندي آهي، ۽ بناٽيڪ جي بيهي رهندي آهي، پوءِ اڌ ڪلاڪ کن ان کي ڇڏي ڏيندا آهن. ان جو ڦل اهو نڪرندو آهي، جو جنهن بُت جي ڀاڱي تي چنبڙائي ويندي آهي، ان جو رت مڙي سڙي اتي رُميءَ جي سَنڌي هيٺان اچي گڏ ٿيندو آهي. رت جي دوري جو داٻ اهڙو ٿيندو آهي، جو جڏهن رُمي لاهبي آهي ته اها جاءِ رت جي گڏ ٿيڻ ڪري، ڳاڙهي ٿي ويندي آهي. رُمي واري اندرين باهه جڏهن ختم ٿي ويندي آهي ته رُمي لاهي ڇڏبي آهي. به-ٽي ڏينهن انهيءَ ٻلي ڪرڻ سان اڳهي جو سور لهي ويندو، جو هونءَ ڪيترين ئي دوائن سان به نٿي لٿو.

هيءُ ساڳيو ٻلو ڊاڪٽر به ڪندا آهن، پر اهي وري شيشي جي گلاسن سان ڪندا آهن، جي انهيءَ ڪم لاءِ جُڙيل هوندا آهن. ڊاڪٽر جي ڪم ۾ اُجرائي ۽ سنائي وڌيڪ هوندي آهي. ان ڪري هاڻي ماڻهو اسپتالن ڏي گهٽو ويندا آهن، پر ڀرازيءَ جي رُمين وارو نمونو گهٽجي ويو آهي. هاڻي ته اهڙيون به دوائون ۽ ٽڪيون نڪري پيون آهن، جو رُمين هٽائڻ جي گهرج ڪانه ٿي ٿئي. پر تڏهن به ڪڏهن ڪڏهن رُمين هٽائڻ کانسواءِ ڪو به چارو نه رهندو آهي. سچ پچ ته اهو رُمين جو نمونو واهه جو ويچڻ ڪڍيو آهي! نه ته ماڻهو سور کان پيا ڦٿڪندا هئا. آهي سو ڏاڍو سادو نمونو، پر ڏاڍو ڪمائتو آهي. اجا به ڀرازين

۾ هلندو اچي ۽ جيستائين هيءَ پراڻي ۽ پرتوي آهي، تيستائين هلندو رهندو. جس آهي ان پهرئين ماڻهوءَ کي، جنهن سوچ هلائي هيءُ رستو ڳولهيو، جيڪو انسان پنهنجي مٽي جي ڪوپڙيءَ کان ڪم وٺي، ٻين لاءِ فائدو ۽ بچاءَ ڳولي ٿو، تہ اها سندس وڏي بندگي چئبي!

## 85- سارين جون بيماريون

ڪجهہ وقت اڳي جڏهن هتي هندو هئا، تڏهن هڪڙو وڏو هندو آفيسر منهنجي بابا سائين سان اچي مليو ۽ چانورن جي هڪ جنس ڪٽي آئي بابا کي ڏيکاريائين ۽ چيائين تہ هي چانور ڏسو تہ ڪهڙا نہ سٺا آهن. آءٌ هي ٻيجي لاءِ اوهان کي ڏيڻ لاءِ ڪٽي آيو آهيان. آئيندي هي چانور پوکجو. بابا ڪلي ڏنو ۽ چيائينس تہ سائين، چانور ڪونہ پوکبا آهن. انهن جون ساريون پوکبيون آهن. چانور ڦُٽندائي ڪونہ پر ساريون ڦُٽنديون. تڏهن ويچارو ڪجهہ ڦڪو ٿيو، چو جو هو تعليم کاتي جو آفيسر هو. خير جڏهن سارين جي پوک ڪبي آهي تہ پهريائين ٿوريون ٻاريون نا هي، انهن ۾ ٻيجو پوکبو آهي. پوءِ جڏهن سلا ٿين تہ انهن کي سڌين ڪَڪَر. سلا فوٽ-مُني جا ٿيا تہ اهي هٿن سان ڏاڍيءَ سنڀال سان پاڙن سوڌا پٽي ڪڍبا آهن ۽ انهن جون ننڍيون ننڍيون موڙيون ٻڌي رکبيون. پوءِ انهن ڪکرن جون موڙيون ڪٽي، جنهن زمين ۾ ساريون پوکڻيون هونديون، انهن ۾ رُنبو ڪبو آهي. رونبو چئبو آهي انهن سلن کي زمين ۾ رنبيندو وڃڻ کي. اهو سڄو ڪم جنهن ريت ڪبو آهي، ان جي ڪهاوت ڏِگهي ٿي ويندي، ان ڪري آءٌ ڪونہ ٿو لکان. منهنجي ڳالهہ جو مول متو آهي، سارين جون بيماريون سڻائڻ. هن سون جهڙيءَ سهڻي ۽ ملهائتي پوک کي ڪيترين ئي ڏکيائن جو منهن ڏسڻو پوندو آهي ۽ ڪيترين ئي بيمارين وڪوڙي ويندڙيون آهن: هڪ بيماري ٿيندي آهي گڏر جي جنهن ۾ سارين جا سلا وڌجي ويندا ۽ اوسر نہ ڪائيندا. گڏر هڪ نموني جو ڪيڙو هوندو آهي، جو سَلي جي ڪانيءَ ۾ پيدا ٿيندو آهي، جو اندران ئي اندران ڪاني پيو چٽ ڪندو، ان کي

# 92- لپٽي

جن لَپٽي هڪ پيرو ڪاڏي، سو ڪٿي تو لپٽيءَ کي وساري. گيهه ڪنڊ ته لپٽيءَ جو مَرڪ آهن. انهن سان لپٽيءَ کي چار چنڊ لڳي تا وڃن. انهن کان سواءِ ان کي ڏارو ڇنبو ۽ نه لپٽي.

ڪٽڪ کي جنڊ تي ڏري، پوءِ اها ڏريل ڪٽڪ رڌبي آهي. جڏهن هَڏُ پُڃيس، تڏهن ان کي گيهه جو داڳ ڏيئي، ڪنڊ وجهبي آهي. ڦوٽن جي ڪَڻِ وجهبس ته ڏاڍي سُرهي ٿيندي. جڏهن پاٽي، جو اڳيئي منجهس رڌڻ مهل وجهبو آهي، اهو سُڪي وڃي ته لپٽي تيار! دَمَ تي ڪٽي رکبس. دم اچڻ کان پوءِ سبحان الله! کائڻ وارا کائيندس. ڇا جا سيرا، ڇاجون سِيُون. سگهارو کاڌو به لپٽيَ هڪڙوئي آهي. جي روز رڌجي ته گيهه ڪنڊ جام کپي، ان ڪري ڪڏهن ڪڏهن سيا ڳڻ ڏينهن تي لپٽيءَ جي لاڳ ونبي آهي. ڪنهن ويچاري چيو آهي ته:

لعنت جي لپٽيءَ کان، يَرم جو يَت چڱو!

ان جو ارٿ اهو آهي ته شاهوڪارن جي نوڪريءَ ۾ لپٽيون کائي، ٽُڪ لعنت جهلبي، ان کان چڱو اهو ياڳ ۾ پڙ پوي سا چڱي. اها هڪ وڏي ساڃهه جي ڳالهه آهي ته پرايا محل ڏسي پنهنجا پونگا نه ڊاهجن ۽ نڪي اُڌار ڪٽي کاڌن جا مزا ونجن ۽ پوءِ پيو لهڻيدارن جو ٽُڪ ٻُجو سهجي.

خير، مون ڳالهه ڪئي ٿي لپٽيءَ جي، سو لپٽيءَ جي سواد جي ڪهڙي واکاڻ ڪري ڪهڙي ڪجي! لپٽيءَ جي نيرن ملي ته بس بيو ڇا کپي. اوهان ٻارن لپٽي ته گهٽي ئي گهُمرا کاڌي هوندي، وري به هيءُ پڙهي وَات پاڻي ٿيو هوندو؟ سو وڃڻ سان گهر وڃي پنهنجي اَميءَ کي چنجو ته لپٽي رڌي کارائيوَ. لکندڙ کي به پلاٽي ڪري گرانهه گرانهه تي ياد پيا ڪجو.

جهُلَ جي مٿان رکبو آهي پاکڙو. پاکڙي تي وري رَليون ۽ سَوَڙ پکيڙبي آهي تہ گا شو نرم ٿئي. انهن سيني شين کي ڦاٽڻ ٽُٽڻ کان بچائڻ لاءِ گا شي جي مٿان نَتَ وجهبي آهي، جنهن کي عربيءَ ۾ "نطعہ" لکندا آهن. نَتَ چمڙي جي ٺهيل هوندي آهي ۽ کُنڊيءَ سان مٿس پرت پريو ويندو آهي. نَتَ پٺجي وينئي تہ چوڌاري کَشٽو بَڌو ويندو آهي تہ گا شو اُکلي نہ پوي. بس پوءِ بہ خانا پاکڙي جا ٺهي پوندا آهن. پاکڙي جي اڳئين خاني جي مهڙ ۾ گا شو اهڙيءَ ريت ٻڌندا آهن، جو پرٺي تي گُڏي ٺهي پوندي آهي. جت گهٽو کري اڳين خاني ۾ ويهندو آهي ۽ سوار پوئين خاني ۾. بس اُٺ، جو گوڏا پڇيو ويٺو هوندو آهي، سو جڏهن اُٿندو تہ جت ان جون مهارون جهليندو، جي اُٺ جي نڪ ۾ پيل ناڪيلين ۾ ٻڌل هونديون آهن. اُٺ جون مهارون ڪشيائين تہ اُٺ هندوري وانگر اُٿي هلندو. جن اُٺ جي سواري ڪئي هوندي، تن کي پليءَ پت سُڌ هوندي تہ اُٺ جي سواري ڇا ٿيندي آهي. ڪي شاهوڪار ماڻهو پنهنجن اُٺن جي سينگار لاءِ گوهر يا چانديءَ جا تانيٿ (تعويذ) جنوئي بہ ساز جي زيورن وانگي ٻڌندا آهن، جي ڇم ڇم ڪندا هلندا آهن. لاڏو اُٺن کي وري گوڏن وٽ گهنگهر يا وٽ ٻڌندا آهن. منهن تي ڪوڏن جا موڙ، ڳچيءَ ۾ سُهليون ۽ ڳانيون، مَڌوءَ تي ٽُريارا، ٽوئر جهاٻا ۽ جهُوڙا پيا لڙڪندا اٿن؛ جن جو آواز پريان ئي ٻڌڻ ۾ پيو ايندو آهي. انهن جا سات هڪ ڊگهي قطار ۾ هلندي، اهڙو تہ مزو ڪندا آهن، جن جي ڳالهہ ڪهڙي ڪجي!

منهنجو چوڻ هو، جهُل ۽ نَت جو وستار ڪرڻ. جهُل، تر جون مايون رنگين ڪپڙي تي ٽُڪن سان پريندي ون ۽ سبينديون آهن- جيئن رليءَ جو مٿيون تهہ ناهيندو ويندو آهي. جس هجي انهن سگهڙ ماين جي هٿ کي، جي سئيءَ سان اهي هُنر ڏيکارين ٿيون. جهُل کي چوڌاري گهير هوندي آهي ۽ وچ ۾ اُٺ جي ٿُوهي لاءِ خال ڇڏيل هوندو آهي. نت وري تر ۾ ميگهواڙ ڪاريگر ناهيندا آهن. انهن جي هنر جي ڪهڙي واکاڻ ڪجي. نتون باکري کل مان

ٿا هيون ويندڙيون آهن، پر ٿر ۾ هرڻن هيڻ ڪري، ڪي سڪيا ماڻهو هرڻ جي کلن مان به نتون ٺهرائيندا آهن. بس نت جي مٿان ماڻهو چڙهي ويٺو ته ائين پيو ڀائيندو، ڄڻ ته ڪوهنور جي تخت تي ويٺو آهيان. ٿر ۾ جڏهن آءٌ اسڪولن جو ڊپٽي انسپيڪٽر هوس، تڏهن مون اهڙي سواريءَ جا سڀ مزا ورتا. نت ۾ جهُل پنهنجي ٺهرايم، پر زيورن جا ساز جتن جا پنهنجا هوندا آهن. بس ڳالهه ياد تي اچيم، ته ڀانيان ته جيڪر اوهان سيني کي ٿر ۾ وني هلي، اُن جي سواريءَ جو مزو وٺايان. جنهن گهوڙيءَ اُن جي سواري نه ڪئي، تنهن ڄڻ اڌ ڄمار وڃائي. موٽرن ۾ گاڏين جي سواري به نيڪ، پر سواري سچي پچي اها، جا وهٽن تي ڪجي. سنڌيءَ ۾ چوڻي آهي ته:

پڙهڻ، ترڻ، تير هڻڻ، چوٿين سواري،
نندي هوندي نه سکيو، ته وڏي هوندي خواري!

## 96- پوڪر

ٿرپارڪر ۾ ننگرپارڪر جي شهر وٽ ڪارونجهر ٽڪر ۾ هڪڙي نموني جو ڪچو پٿر ٿئي ٿو، جو ان ٽڪر جي واريءَ مان نهيل آهي. ان پٿر کي پوڪر جو پٿر چوندا آهن. اتي جا مسڪين مارو ماڻهو اهو پٿر سولائيءَ سان ڇيڻ ۾ چاپوڙن جي شڪل ۾ ڪڍي، ان کي ٽُڪي گهڙي، انهيءَ مان سرون گهڙيندا آهن ۽ انهن سرن مان پنهنجون سوڙهيون جهوپڙيون ٺاهيندا آهن. پنيون پوڪر جون ۽ ڇتيون ڇپرن جون جوڙيندا آهن، پوءِ انهن گهرن ۾ پنهنجيون ڄماريون گذاريو وڃن.

پوڪر جو پٿر وري اهڙو ٿئي، جو جيئن مٿس مينهن وسي، تيئن پڪو ٿئي ۽ ڳري بنهه ڪين. ڪارونجهر ٽڪر جو بيو سمورو پٿر پڪو ڳاڙهسرو ٿئي، جنهن جون جايون اڪثر سڪيا ماڻهو ٺهرائين يا سرڪاري آفيسون به انهيءَ پٿر مان ٺهن. پر ايڏي خرچ کي بي پهچ ڪٿي ٿا پهچي سگهن، ان ڪري اُهي پوڪر ڪم آڻين.

ڏٺيءَ سڳوري جي ذات ۾ جوڙ آهي، جو ڪارونجهر ٽڪر مان پڪو پٿر به نڪري ته ڪچو پٿر پوڪر به نڪري ۽ ٽڪر جي وچ وچ ۾ ڪٿي ڪٿي واريءَ جون پٿون به هونديون آهن. ڪن ڪن هنڌان ماربل (سنگ مرمر) جي ٻه-ٽي انچ ليڪ به هوندي آهي، جا ٽڪر جي پاڙ ڪان وني، مٿي چوٽيءَ تائين هلي ويندي آهي. ان ڪي ڏسي ماڻهوءَ کي تيرس پيو وٺندو، ڪيس ڏٺيءَ سڳوري جي سهڻي سناءَ ۾ جوڙ جو پتو پوندو ته جتي پٿر، اُتي واري! ٻيئي شيون هڪ هنڌ ملن! وري پٿر جي وچان چشما به جوڙيا اٿس، جن مان تڏڙو تڏڙو، مٺڙو منڙو پاڻي به سمي نڪري. 'انچليا سر ۽ ساردڙي' جا چشما آهن ننڍا، پر ڏيک ويک ۾ ڏاڍا پيارا لڳندا آهن. جيڪڏهن اوهان کي خدا جي جوڙ جو درشن ڪرڻو هجي ته وڃي ننگرپارڪر ۾ ڪارونجهر گهمي ڏسو، چو ته اکين سان ڏسڻ، ٻڌڻ ڪان هزارين گهمرا وڌيڪ آهي. ڏسڻ دل تي چٽ تي بيهي ٿو ۽ ڪڏهن به نٿو وسري.

## 97- ميٽ

ميٽ ته هڪڙي، گهر گهر جي شيءِ آهي، سا اوهان مان هرهڪ ڏٺي هوندي، توڙي اجڪلهه ان مان گهڻ ڪم ورتو وڃي ٿو. حيدرآباد جي گنجي ٽَڪر ۽ خيرپور جي ٽڪرين ۾ ميٽ جون ڪاٺيون هونديون آهن، جن مان ٻين ذاتن وانگر ميٽ به کوٽي ڪڍبو آهي. ان مان چڱو موچارو پئسو به ڪمائي سگهجي ٿو.

هينئر وهنجڻ لاءِ جتي ڪٿي ڏس ته سُرهو صابڻ ڪم آندو وڃي ٿو، پر اڳي وهنجڻ لاءِ ميٽ ڪان وڌيڪ ٻي ڪابه شيءِ سٺي ڪانه هئي. ماڻهو چا ڪندا هئا، ميٽ جو وڏو وٽو يا ڪٽورو مَلي، ان ۾ ٿورو تيل ملائي، ساري بدن کي ميٽ سان مليندا يا مهٽيندا هئا. ان ڪري سڄي بُت جي مَرُ ۽ مٽي، وارن مان سيڪا ميرائي، ميٽ مهِٽڻ سان اگهجي اُجري تي ويندي هئي ۽ بدن چمڪڻ لڳندو هو. خرچ به ڪو پئسو ڪن مس ٿيندو هو ۽ اُجرائي به صابڻ جي

پيٽ ۾ ڏهه گهمرا وڏيڪ ٿيندي هئي. هڪڙي فارسيءَ جي وڏي ڪويءَ، جنهن جو نالو "سعدي" سڳورو هو، ان پنهنجو هڪ ڪتاب "گلستان سعدي"، شروع ٿي اُن بيت سان ڪيو آهي، جنهن جو ارٿ هيءَ آهي:

1- هڪ ڏينهن مون کي پنهنجي پريءَ جي هٿن مان سُرهو ميٽ تڙ تي مليو.

2- مون ميٽ کان پڇيو ته تون ميٽ آهين يا ڪو عنبر يا مشڪ آهين، جو تنهنجي سُرهاڻ ڪري آءُ مگن ٿي ويو آهيان؟

3- ميٽ وراڻي ڏني ته آءُ آهيان ته اهائي ساڳي سستي مٽي، پر ڪجهه وقت گل جهڙي پريءَ سان گڏ گذاريو اٿم.

4- انهيءَ سُنڙيءَ سان گڏ ويهڻ ڪري مون ۾ اهو گڻ ٿيو آهي، نه ته آهيان ساڳي ميٽ جي مِٽي، جنهن جو هونءَ ڪوبه مُلهه ڪونهي! (هن جو اصلي بيت هيٺ به ڏجي ٿو).

ميٽ جو رنگ هلڪو پيلو هوندو آهي، پر ان تان پاڻ هڪ رنگ کي وڏيڪ نالو ملي ويو آهي. اسين ميٽ جهڙي رنگ کي ميٽائون رنگ چئون. ميٽ تان رنگ کي نالو مليو آهي، نه رنگ تان ميٽ کي.

اوهان کي جيڪڏهن منهنجي چوڻ جي سچائي ڏسڻي هجي ته ميٽ تيل سان وهنجي ڏسو ته سُڌ پويوَ. ميٽ تيل سان بدن مهٽڻ کان پوءِ جا بت کي سڪ سانت ايندي آهي، سا ڪيترا به دنيا جا حمام خانا (باٿ روم) يا غسل خانا پيٽيو، پر هڙو آنند ماڻهين نه ملي سگهندو. جهولي جي جهٽ لڳڻ کان پڻ ميٽ ۾ بصر جي ڪاتر ملائي وهنجبو آهي ته جهولي جو اثر لهي ويندو آهي:

گلي خوشبوءِ در حمام روزي
رسيد از دست محبوبي بدستم
بدو گفتم که مشکي يا عنبري؟
که از بوءِ دلاويز تو مستم

بگفتا من گِلي نا چيز بودم
وليکن مدت با گُل نشستم
ڪمالِ او در من اثر ڪرد
وگر هُما خاڪم ڪه هستم

چا ميت جهڙي هلڪي شيءِ، چا ان جو ٿار، جو اسان جو بدن ئي ٺري ڳڳَ ٿيو پوي. خدا جي جن وٽن ڪي اسين تيچ تا ياٽيون، انهن ۾ لکين لاپ سما يل آهن.

## 98- ڪَسوٽي

سون کي پرکڻ لاءِ بي ڪا به اهڙي شيءِ پروسي جهڙي نا هي، جهڙي ڪَسوٽي. ماڻهو جنهن تنهن ڳالهه ۾ چوندا آهن ته مون فلاڻي سنگتيءَ کي ڪسوٽيءَ تي پرکي ڏٺو آهي ته هو سچو نڪتو آهي. ڪڏهن ائين به چوندا آهن ته يار، آءٌ تنهنجي پرکڻ لاءِ ڪسوٽي آهيان، تون مون کان ڪٿي ٿو لڪي سگهين؟ وري ڪڏهن ڪنهن نگ کي ڪو نگي ڪندي پڪڙيندو آهي ته چوندا آهن ته "نگ نگ جي ذات. فلاڻي جي اڳيان آٿيوس ته هڪدم پرکي وٺي. هو نگن جي ڪسوٽي آهي." هن مان اها ڳالهه چِٽي ٿئي ٿي ته ڪسوٽي هڪ اهڙو اوزار آهي، جنهن سون ۾ نگي يا کوٽ يا مَٽ هوندو ته اوڏيءَ مهل پرکجي پوندو. چوندا آهن: "سون پرکجي ڪسوٽي، روپ پرکجي باهه- ماڻهو پرکجي تڏهن جڏهن به اکر ڳالهائي."

ڪسوٽي نيٺ آهي چا؟ هڪڙو ننڍڙو ڪارو پٿر هوندو آهي، جو سون جي شرافن (صرافن) وٽ هڪيو تڪيو رکيل هوندو آهي. ڪو به ماڻهو سون جو ڳهه ڳنو يا منڊي مَٽيو وڪڻڻ لاءِ سراف وٽ ڪٿي ويو ته هو ان کان اها وٺي، ڪسوٽيءَ تي ڪٿي گهڪا ڏيندس ته يلي سون ۽ مَني سون جي سُڌُ پئجي ويندي انهيءَ سارو ملهه ڏيندو. جي مورڳو ڪوڙو ڳهه پتل يا مَٽ به هوندو، ته اڇا ڪارا پڌرا ٿي پوندا ۽ نگ کي ڪٿي ڳچيءَ کان جهليندو.

ڏسو تہ آهي چا، رڳو هڪڙو پٿر جو ٽڪر، پر منجهانئس ڪيڏا نہ ڪاريج ٿا سرن. اهو پٿر نہ هجي تہ سون جي سچ ڪوڙ جي پرک ئي نہ پوي ۽ ماڻهو ويچارا لوهين ۽ نوڳين کان ٺڳجي ۽ ڦرجي وڃن. پر سراف منٿ ڪري وٺندس ۽ ٻڌائيندو تہ آهي سون، پر مَنو آهي. يا مورڳو سون ئي نہ آهي، يا چانديءَ تي سونو پاڻي چڙهيل آهي يا پِتل آهي يا ڪو ٻيو ڌاتو سون جي رنگ جهڙو آهي. هر ساديءَ شيءِ ۾ ڏٺيءَ سڳوري ڪانہ ڪا ڏاهپ ۽ اتاهہ سياڻپ رکي آهي، جنهنڪري ڪَرو ڪوتو پڌرو ٿيو پوي.

## 99- پڙلاءُ يا هوبهو

هڪڙي راجڪمار جي ڳالهہ ڪندا آهن تہ هو هڪ پيري گهوڙي تي چڙهي شڪار لاءِ نڪتو ۽ هلندي هلندي، هڪ ماٿريءَ ۾ اچي پهتو. ٻيا سندس نوڪر چاڪر پٺتي رهجي ويا. اتي هن هڪ هرڻ ڏٺو ۽ پنهنجي ساٿين مان هڪ کي ڏاڍيان سڏ ڪيائين. پاڻ چيائين تہ "اوپمرسنگ!" تہ ورندي مليس "اوپمرسنگ". وري چيائين تہ "ڪٿان پيو ڳالهائين؟" تہ وراڻي موٽي مليس تہ "ڪٿان پيو ڳالهائين." وري چيائين تہ "سگهو مون وٽ پهچ!" تہ موٽ ۾ اهوئي پڙاڏو آيو "سگهو مون وٽ پهچ." راجڪمار کي ڏاڍي ڪاوڙ لڳي ۽ چيائين "ٻُڌي ڇڏ مان توکي ترار مان ڪڍندس!" تہ ورنديءَ ۾ وري بہ ساڳيو جواب مليس. ڏاڍيءَ تپرس ۾ پنجي ويو ۽ ڪاوڙ ۾ ڳاڙهو ٿي ويو. اينتري ۾ هڪڙو سندس ساٿي بہ اچي پهتو. ان کان ڪاوڙ مان پڇيائين "پمرسنگ ڪٿي؟" تہ سندس ساٿي جواب ڏني ڏي تہ ان کان اڳ ساڳيو آواز آيو تہ "پمرسنگ ڪٿي؟" راجمڪار ڪاوڙ کان ذري گهٽ چريو ٿي چڪو هو ۽ ساٿيءَ کان پڇيائين تہ "هيءَ ڪير آهي، جو موٽائي ساڳيا اکر چوي ٿو ۽ مون سان چٽر ڪري ٿو؟ ساٿيءَ ان تي کيس کِلي ٻڌايو تہ راجڪمار! "هيءُ پڙلاءُ آهي. جيڪو اوهان آواز ڪيو ٿا، اهو ساڳيو ماٿريءَ جي چوڌاري، جبڪي ٽڪريون آهن، تن سان لڳي، موٽي ٿو اچي، چو تہ پهاڙ هڻڻ ڪري آواز

کي پرتي وڃڻ جي جڳهه نٿي ملي ۽ موٽي اسان وٽ پهچي ٿو." اتي راجڪمار جا ڏند چپن سان لڳي ويا ۽ وري وري آواز ڪرڻ لڳو ۽ ڏنائين ته برابر منهنجو ساڳيو آواز موٽي پيو اچي. ايتري ويرم ۾ پمرسنگ ۽ ٻيا به اچي سهڙيا. راجڪمار ٿڪائيءَ ڪان ڪنڌ ڪٽي هيٺ ڪيو. جڏهن ٻڌايائونس ته اهو پڙاڏو، پڙلاءُ يا هوبهو آهي. ان کي انگريزيءَ ۾ "ايڪو" چيو وڃي ٿو.

پارو جيڪڏهن اوهان پڙلاءُ ڪڏهن نه ٻُڌو هجي ته ڪڏهن پهاڙ تي چڪر هڻڻ واسطي نڪري وڃو ۽ آواز ڪري، موٽ ۾ پنهنجو ساڳيو آواز ٻُڌو، ڏسو ته پوءِ اوهان کي ڪيڏو نه مزو ٿو اچي. پڙلاءُ جو چرچو به عجب جهڙو آهي ۽ اهو ڪيئن ٿو ٿئي. ان لاءِ اوهان پنهنجي سائنس ماستر کان وڌيڪ سمجهائي وٺي سگهو ٿا.

## 100- پتڻ

جيئن سامونڊي جهازن جي بيهڻ واري جاءِ کي سامونڊي بندر يا "سي پورٽ" ڪوٺبو آهي، تيئن هوائي جهازن جي بندر کي هوائي اڏو يا "ايئرپورٽ" سڏبو آهي. وري جتي ريل گاڏي بيهندي آهي ۽ ماڻهو لاهيندي چاڙهيندي آهي، ان کي اسٽيشن يا ٽيشڻ چوندا آهن. اهڙيءَ ريت درياءَ پار ڪرڻ لاءِ، جتي پليون نه هونديون آهن، ته ٻيڙيءَ تي چڙهي هڪ پاسي کان ٻئي ڪناري تي وڃبو آهي. اهڙين جاين کي، جتي ماڻهن جي درياءَ پار ڪرڻ لاءِ ٻيڙيون بيٺل هونديون آهن، تن کي 'پتڻ' چئبو آهي. پتڻ جي ٻيڙين تي ماڻهن کان سواءِ گڏهه، گهوڙا، اُٺ ۽ ٻيو مال به چاڙهي پار ڪبو آهي. اوهان کي اها سڌ ته اڳيئي آهي، ته اُن پاڻيءَ کان ڊڄندو آهي ۽ پاڻيءَ ۾ ڏاڍو ڏکيو پير وجهندو آهي، تنهنڪري پتڻ جي ٻيڙيءَ تي پير رکڻ ۾ ڪيٻائيندو آهي ۽ ڏاڍو ڏکيائيءَ سان چڙهندو آهي. هڪڙو ماڻهو سندس مهار وٺي ٻيڙيءَ تي چڙهي ڇڪيندس ۽ ٻيو پٺيان ڏنڊا هڻندس، تڏهن مس مس وڃي ان کي ٻيڙيءَ تي چاڙهيندا. ٻيڙيءَ تي چڙهڻ مهل ڏاڍيون گوڙون ڪندو آهي، رڙندو آهي ۽ مار

ڪائيندو آهي. ان ڪري سنڌيءَ ۾ پهاڪو نهي ويو آهي ته "اڙي سڌري وڃ، نه ته اهڙي مار ڪائيندين، جهڙي اُن ڪائي پتڻ تي!"

پتڻ جي ٻيڙي پاتڻي هلائيندا آهن. ماڻهن جو پُور پريو ته الله جو آسرو ڪري ٻيڙيءَ جا پڳهه ڇوڙيندا ۽ ڏاڍيءَ سنيال سان لوهه جي ناتاري، جا ڪناري تي ٻيڙي جهلڻ لاءِ ڪتل هوندي آهي، سا پَتَ مان ڪڍي، ونجهن سان ٻيڙي هلائي درياءَ جي وچ سير مان تاري اچي پار ڪندا آهن. هينئر به اسان جي درياءَ جي آرپار ڳوٺن ۽ شهرن ڪي پاڻ ۾ ڳنڍيندين تا. پاتڻي ويچاري جي ايڏي پورهيي جو ڦل ڇا تو مليس؟ آڌيو يا رپيو هرڪو ماڻهو تو ڏني. سينيَ سوارين ۾ ڏکي سواري پتڻ جي، پر مزدوري گهٽ آهي. ان جي بدران ريلن ۽ جهازن ۾ ڳاتي پڳا پاڙا. جي غريب ماڻهو پري ئي ڪين تا سگهن ۽ جي ويچارا ڪٿي وڃن ته جانورن تي سواري ڪن يا پنڌ ڪري پهچن.

پتڻ جي ٻيڙي، جڏهن الله جي آسري ڇُٽندي آهي، تڏهن ان جو ڏيک ويک ڏسڻ وٽان هوندو آهي. ڪيترا ماڻهو ڪنميرائون ڪٽي ايندا آهن ۽ پتڻ جي ٻيڙيءَ جا هلڻ مهل فوٽا ڪڍندا آهن. وچ سير تي جڏهن ٻيڙي ايندي آهي، اهو ناٿو ڏاڍو ڊپ وارو هوندو آهي، جو درياءَ جي سير ۾ پاڻيءَ جي تکَ ڏاڍي هوندي آهي، جنهن ۾ ڳريون ڳريون وٽون به لڙهيو وڃن. پر جَسُ هجي ناکئن کي، جي دل جهلي ٻيڙيون هاڪارين تا. انهيءَ ڪري ته مهاڻن کي ملاح يا اميرالبحر ڪوٺيو ويندو آهي.

## 101- وهائي

اوهان کي اها ته سڌ آهي ته ننڊڙو ابهم ٻچڙو، اسان وڏن وانگي سپنا ڪونه ڏسي، سپنا ته ڏسون اسين وڏا. جيڪي ڏينهن جو ڪم ڪريون يا ٻڌون سُڻون يا جيڪي يادگيريون هونديون اٿئون، اهي سپنن ۾ ڏسندا آهيون. ڪي سپنا بيمارين ڪري به ٿيندا آهن: ۽ جي ڪاڏو پيٽ ۾ نه ڳريو ته پيٽ تي جيڪو بوجو ٿيندو آهي، ان ڪري به سپنا ڏسڻ ۾ ايندا آهن. پر ننڍڙن ٻارن کي ٽنجڻ

۾ يا بي سمجهيءَ جي جمار ۾ ڪا بہ سُڌ ڪانہ هوندي آهي، سي سپنا ڪونہ ڏسن. ان هوندي بہ اوهان ڏٺو هوندو تہ ڪڏهن ڪڏهن ننڍڙو ٻار ننڊ ۾ کلندو آهي ۽ اسان کي اهو ڏسي مزو پيو ايندو آهي. ٻار جي انهيءَ کل کي چوندا آهن تہ "هن کي وهائي تي کلائي." انهيءَ کلڻ کي وهائيءَ جي کل چوندا آهن. جڏهن ڪو وڏو ماڻهو وڏيون وڏيون اڻ ٿيڻيون ڳالهيون ڪندو آهي يا آسرا رکندو آهي تہ ان کي بہ چوندا آهن تہ "ميان، اجايا پهہ نہ پچاءِ، خوش پيو ٿين، سو وهائيءَ کلايو اٿئي ڇا؟" وهائي کي وِيائي يعني جنم وٺڻ بہ چئجي.

وهائي کلائي تہ الاجي ڪيئن ٿي، پر ڪي ڏرمي ماڻهو چوندا آهن تہ: ٻار جو آتما پوتر ٿئي ٿو، هو جمڻ کان اڳ روحن جي دنيا جا نظارا ڏسي کلندو آهي. سچي پچي جاڻ ڏٺيءَ سگوري کي آهي. وڏيڪ هن ڏس ۾ وڏا وڏا ڊاڪٽر ۽ ويج ٻڌائي سگهندا تہ وهائيءَ جو ڪم ڪيئن ٿو ٿئي يا وري وڏا ڏرمي منش ان لاءِ ڪجهہ چئي سگهندا. آءٌ هن لاءِ وڏيڪ ڪجهہ بہ نہ چوندس. اوهان وڏا ٿي پڇا ڪري 'وهائيءَ' تي ڪو وڏو ليک لکجو تہ اوهان جو بہ جَسُ ڳائجي.

✳

# سنڌي ادبي بورڊ پاران
# ٻاراڻي ادب تي ڇپايل ٻيا ڪتاب

| | | |
|---|---|---|
| شيطان جي ناني | مرزا قليچ بيگ | 12/= |
| وامق عذرا | مرزا قليچ بيگ | 12/= |
| ڀائي وائي ڀائي وزو | مرزا قليچ بيگ | 12/= |
| لبا خان درزي ۽ خليفو کهنگ | مرزا قليچ بيگ | 12/= |
| پٽيل اکيون ۽ پوريل اکيون | مرزا قليچ بيگ | 12/= |
| شهزادي قدم برگ | مرزا قليچ بيگ | 12/= |
| عجيب طلسم | مرزا قليچ بيگ | 12/= |
| ٽي ديو يا راڪاس | مرزا قليچ بيگ | 12/= |
| نيلو پکي | مرزا قليچ بيگ | 12/= |
| ٻه جاڙا ڀائر | مرزا قليچ بيگ | 12/= |
| شهزادي محبوب جي آکاڻي | مرزا قليچ بيگ | 12/= |
| رستم | مرزا قليچ بيگ | 12/= |
| ڇهه ڇهه پئسا ٻه ٻه پايون | ڪشنچند بيوس / مرتب نصير مرزا | 30/= |
| واندڪائي جي وندر | مخدوم محمد صالح ڀٽي هالائي | 25/= |
| گرم جون آکاڻيون | خانصاحب مريد علي | 50/= |
| ٻارن لاءِ آکاڻيون | مراد علي مرزا | 25/= |
| ايسپ جون آکاڻيون | ديوان ننديرام ميراڻي سيوهاڻي | 45/= |
| مهڪار (ٻارن لاءِ شاعري | خليل "عارف" سومرو | 30/= |
| سائنس بخشي سونهن | غلام محمد غازي | 30/= |

# پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌائڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَــنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَــنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، پَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بِين لفظن ۾پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَــنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِيـن. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَـن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَـن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي ته هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن به رُڪاوٽ کي نه مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو ته:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو بوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٺين، جيڪي بہ ڪٺين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ -

اِن حسابَ سان اٽڃاٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ "هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو" ناداني ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نـہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڙ ڪي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪچي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻجاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **ڇو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها، توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)